THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت
حيدرآباد
Regd: NO-2430-B
68 YEAR
1958 - 2026
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 • 4538862-3 • Fax: 2272038-9 • 4543839 - 2639492- Lahre Ph: 5854047-8
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

بلوچستان ۾ معدنيات جو تحفظ لازمي آهي، بلوچ نوجوانن کي قومي ڌارا ۾ شامل ڪرڻ لاءِ قدم کڻڻ ٻيا: وزيراعظم

صوبي ۾ معدنيات سان لاڳاپيل منصوبن تي ڪم ڪندڙ مقامي ۽ عالمي ڪمپنين کي پاڪستان تي اعتماد برقرار رکڻ جو لاءِ انهن کي محفوظ ماحول فراهم ڪرڻ لازمي آهي

دهشتگردي جي مڪمل خاتمي لاءِ پوليس ۽ بين فورسز جي بهترين سگيءَ تي نئين ٽيڪنالاجي انتهائي اهم: اهم رهنمائي ورين ۽ فرنٽيئر ڪور جي مقرري سان بلوچستان ۾ معدنيات جي تحفظ لاءِ اضافي قائم ٿيندڙ

بلوچستان ۾ 99 سيڪٽر آفيسرن کي پوليس آف شمسي ٽرائفائي جي منصوبي سان بلوچستان ۾ 15000 کان وڌيڪ گهرن کي فائدو پهتو آهي، هيستائين 105 آربٽ رين جي بچت ٿي چڪي آهي

آپريشن غضب الحق، پوري قوت ۽ عزم سان جاري آهي، دهشتگرد پاڪستان کان مصر، شهرين جي جان ۽ مال جو تحفظ يقيني بڻائي سگهجي ٿو: دهشتگردي کي سخت سزا ڏني سگهجي

وزيراعظم بلوچستان سميت ملڪ جي ٻين حصن ۾ دهشتگردي جي خاتمي لاءِ ڪتيل قدمن تي ڇهڪ آڻيندي ٻڌايو ته ڪتيل قدمن ۾ فورسز سميد عام شهرين، مئيز ۽ پاڪ فوج جي خراڻ تحسين پيش ڪيو

وزيراعظم کي بلوچستان ۾ سيڪيورٽي صورتحال، دهشتگردي جي خاتمي ۽ ترقياتي ڪمن جي لاءِ قدمن جي نگراني ۽ بهتري جي لاءِ قدمن ۽ ٻين معاملن تي بريفنگ



ڪرڪيٽر، وزيراعظم محمد شهباز شريف صوبائي ايڪسائز ڪميشنر جي آفيسن جي صدارت

سنڌ ڪابينا جو اهم ۽ هنگامي اجلاس سيڪريٽ طلب، وڏو وزير صدات ڪندو

ڪراچي (ڪيٻرو رپورٽ) سنڌ ڪابينا جو هڪ اهم ۽ هنگامي اجلاس خميس ڏينهن

بقايا نمبر 24 ڪالم صفحو 2



ڪرڪيٽر، گورنر بلوچستان جعفر خان مندوخيل وزيراعظم محمد شهباز شريف کي استقبالي هڪدي

آمريڪا جي هڪ مسجد ۾ فائرنگ، بن حملي آرن سميت 5 ماڻهو مارجي ويا

واقعو رياست ڪيليفورنيا جي شهر جي سان ڊيگو جي هڪ اسلامڪ سينٽر جي مسجد ۾ پيش آيو

بقايا نمبر 25 ڪالم صفحو 2

ٻيارهن جن ۾ 2 فائرنگ ڪندو ۽ شامل آهن جن ۾ 2 فائرنگ ڪندو ۽ مسجد جي اندر فائرنگ ڪري زخمي ٿيا ۽ 3 ماڻهو مارجي ويا

ايران تي حملو ڪرڻ وارا هنڌ سين، پر سعودي عرب، يو اي اي ۽ قطر سان ڪي روڪي روڪو: صدر ٽرمپ

نار ملڪن جي آڇ ڪئي

جيڪڏهن ڪو قابل قبول معاهدو نه ٿي سگهيو ته آمريڪي فوج ڪنهن به وقت ايران تي حملو ڪندي: آمريڪي صدر

آمريڪي بحري ۽ هوائي فوج کي خليج ۾ هارمز آف ريڪو ويو آهي، اسرائيل پڻ ممڪن ڪليل ڪارروائي تي غور ڪري رهيو هو

واشنگٽن (ڊ ن) آمريڪي صدر ونلڊ ٽرمپ جي ڪليل فوجي حملي کي ملتوي ڪري ڇڏيو آهي

بقايا نمبر 26 ڪالم صفحو 2

اتر وزيرستان ۾ ڪاميٽرنس آپريشن، 24 ڪلاڪن ۾ 22 دهشتگرد مارجي ويا

هنڌستان جي حمايت يافته خوارج دهشتگردن خلاف صفائي آپريشن جاري، مختلف علاقن ۾ اڃاڪي ڪوٻلا

دهشتگردن جي ٽڪنڊي مان هٿيار ۽ گولا بارود ۽ هڪ شير ٻرو آهي ماريچي ويل دهشتگرد مختلف سرگرمين ۾ ملوث هئا: آءِ ايس پي آر

بقايا نمبر 27 ڪالم صفحو 2

پشاور (م ن) خيبر پختونخوا جي ضلعي اتر وزيرستان جي شيوا تحصيل ۾ سيڪيورٽي

سنڌ اسيمبليءَ ۾ اسٽينڊنگ ڪميٽيءَ انور عورتن کي نمائندگي ڏيڻ سميت مختلف قراردادون منظور

اجلاس ۾ پرائيويٽ ممبرز ڊي جي موقعي تي مخالف ٽر جون ڪيترين ئي نجي قراردادون منظور ڪيون ويون

سرڪاري ٽوڪرين ۾ 15 سال عمر رعايت بابت قرارداد سپريم ڪورٽ جي فيصلي کي نظر ۾ رکندي وڏي

صوبي اندر ڏيڻندڙ قرلٽ ۽ قتل جي واقعن کي روڪڻ لاءِ اثرائتا قدم کنيا ويون : ميمبرن جو مطالبو



ڪراچي: سنڌ صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ سان اسيمبليءَ جي اجلاس ۽ خطاب ڪندي



سي پي اين اي جو سنڌ ڪميٽي 2026-27 جو اعلان، قاضي اسد عابد چيئرمين مقرر

حامد حسين عابدي ڊپٽي چيئرمين مقرر، غلام نبي چانڊيو، اعجاز الحق، انور ساجدي ۽ پيا ميمبرن ۽ شامل ڪميٽيءَ جو مقصد سنڌ صوبي ۾ ڪر ڪندڙ CPNE ميمبر اخبارن ۽ ميگزين جي مفادن جو تحفظ ڪرڻ آهي

پرنٽ ميڊيا جي معيار کي فروغ ڏيڻ لاءِ پرنٽ ميڊيا سرگرمين جهڙوڪ ڪنونشن ورڪشاپ ۽ سيمينار وغيره منعقد ڪرڻ پڻ آهي




قاضي اسد عابد (فائيل فوٽو)

ڪراچي پوليس هيڊ ڪوارٽر ۾ ٻجهي ٻنڊ، آفيسر آفاڪرام ۽ سنڌسي ڪيترائي پريشان

ڪارون هيڊ ڪوارٽر جي ٻجهي ٻنڊ ڏيڻ جي خبري سنڌ پوليس ايف آءِ آر سروس ۾ مختار ڏوهي ٻڌائي سڀ ٻارهن ڪلاڪن ۾ گرفتار ڪيا ويا، معاملي جا ٻيءَ تحقيقات جاري رکڻ جا حڪم ڏنا ويا

ڪراچي (ڪيٻرو رپورٽ) ڪراچي پوليس هيڊ ڪوارٽر ڪارون ۾ ٻجهي ٻنڊ ڏيڻ جي فرياديءَ ٻنڊ ڪئي وئي آهي سوءَ ۾ آفاڪي جي رچ ۾ ڪئي وئي آهي

بقايا نمبر 32 ڪالم صفحو 2



پاڪستان خلاف ناڪاري پروپيگنڈا ڪندڙ دشمن قوتون آخرڪار ناڪام ٿيندين: فيلڊ مارشل

چيف آف آرمي اسٽاف ۽ چيف آف ڊفينس فورسز فيلڊ مارشل سيد عاصم منير، نشان امتياز (ملٽري) ڪرڻيلا گيريژن جو دورو ڪيو، اعلي ترين معيار جي تربيتي معيار، ڪمري صلاحيت ۽ پيشيواراڻي مهارت جي تعريف ڪئي

آفيسرن ۽ سپاهين سان ٻاهمي ڳالهه ٻولهه ڪئي، آپريشن بنيان مرصوص ۾ سندن بهادري، جرئت ۽ پيشيواراڻي مهارت جي ساراهه ڪئي

پاڪ فوج عوام، هر پيڙهه حمايت سان هر قسم جي دهشتگردي جي مڪمل خاتمي لاءِ پرعزم آهي، پاڪستان هر قسم جي دهشتگردي جي ڌمڪين کي ڪچلي ڌڏيندو

پاڪستان جي ترقي، کي پراڪسيز ۽ ناڪاري پروپيگنڊا ذريعي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪندڙ، ڏسئي ڦوٽون رياست جي مضبوطيءَ ۽ عوام جي اتحاد سميد آخرڪار ناڪام ٿيندڙون: سيد عاصم منير جو تقريب ڪي خطاب

ڪرڻيلا گيريژن ۾ فيلڊ مارشل سيد عاصم منير جو فقيدالمثال استقبال



اسلام آباد: ڪرڻيلا چيف آف آرمي اسٽاف فيلڊ مارشل سيد عاصم منير تربيت حاصل ڪندڙ آفيسرن ۽ فيلڈ مارشل سميمن کي خطاب ڪري رهيو آهي

سنڌ جي سمورن ايئر پورٽ کي پنهنجي علاقن ۽ ڊوهارين جي سرپرستي ختم ڪرڻي پوندي

پنڪي معاملو هڪ "ٻيسٽ ڪيس" آهي ڪاوڙن ۽ شاگرديائيين ۾ نه ٿالا ظاهر نه ڪيا ويندا، گهوڙ وزير

مڪ جواباره ڪي گرفتار ڪيو ويو آهي، هائي سنڊس سائين خلاف به سخت ڪارروائي ڪئي ويندي

نيٽ ورڪ جي پين ڪردارن خلاف جاچ جاري آهي، وڏن سهولتڪارن کي به جلد سوڪهو ڪيو ويندو

منشيات فروش ڪنهن به صورت ۾ بچي نه سگهندا، ۽ ڪين عبرت جو مثال ٻڌايو: ضيا الحسن لنجار

ڪراچي (ڪيٻرو رپورٽر) وزير داخله سنڌ ضياء الحسن لنجار چيو آهي ته "پنڪي

سي ايم هائوس ڪميٽيءَ صبا ۽ آمد صوباڻي کي وزير جام خان شورو شڪايتن ٻڌڻ لاءِ ٽيلفون تي ڏنل مختلف ڪالن سان لاڳاپيل عوامي مسئلا وزير اپهاڻي آڏو پيش ڪيا

عوام کي زور ڪالن ۽ سوشلائزن فراهم ڪرڻ سنڌ حڪومت جي اولين ترجيح آهي: صوباڻي وزير

ڪراچي (ڪيٻرو رپورٽر) وزير اپهاڻي جام خان شورو جي سي ايم هائوس ڪميٽيءَ سيل ۽ آمد، مختلف شهرين جون فون تي شڪايتون ٻڌيون ويون ترجمان وزيراعلي سنڌ موجب شهرين مختلف محڪمن سان

بقايا نمبر 4 ڪالم صفحو 2

اسحاق ڈار سان ايران، گذيل عرب امارات ۽ سعودي سفيرن جون ملاقاتون، خطي جي صورتحال تي ڳالهيون

پڌاپهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڈار سان ايران لاءِ پاڪستان جي نامزد سفير عمران احمد صديقي ڦهلي روانگي کان اڳ ملاقات ڪئي

نائب وزيراعظم سان گذيل عرب امارات ۽ پاڪستان جي مقرر سفير شفقت علي خان ۽ علاقائي سفيرن جي ڪانفرنس دوران ملاقات



اسلام آباد: سعودي عرب ۽ پاڪستان جي سفير احمد فاروق پڌاپهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڈار سان ملاقات ڪندي

اسلام آباد (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽ پڌاپهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڈار ايران لاءِ پاڪستان جي نامزد سفير شفقت علي خان ۽ علاقائي سفيرن جي ڪانفرنس دوران ملاقات ڪئي

ملاقات ۾ خطي جي صورتحال تي ويچار ويچار ڪيا ويا، ٻنهي پاسن کان علائقائي امن ۽ استحڪام لاءِ پاڪستان جي ڪوششن جو ساراهه ڪئي وئي

ملاقات ۾ ايران سان تعلقات کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ ۽ ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ اقتصادي ۽ واپاري تعاون وڌائڻ جي اهميت تي زور ڏنو ويو

ايران لاءِ پاڪستان جي نامزد سفير عمران احمد صديقي ڦهلي روانگي کان اڳ ملاقات ڪئي

ملاقات ۾ ايران جي صدر مسعود پزشڪيان جي خاص نمائندي ۽ ايراني وزير خارجه جي مشير علي لاريجاني سان علائقائي امن ۽ استحڪام جي صورتحال تي ويچار ويچار ڪيو ويو

پنڪي ٻيٽ ورڪ مان منشيات خريدڻ ۽ وڪرو ۽ معتبر ناڪا سامهون آيا آهن: آءِ جي

آنمول عرف پنڪي کي ايئرپورٽ تي ڪير وڃي، آسان جي گهر ۽ پار ۽ نياڻيون آهن

صوبي جي ڪچي ۽ 250 ڪلوميٽرن جي وسيع علاقي مان 625 ڏاڙيلن کي گرفتار ڪيو ويو آهي

هاڻ انهن علاقن ۾ پوليس پوسٽون، اسپتالون ۽ ويٽرنري سينٽر قائم ڪيا پيا وڃن: واپارين کي خطاب

ڪراچي (ڪيٻرو رپورٽر) آءِ جي سنڌ جاويد اوڏو کي تقريب دوران ٽيب ڪاپ ڏنو پيو وڃي

بي آر ٽي منصوبن جو مقصد اڀرندڙ نسلن کي بهتر سفري سهولتون فراهم ڪرڻ آهي: شرجيل ميمڻ

ايشيائي ترقياتي بئنڪ جي سهڪار سان ريڊ لائن بي آر ٽي منصوبي تي ب پيش رفت ٿي رهي آهي

حڪومت وڌيڪ بسون خريد ڪري پئي ۽ نجي سيڪٽر ڪارن کي به سيڪٽري جي دعوت ڏني پئي وڃي

سنڌ حڪومت سمورن چيئرمين کي منهن ڏيڻ لاءِ سنجيده قدم کڻڻي رهي آهي: اجلاس کي خطاب

ڪراچي (ڪيٻرو رپورٽر) سنڌ صوبي وزيراعليءَ جي سينئر مشير شرجيل انعام ميمڻ ڪهڙ ۾ ايڇ اي آر ٽي بي ڪمر حڪيل ٽي ڪمر ڪاهي ۽ ٻين متعلقه ادارن جي اعليٰ آفيسرن کي ٽرئفڪ جي مسئلن جو ڪارڊ ڏيڻ جي هدايت ڪئي

هنڌن جو روحاني پيشوا سنت ساڻين ساڻ رام جو ديهاڻت ٽي ويو، سوڳ ۾ ڪيترائي شهر بند

سنت ساڻين ساڻ رام صاحب ڏکڻي عرصي جي بيماري کان پوءِ سنگاپور ۾ ديهاڻت ڪري ويا

لاڳاٽي جي خبر جيئن ئي سنڌ ۽ ٻاهر ۾ رهندڙ هندو برادري، ۾ سمورڻ عالڪي ۽ ڏک ۽ سوڳ جي لهر ڇانيڪي وئي

ڏاڪوءِ مهل ميرپورخاص، ڪهوڙڪي، ٻاجوڙي، روهڙي ۽ ٻين علاقن مان هزارين عقيدتمند رهوڪي صاحب ڏانهن ويا

خانپور مهر، ميرپورماٿيلو، ڪهوڙڪي، ٻاجوڙي، روهڙي ۽ ٻين علاقن مان هزارين عقيدتمند رهوڪي صاحب ڏانهن ويا

خانپور مهر (رپورٽ: سڻي سينئر رپورٽر) سڄي سنڌ ۽ ٻاهر رهندڙ هندو برادري، ۾ سمورڻ عالڪي ۽ ڏک ۽ سوڳ جي لهر ڇانيڪي وئي



خانپور مهر: هندن جو روحاني پيشوا سنت ساڻ رام جو آخري ديدار ۽ جناتي جي تصويرن ٻڌي طرف مرڪ ۽ عورتون روڻي رهيون آهن

سنت ساڻين آمن جو پيغام هميشه ماڻهن جي دلين ۾ زنده رهندو

آخري رسمن ۾ پوري ملڪ مان وڏي ڳڻ ۾ عقيدتمندن جي شرڪت جو امڪان

خانپورمهر: آخري رسمن ۽ سنڌ سميت پوري ملڪ جي مختلف علاقن مان وڏي ڳڻ ۾

بقايا نمبر 10 ڪالم صفحو 2

سنت ساڻين ساڻ رام صاحب جن جو مڙهم اڄ سکر پهچندو: ڏيڀا

مڙهم 2 ڏڻي سکر پهچڻ بعد قافلي جي صورت ۾ رهڪي صاحب آندر ويندو

خانپورمهر: سنت ساڻين ساڻ رام صاحب جن جو مڙهم اڄ (اڄ) اربع ڏينهن متوجهه جو 2 ڏڻي سکر پهچندو، جتي عقيدتمند گاندر

بقايا نمبر 11 ڪالم صفحو 2

ارڙهين ترميم تي ڪو، سمجهوتو قبول نه ڪبو، آئين جي اصل روح کي مسخ ٿيڻ نه ڏينداسين: فضل الرحمان

جمعيت علماءِ اسلام (ف) جي سربراه سان سينيٽ جي اڳواڻي چيئرمين رضا رباني ملاقات ڪئي

ارڙهين آئيني ترميم صوبائي خودمختياري ۽ وفاقي وحدتن جي حفن جي ضمانت آهي: اڳواڻ

آئين سان وڏيڪ چيڙاڇ کي وفاق ۽ جمهوريت تي حملو تصور ڪيو ويندو: ڪڏيل بيان

ڪراچي (ڪيٻرو رپورٽر) جمعيت علماءِ اسلام (ف) جي سربراهه مولانا فضل الرحمان سان سينيٽ جي اڳواڻي چيئرمين رضا رباني ملاقات ڪئي



ڪراچي ۾ شاهنڪ سينٽر تي هفتيوار ڪاهه، سائبر ڪرائم ونگ جا زيور ۽ رقم قبضي ۾ ورتا

گلستان جوهر بلاڪ 17 جي شاهنڪ سينٽر ۽ ڏاڻي ڪيترين ئي ٻين علائقن مان ٻه ملزم گرفتار ڪيا ويا

ڪراچي (ڪيٻرو رپورٽر) گلستان جوهر بلاڪ 17 جي شاهنڪ سينٽر تي ڏاڻي ڪيترين ئي ٻين علائقن مان ٻه ملزم گرفتار ڪيا ويا



حيدرآباد: مال پڀي ۾ قربانيءَ جي جانورن جي نمائش ڪئي پئي وڃي

صوباڻي وزيرن جي مولانا فضل الرحمان سان ملاقات، سياسي، علاقائي ۽ عالمي صورتحال تي ڳالهيون

سينيٽر صوباڻي وزير شرجيل ميمڻ، ناصر شاهه ۽ ايم پي اي امداد پنهاڻي ڪراچي ۾ سومرو هائوس پهتا

ب ب اڳواڻن سان سربراه ڪي پارٽي چيئرمين بلاول پٽو طرفان گلدستو پيش ڪيو

ملاقات ۾ آئين، پارليامينٽ ۽ جمهوريت جي ڪردار کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ تي اتفاق ڪيو ويو

ڪراچي (ڪيٻرو رپورٽر) پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول پٽو زرداري جي هدايتن تي سينيٽر صوباڻي وزير شرجيل انعام ميمڻ صوباڻي وزير ناصر حسين شاهه ۽ سنڌ اسيمبليءَ جي ميمبر امداد پنهاڻي سان ملاقات ڪئي

بقايا نمبر 15 ڪالم صفحو 2

ڪراچي جي مختلف علاقن ۾ حادثن ۾ واقعن ۾ 6 جڻا فوت

ٻڌايو ويو آهي ته ڪاڪا ۽ برساتياڪا ۾ ٽي ڪار ۽ موٽرسائيڪل سامهون ٽڪرائجڻ سبب 3 ماڻهو جاڪوڙ ٿي ويا

ماڻهن سائيٽ سپر وائزر ۽ ٻه ڪاڪي جي علاقن مان ٻن جڻا ٻا لاش هٿ آيا

ڪراچي (ڪيٻرو رپورٽر) ڪراچي جي مختلف علاقن ۾ ٽريفڪ حادثن ۾ واقعن ۾ 6 جڻا فوت ٿي ويا آهن

بقايا نمبر 17 ڪالم صفحو 2

ڪراچي جي سرحبن ماحول دوست ۽ آلودگي کان پاڪ بڻائڻ لاءِ قدم جاري آهن: مرتضيٰ وهاب

آرين فارميسٽ منصوبو ماحولياتي بهتري، هوا جي آلودگي ۽ گهٽتائي ۾ اهم ڪردار ادا ڪندو

مجموعي طور تي هڪ لک وڻ لڳائڻ جو هدف مقرر ڪيو ويو آهي، ڊيڪڻ مرحلن ۾ مڪمل ٿيندو

ڪراچي (ڪيٻرو رپورٽر) ميئر ڪراچي بيرسٽر مرتضيٰ وهاب جميو آهي ته ڪراچي کي سرسبز ماحول دوست ۽ آلودگي کان پاڪ بڻائڻ لاءِ عملي قدم جاري آهن، آرين فارميسٽ منصوبو شهر ۾ ماحولياتي بهتري

ڪراچي ۾ ڪاميٽرنس سسٽم تي ڪم شروع، ڪمشنر ۽ ڊپٽي ڪمشنرن جي ڪارڪردگي جو جائزو وٺڻ جو فيصلو

ڪمشنر ۽ ڊپٽي ڪمشنرن جي ڪارڪردگي جو جائزو ماهوار بنيادن تي وٺڻ جو فيصلو

ڪراچي (ڪيٻرو رپورٽر) ڪراچي ۾ ڪاميٽرنس سسٽم تي ڪم شروع ٿي ويو آهي

ڪراچي ۾ ڪاميٽرنس سسٽم تي ڪم شروع، ڪمشنر ۽ ڊپٽي ڪمشنرن جي ڪارڪردگي جو جائزو ماهوار بنيادن تي وٺڻ جو فيصلو

ڪراچي (ڪيٻرو رپورٽر) ڪراچي ۾ ڪاميٽرنس سسٽم تي ڪم شروع ٿي ويو آهي

ڪراچي ۾ ڪاميٽرنس سسٽم تي ڪم شروع، ڪمشنر ۽ ڊپٽي ڪمشنرن جي ڪارڪردگي جو جائزو ماهوار بنيادن تي وٺڻ جو فيصلو

ڪراچي (ڪيٻرو رپورٽر) ڪراچي ۾ ڪاميٽرنس سسٽم تي ڪم شروع ٿي ويو آهي

ڪراچي ۾ ڪاميٽرنس سسٽم تي ڪم شروع، ڪمشنر ۽ ڊپٽي ڪمشنرن جي ڪارڪردگي جو جائزو ماهوار بنيادن تي وٺڻ جو فيصلو

ڪراچي (ڪيٻرو رپورٽر) ڪراچي ۾ ڪاميٽرنس سسٽم تي ڪم شروع ٿي ويو آهي

CLASSIFIED ADVERTISMENT

ڪورٽ نوٽيس

ڪنزيومرپروٽڪشن ڪورٽ/ فيملي جج ميرپورخاص
(روبرو جناب غلام فيض ساجد)
فيملي سوٽ نمبر 28 سال 2026

شريمتي سنگيتا ڌيءُ ميرخان زال ڪانجي هندو ذات ڀيل رهندڙ ماروي ٽائون تعلقو ضلعو ميرپورخاص ..پلينٽف بخلاف.. ڪانجي ولد Ajamal هندو بالغ ذات ڀيل رهندڙ ڳوٺ جروار تصريور روڊ ضلعو ٽنڊو الهيار ... ڊفينڊنٽس

نالي مٿئين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف سوٽ فار امائونٽ آف -/20000 روپيا لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 20-05-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

ڪنزيومرپروٽڪشن ڪورٽ/ فيملي جج ميرپورخاص

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/ فيملي جج V ٽنڊو محمد خان
گارڊين درخواست نمبر سال 2026

عبدالغفور ولد مرحوم محمد عثمان ذات لغاري رهندڙ ڳوٺ محمد خان لغاري تعلقو بلڙي شاهه ڪريم ضلعو ٽنڊو محمد خان ..اپليڪينٽ بخلاف.. (1) سحر بانو بيواهه محمد عثمان (2) فاروق احمد (3) ابوبڪر (4) حفظ سڀ پٽ ڌيئرون محمد عثمان.. اپوننٽس (1) رحمت الله (2) عبدالروف ... مائنر

نالي مٿئين اپوننٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿئين اپليڪينٽ زير قلم 29 گارڊين اينبوارڊ ايڪٽ تحت درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 20-05-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج V ٽنڊو محمد خان

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم II هالا
(روبرو جناب علي حسن مري)
فيملي سوٽ نمبر 69 سال 2026

مسمات نرما ڌيءُ شيرل زال شهزادو ذات اٺ رهندڙ پير مولا بخش ڪالوني هالا نيو تعلقو هالا ضلعو ميرپورخاص ..پلينٽف بخلاف.. شهزادو ولد علي نواز ذات اٺ رهندڙ محل مبارڪ ڪالوني ٽنڊو آدم ضلعو سانگھڙ.. ڊفينڊنٽس

نالي مٿئين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 01-07-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم II هالا

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/ فيملي جج V ٽنڊو محمد خان
گارڊين درخواست نمبر سال 2026

شريمتي سونيتا ڪماري بيواهه جي ڪمار هندو بالغ ذات لوهاڻا رهندڙ گلشن فيض ڪالوني ٽنڊو محمد خان ..اپليڪينٽ بخلاف.. (1) مختيارڪار روينيو ٽنڊو محمد خان (2) اسٽنٽ مينيجر نادرا ٽنڊو محمد خان (3) جنرل پبلڪ ايٽ لارج.. اپوننٽس

نالي مٿئين اپوننٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿئين اپليڪينٽ زير قلم 29،7،10 گارڊين اينبوارڊ ايڪٽ تحت درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 21-05-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج V ٽنڊو محمد خان

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب ايڊيشنل سيشن جج IX حيدرآباد
فيملي اپيل نمبر 32 سال 2026

سجاد حيدر لغاري ولد علي نواز لغاري رهندڙ سامهون بورڊ آفيس ڪرسچن ڪالوني حيدرآباد ..اپيلانٽ بخلاف.. مسمات حسنا ڌيءُ الله بچايو زال سجاد حيدر لغاري رهندڙ واڪي وسي ضلعو حيدرآباد ... ريسپونڊنٽس

نالي مٿئين ريسپونڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿئين اپيلانٽ توهان جي خلاف فيملي اپيل زير قلم 14 تحت درخواست داخل ڪئي آهي ججمينٽ اينڊ ڊڪري تاريخ 25-02-2026 جي خلاف تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 25-05-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

ايڊيشنل سيشن جج IX حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/ فيملي جج III مٽياري
(روبرو جناب نجيب الله سومرو)
فيملي سوٽ نمبر سال 2026

مسمات فضا ڌيءُ محبوب علي زال شاهنواز ذات لغاري رهندڙ اجرڪ ڪالوني مٽياري ..پلينٽف بخلاف.. شاهنواز ڪيريو ولد الله بخش ڪيريو رهندڙ وقار ٽائون انور ولاز فيز 2 قاسم آباد حيدرآباد ... ڊفينڊنٽس

نالي مٿئين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف سوٽ ريسٽوريشن آف ڪانجوگل رائيٽس اينڊ مينٽيننس لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 22-05-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج III مٽياري

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/ فيملي جج IV حيدرآباد
فيملي سوٽ نمبر 707 سال 2026

احمد حسين ..پلينٽف بخلاف.. مسمات ڪوثر زال احمد حسين ڌيءُ بشير احمد مستوئي رهندڙ فليٽ نمبر 04 ٽرڊ فلور بلاڪ 08 نسيم شاپنگ سينٽر نسيم نگر حيدرآباد.. ڊفينڊنٽس

نالي مٿئين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ ۽ مينٽيننس لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 14-07-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج IV حيدرآباد

عام اطلاع

هرعام وخاص کي آگاهه ٿو ڪجي ته نالي عتيق الرحمان ولد محمد رمضان شناختي ڪارڊ نمبر 4110218757421 هڪ عدد پلاٽ نمبر 202 ايراضي 400 مربع گز واقع حيدرآباد ڊويزن آفيسرز ڪوآپريٽو هائوسنگ سوسائٽي حيدرآباد جو سودو ان جي حقيقي مالڪ نالي رحيم بخش ولد عثمان علي شناختي ڪارڊ نمبر 4420371476937 سان ڪيو آهي اگر ڪنهن به شخص يا اداري کي ڪنهن به قسم جو ڪو به قانوني اعتراض وغيره هجي ته هن اشاعت جي شايع ٿيڻ جي 07 ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض دستاويزي ثبوتن سميت سوسائٽي آفيس حيدرآباد ڊويزن آفيسرز ڪوآپريٽو هائوسنگ سوسائٽي حيدرآباد شهباز بلڊنگ بلاڪ اي حيدر آباد کي آگاهه ڪري معياد گذرڻ ڪانپوءِ ڪو به اعتراض قابل قبول نه هوندو ۽ ٽرانسفر جي ڪاروائي مڪمل ڪئي ويندي

عتيق الرحمان ولد محمد رمضان معرفت پاشا اسٽيٽ ايجنسي حفيظ ٽائون لطيف آباد نمبر 03 حيدرآباد
سيل نمبر 03133499001

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج ڄامشورو
فيملي سوٽ نمبر 38 سال 2026

مسمات رضوانه ڪانڌڙو ..پلينٽف بخلاف.. (1) نياز حسين ڪانڌڙو ولد حاجي ارباب علي ڪانڌڙو سيل نمبر 03085729759 (2) فدا حسين ولد حاجي ارباب علي ڪانڌڙو رهندڙ ڪيڊٽ ڪاليج سانگھڙ سيل نمبر 03058462510... ڊفينڊنٽس

نالي مٿئين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف رڪوري آف ڊاور امائونٽ ڊاوري آرٽيڪلز اينڊ مينٽيننس لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 26-05-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج ڄامشورو

عام اطلاع

هرعام وخاص ماڻهن کي هن اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته اسان وٽ نالي رياض احمد ولد ڏني بخش ذات هنگورو رهندڙ ملوڪ هنگورو بي او عمر ساند ديهه هنگورائي تعلقو جهنڊو مري درخواست ڏني آهي ته نالي سليمان ولد محمد رمضان منهنجو چاچو تاريخ 2022-06-15 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جي تصديق بن شاهدن هرهڪ نالي (1) علي غلام ولد حسين رهندڙ ملوڪ هنگورو بي او عمر ساند ديهه هنگورائي تعلقو جهنڊو مري (2) خدا بخش ولد قادر بخش رهندڙ ملوڪ هنگورو بي او عمر ساند ديهه هنگورائي تعلقو جهنڊو مري يو سي هنگورائي آفيس ۾ حاضر ٿي اسان جي سامهون بيان ڏنو آهي ته نالي سليمان ولد محمد رمضان سنڌس پويان هيٺيان وارث (1) فوتي غير شادي شده هو فوتي جا (3) ڀائر هٿا جيڪي به فوت ٿي ويا آهن جن ۾ ولي محمد، محمد عالم، به غير شادي شده هٿا چڏيا آهن فوتي جا والدين اڳ ۾ ئي فوت ٿي چڪا آهن تنهنڪري هن اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته ڪنهن کي به هن فوتي سرٽفڪيٽ تي اعتراض هجي ته 07 ڏينهن اندر اسان وٽ اعتراض داخل ڪرائي ۽ مدو پورو ٿيڻ ڪانپوءِ اعتراض نه ٻڌو ويندو ۽ درخواستگذار کي فوتي سرٽفڪيٽ جاري ڪيو ويندو

سيڪريٽري يو سي هنگورائي تعلقو جهنڊو مري

ڪورٽ نوٽيس

سول / فيملي جج اينڊ جي ايم II سڪرنڊ
(روبرو جناب ارشاد علي خاصخيلي)
فيملي سوٽ نمبر سال 2026

مسمات صنوبر..پلينٽف بخلاف.. وحيد علي ولد احمد علي رند رهندڙ ڳوٺ موراڪ ڪنڊيارو تعلقو ڪنڊيارو ضلعو نوشهرو فيروز .ڊفينڊنٽس

نالي مٿئين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ مينٽيننس اينڊ جهيز جي واپسي لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 20-05-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول / فيملي جج اينڊ جي ايم II سڪرنڊ

عام اطلاع

هر خاص ۽ عام کي اطلاع ٿو ڏجي ته عرضدار نالي خليل الرحمن ولد محمد اسماعيل جوڻيجو رهندڙ ڳوٺ تاج محمد جوڻيجو تعلقو حيدرآباد اسان کي درخواست ڏني آهي ته سنڌس نالي مسمات زليخان بيواهه محمد اسماعيل جوڻيجو تاريخ 14-06-2010 تي فوت ٿي وئي آهي جنهن جي نالي تي زرعي زمين/ سروي نمبر 2،218/1 ايراضي حصي موجب ديهه سپڪي رعيتي ٽپو ٽنڊو ڄام تعلقو حيدرآباد ۾ آهي جنهن جو فوتي کاتو تبديل ڪري ڏنو وڃي فوتي فوت ٿيڻ ڪانپوءِ هيٺ ڄاڻايل قانوني ۽ حقيقي وارث ڇڏيا آهن اهڙي گواهي ٻن گواهن جلسه عام / بيان ڏني آهي (1) خليل الرحمن (پٽ) (2) محمد ابراهيم جوڻيجو (پٽ)(3) مسمات مهرالنساء (ڌي) (4) مسمات زبيده (ڌي) جنهن جا وارث مٿي ڄاڻايل آهن جنهن جي نالي تي فوتي کاتو تبديل ڪرڻ لاءِ درخواست ڏني آهي جيڪڏهن مٿئين وارثن ڪانسواءِ فوتين جو ٻيو ڪو به جائزوارث هجڻ جي دعوي ڪري ٿو يا ڪيس فوتي کاتو تبديل ڪرڻ تي ڪو اعتراض هجي ته هن اشاعت شايع ٿيڻ جي (07) ڏينهن جي اندر سمورن دستاويزي ثبوتن سان گڏ هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس واقع آفيس ايڊريس: جڪرا ڦاٽڪ ميرپورخاص روڊ حيدرآباد ۾ روبرو پيش ڪري معياد گذرڻ بعد فوتي کاتا تبديل ڪيا ويندا ۽ ڪوبه اعتراض يا دعوئ قابل قبول نه هوندو

مختيارڪار تعلقو حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

سول / فيملي جج اينڊ جي ايم II سڪرنڊ
(روبرو جناب ارشاد علي خاصخيلي)
فيملي سوٽ نمبر 41 سال 2026

مسمات اقصئ رضا ڌيءُ رضا محمد زال رهندڙ گهر نمبر 665 خانزاده محل تعلقو سڪرنڊ..پلينٽف بخلاف.. اويس ولد محمد ادريس راجپوت رهندڙ گل محمد اسٽريٽ سوائي روڊ تعلقو شهدادپور ضلعو سانگھڙ .ڊفينڊنٽس

نالي مٿئين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف جهيز جي واپسي لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 20-05-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول / فيملي جج اينڊ جي ايم II سڪرنڊ

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سينئر سول جج III شهيد بينظير آباد
ايف سي سوٽ نمبر 106 سال 2025

سيد غلام علي شاهه ولد سيد خادم شاهه ۽ ٻيا..پلينٽف بخلاف.. (10) وحيد ملوڪاڻي ولد يوسف ملوڪاڻي (16) اڪبر جتوئي (17) جبار اڙو (22 علي رضا نوناري رهندڙ ڳوٺ پڌ تعلقو قاضي احمد ضلعو شهيد بينظير آباد .ڊفينڊنٽس

نالي مٿئين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿئين پلينٽف سوٽ فار بڪلريشن اينڊ انجڪشن لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي زير قلم VII رول 1 سي پي سي ۽ ٻئي درخواست زير قلم 39 رول 1۽2 سي پي سي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 21-05-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سينئر سول جج III شهيد بينظير آباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/ فيملي جج حيدرآباد
فيملي سوٽ نمبر 51 سال 2026

شريمتي ويرو زال جيون رهندڙ ڳوٺ مولان تعلقو ضلعو حيدرآباد..پلينٽف بخلاف.. جيون ولد ڪشوري رهندڙ ڳوٺ مبارڪ خاصخيلي صابن دستي ضلعو بدين .اپوننٽس

نالي مٿئين اپوننٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف جوڊيشنل سيپريشن لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 21-05-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم II هالا
(روبرو جناب علي حسن مري)
فيملي سوٽ نمبر 25 سال 2026

مسمات فتح خاتون ڌيءُ صديق ذات ملاح رهندڙ درگاهه سرور نوح هالا نيو ضلعو مٽياري ..پلينٽف بخلاف.. علي بانو ولد عبدالڪريم عرف بلو ذات رند بلوچ رهندڙ ڳوٺ لالو منگواڻو ضلعو مٽياري 03053517968.. ڊفينڊنٽس

نالي مٿئين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 02-07-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم II هالا

بقايا 1 فيلڊ مارشل

رياست جي مضبوطي ۽ عوام جي اتحاد سبب آخرڪار ناڪام ٿينديون گڏريل ڏينهن آءِ ايس پي آر پاران جاري بيان موجب چيف آف آرمي اسٽاف ۽ چيف آف ڊفينس فورسز فيلڊ مارشل سيد عاصم منير نشان امتياز (ملٽري) ڪوئٽا گيريزن جو دورو ڪيو دوري دوران فيلڊ مارشل ڪمانڊ اينڊ اسٽاف ڪاليج ڪوئٽا ۾ تربيت حاصل ڪندڙ آفيسرز ۽ فيڪلٽي ميمبرن کي خطاب ڪيو پنهنجي خطاب ۾ هن ڪمانڊ اينڊ اسٽاف ڪاليج ڪوئٽا جي اعليٰ تربيتي معيار فڪري صلاحيت ۽ پيشيوارانه مهارت جي تعريف ڪئي جيڪا ان اداري جي نمايان سڃاڻپ آهي هن اطمينان جو اظهار ڪيو ته ڪاليج مان تعليم حاصل ڪندڙ آفيسر پنهنجي غير معمولي ڪارڪردگي ۽ پيشيوارانه لگن ذريعي مسلسل نمايان خدمتون انجام ڏئي رهيا آهن چيف آف آرمي اسٽاف جديد جنگ جي تيزي سان بدلجندڙ انداز تي روشني وجهندي ايڀرنڊ ٽيڪنالاجين ملٽي ڊومين آپريشن ٿنهي فوجن جي گڏيل شراڪتداري ۽ مستقبل جي جنگ جي ميدان جي چئلينجز کان باخبر رهڻ جي اهميت تي زور ڀريو هن آفيسرن کي هدايت ڪئي ته هو پاڻ کي ۽ پنهنجي فوج کي مسلسل تربيت ڏين ته جيئن جنگ جي بدلجندڙ نوعيت جو اثرائتي انداز ۾ مقابلو ڪري سهگهجي جڏهن ته پيشيوارانه مهارت، تياري ۽ آپريشنل برتري جي اعليٰ ترين معيار برقرار رکيا وڃن بعد ۾ فيلڊ مارشل بلوچستان ۾ مقرر فارميشنز جي آفيسرن ۽ جوانن سان ملاقات ڪئي موجوده سيڪيورٽي صورتحال جي مختلف رخن تي روشني وجهندي هن ان عزم جو ورجاءُ ڪيو ته پاڪستان جي هٿياربند فوج عوام جي ڀرپور حمايت سان هر قسم جي دهشتگردي جي مڪمل خاتمي لاءِ پرعزم آهي فيلڊ مارشل زور ڀريو ته پاڪستان جي تقدير ۾ شامل ترقي کي پروپيگنڊا ڪوڙين خبرن يا پرڏيهي سرپرستي ۾ ٿيندڙ دهشتگردي ذريعي روڪي نٿو سگهجي هن چيو ته پاڪستان جي ترقي کي پراڪسيز ۽ ناڪاري پروپيگنڊا ذريعي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪندڙ دشمن قوتون رياست جي مضبوطي ۽ عوام جي اتحاد سبب آخرڪار ناڪام ٿينديون بلوچستان ۾ پائيدار امن ۽ استحڪام جي اهميت کي اجاگر ڪندي فيلڊ مارشل چيو ته ترقي لاءِ عوام دوست پاليسي، جامع ترقي ۽ بهترين طرز حڪمراني اثر آهي جيڪا سيڪيورٽي قدمن سان گڏوگڏ ٿيڻ گهرجي هن

آفس آف دي اسسٹنٹ ڪمشنر تعلقہ ٽنڊو

نوٽيس عام اطلاع

1. جيئن ته سنڌ صوبي جي حق جي رڪارڊ جي آخري پيرو تصحيح تصديق 1985-86 ديران سنڌ لينڊ ريونيو ايڪٽ 1967 جي سيڪشن 40 تحت ڪئي وئي آن ڪاپيءَ ته سرڪاري ته ڪئي وئي آهي
2. درستگي کي يقيني بنائڻ سالميت برقرار رکڻ حق جو رڪارڊ درست ڪرڻ زمين جي رڪارڊ کي ڇيهل ڪرڻ جي مقصدن سان بورڊ آف ريونيو سنڌ 28 فيبروري 2025 جي ٻڌهنجي مڪمل بورڊ جي اجلاس ۾ صوبي ۾ زمين جي رڪارڊ جي هڪ خاص نظرثاني (پيهر لکڻ) جو فيصلو ڪيو آهي. جنهن جي شروعات ڏيهه غلام حسين تعلقي ٽنڊي ۾ ٿي رهي آهي
3. اهڙي طرح بورڊ آف ريونيو سنڌ حق جي رڪارڊ کي هڪ مضبوط ۽ معياري رڪارڊ کي يقيني بنائڻ ۽ آن کي ڪمپيوٽر ٽيڪنالوجي جي ذريعي آسان بنائڻ جي لاءِ هڪ خاص نظر ثاني (پيهر لکڻ) جي سرگرمي شروع ڪئي وئي آهي.
4. تهن کي سنڌ لينڊ ريونيو ايڪٽ 1967 جي سيڪشن 40 ياڻن ٽنل اختيارن کي استعمال ڪندي بورڈ آف ريونيو سنڌ حيدرآباد تاريخ 28 فيبروري 2025 نمبر 08 129/(II)/1- /Misc/R.W/BOR/2024/Rev حڪر ڏنو آهي ۽ هايت ڪئي آهي ته ڏيهه غلام حسين تعلقي ٽنڊي ضلعي ٽنڊي جي حوالي سان حق جي رڪارڊ ۾ هڪ خاص نظرثاني (تصحيح ۽ تصديق) ڪئي وڃي
5. حڪر هيٺ تصديق ۽ تصحيح ٽيل رڪارڊ سنڌ ريونيو ايڪٽ 1976 جي سيڪشن 42 جي ذيلي سيڪشن (11) (12) ۽ (13) جي تحت مقرر ڪيل ٽريبونل جي فريم ورڪ لاڳاپيل مختيارڪار ۽ پهرين گريڊ جي لاڳاپيل اسسٽنٽ ڪمشنر طرفان صحيح طور تي تصديق ٽيل هوندي
6. متاثر حوالي مطابق هيٺ ڏيهه غلام حسين تعلقي ٽنڊي ضلعي ٽنڊي جي ڪاٽيدارن جا تالا سروي نمبر ۽ انهن جي ايراضي ڏجي ٽي ڪنهن بي ملڪيت. سروي نمبر. ايراضي يا ٻئي ڪنهن ڳالهه تي اعتراض هجي ته اسسٽنٹ ڪمشنر تعلقي ٽنڊي جي آفيس ۾ 15 ڏينهن اندر اعتراض داخل ڪرائيندا ٻئي صورت ۾ مٿي جاڏايل رڪارڈ راسطيدار جي ناڻي سان پيهر ڪيو (ري رائيٽنگ) ڪيو ويندو

ڏيهه غلام حسين، تعلقہ ٽنڈو ضلعہ ٽنڈو

سيريل نمبر	ڪاٽيدار جو نالو	حصو	سروي نمبر	ايراضي	انٽري نمبر
01	سبز علي ولد مصري بروهي 42401-1739352-3	سجو روپيہ	369 504	03-36	144 31-12-2025
02	الهبخش ولد گهرام بروهي 41409-4639637-1	سجو روپيہ	420	ٽوٽل 02-27	142 06-10-2025
03	صفيان اسد ولد عدنان اسد 42301-6693567-5	سجو روپيہ	79	ٽوٽل 08-17	139 24-03-2025
04	عبدالرحمن ولد خميسو خان سمون	سجو روپيہ	69 655 654 59	5-23 9-15 4-34 2-30	133 16-01-2025
04	صابو ولد محمد عمر پليجو	سجو روپيہ	289	ٽوٽل 05-13	127 24-07-2024
05	1. مير محمد ولد محمد اسماعيل 41409-1832730-7 2. ميرحسن ولد محمد اسماعيل 41409-7668952-9 3. نورحسن ولد محمد اسماعيل 41409-832737-3 4. عبداللطيف ولد محمد اسماعيل 41409-6058524-1	سجو روپيہ	1085	ٽوٽل 06-15	126 26-07-204
06	1. عبدالله ولد محمد آچار 41409-0458533-7 2. آمون ولد آچار منگسي 41409-1075771-5	سجو روپيہ	86	ٽوٽل 5-16	119 12-06-2023
07	1. عبدالرحيم ولد محمد هارون ميمڻ 41409-2078910-7 2. شاهنواز ولد حاجي خان بروهي 41409-8648931-1	سجو روپيہ	74 75 76 268 339 269 323 324	8-25 3-05 02-10 03-05 02-18 3-25 01-08 03-01	99 12-08-2022
08	ڪاشف ولد عبدالحبيب ميمڻ 41409-8773005-3	سجو روپيہ	83	ٽوٽل 5-32	94 22-03-2022
09	1. رزق خان ولد لعل محمد بروهي 41409-1833974-3 2. علي اڪبر ولد لعل محمد بروهي 41409-4659863-7	0-50 0-50 سجو روپيہ	85	ٽوٽل 05-10	93 28-02-2022
10	1. پيارو خان ولد محمد سومار جاڪرو 41409-3224673-9 2. عبدالله ولد محمد سومار جاڪرو 41409-1212273-3	سجو روپيہ	544	ٽوٽل 7-34	92 27-10-2021
11	1. ميرحسن ولد عرس منگسي 41409-8405386-9 2. شير محمد ولد محمد عرس منگسي	0-50 0-50 سجو روپيہ	16	ٽوٽل 03-09	89 27-10-2021
12	دائود ولد محمد ابراهيم بروهي	سجو روپيہ	284	ٽوٽل 06-07	84 18-10-2021
13	غلام حسين شاهه ولد غلام اڪبر شاهه	سجو روپيہ	38	02-00	83 15-10-2021
14	عرس ولد خان محمد بروهي 41409-1360528-3	سجو روپيہ	327	ٽونل 04-39	79 27-04-2021
15	عدنان ولد غلام محي الدين قريشي 41409-1472948-3	سجو روپيہ	78	ٽوٽل 01-20	76 15-07-2020
16	1. محمد هاشر ولد ملان ابراهيم بروهي 2. دائود ولد محمد ابراهيم	0-50 0-50	325	ٽوٽل 04-37	74 03-02-2020
17	1. عبدالله ولد ڪانديرو 2. علي اڪبر ولد ڪانديرو 3. غلام حسين ولد ڪانديرو 4. پرير چن ولد پيسومل 41207-0967488-7 2. اشوڪ ڪمار ولد پيسومل 41207-9064960-5 شرح صدر شرح صدر شرح صدر	سجو روپيہ 0-15 0-10 0-12 0-16 ¼ 0-16 ½ 0-15 0-15 0-15 سجو روپيہ	287	ٽوٽل 06-25	71 28-01-2020 98 73 03-02-2020
18	1. محمد ابراهيم ولد پير محمد هالو (فوتي) 2. فيض محمد ولد پير محمد هالو 41409-6058407-5 3. احمد علي ولد پير محمد هالو 41409-1847977-5	1/3 0-33 1/3 0-33 1/3 0-33 سجو روپيہ	132/1P 132/1P 133/2P	01-00 0-20 01-20 ٽوٽل 03-00	68 02-01-2020
19	علي اڪبر ولد محمد رمضان بروهي 51401-2761192-5	سجو روپيہ	32 39 40 47 52 53 54 55 56 58	01-05 03-00 05-04 3-15 6-15 3-05 6-30 2-10 5-05 4-20 ٽوٽل 40-29	63 23-10-2019
20 هلندڙ	1. نور محمد ولد علي محمد 41409-1835230-1 2. صديق ولد علي محمد 41409-1835249-9 3. سيم ڏي؛ علي محمد 41409-8404557-8 4. الهبخش ولد صديق 41409-8725925-3	0-10 0-10 0-05 0-08			
20 هلندڙ	5. نبي بخش ولد صديق 41409-8650129-1 6. نسرين ڏي؛ صديق 41409-8650129-2 7. مريم ڏي؛ صديق 41409-3682219-2	0-08 ½ 0-04 ½ 0-04 سجو روپيہ			116 21-03-2023
20 هلندڙ	8. رفيق احمد ولد پير ڏنو ميمڻ 41409-4919934-7 9. منير احمد ولد پيرڏنو ميمڻ 41409-5635830-5 10. محمد شريف ولد پيرڏنو ميمڻ 41409-0296902-8 11. زاهده ڏي؛ پيرڏنو ميمڻ 41409-1167079-4 12. عثمان ولد محمد ميمڻ 41409-7398879-1	0-07 0-07 0-07 0-04 0-25 سجو روپيہ	96 03-05	½ 01-22 03-05	115 21-03-2023
21	محمد حسن ميربحر 41409-5935002-1	سجو روپيہ	662	ٽوٽل 6-25	67 ب 02-01-2020 145ب تاريخ 31-12-2025 ناظر وسترڪٽ ڪورٽ ٽنڈو ۽ گروي
22 هلندڙ	1. شهزاد ولد عبدالمجيد 2. گلاب ولد عبدالمجيد 3. ايار علي ولد عبدالمجيد 4. ڪاشف ولد عبدالمجيد 5. آمنہ زال عبدالمجيد 6. شبانہ زال عبدالمجيد 7. ابراهيم ولد محمد آدم ميمڻ 41409-2513355-7 8. عبدالستار ولد محمد آدم ميمڻ 41409-2513355-7 9. عبداللطيف ولد محمد آدم ميمڻ 41409-6196755-3 10. عبدالقادر ولد محمد آدم ميمڻ 41409-9280274-5 11. نورالنساء ڏي؛ محمد آدم ميمڻ 41409-5727904-0 12. جفيظا ڏي؛ محمد آدم	½ 0-3 ½ 0-3 ½ 0-3 ½ 0-3 ¼ 0-1 ¼ 0-1 ½ 16 ½ 16 ½ 16 ½ 16 ¾ 0-8 ¾ 0-8 سجو روپيہ	106	ٽوٽل 8-15	141 ب 01-08-2025 95 ب 22-03-2022
22 هلندڙ	1. محمد ابراهيم ولد محمد آدم ميمن 2. عبدالستار ولد محمد آدم ميمڻ 3. عبدالمجيد ولد محمد آدم ميمڻ (فوتي) 4. عبداللطيف ولد محمد آدم ميمڻ 5. عبدالقادر ولد محمد آدم ميمڻ 6. نورالنساء ڏي؛ محمد آدم ميمڻ 7. حفيظا ڏي؛ محمد آدم ميمڻ	½ 0-16 ½ 0-16 ½ 0-16 ½ 0-16 ½ 0-16 ¾ 0-8 ¾ 0-8	107	ٽوٽل 6-10	95 ب 22-03-2022
22 هلندڙ	1. معظر ولد ابراهيم 2. شبير احمد ولد ابراهيم 3. محمد آدم ولد ابراهيم 4. شبير احمد ولد محمد آدم 5. شبانہ ڏي؛ محمد آدم 6. نسيم ڏي؛ محمد آدم 7. جعفر ڏي؛ آدم 8. سمينا ڏي؛ ابراهي 9. زليخان زال ابراهيم	سجو روپيہ			VII-B 96 22-03-2022
23	1. ولڻ ولد صالح محمد پليجو 2. الياس ولد ولڻ پليجو	0-33 0-17 0-50	533	½ 3-13	140 ب

INF/KRY-2010/26

24	1. ممتاز ولد مير محمد منگسي 41409-8291879-5 2. مشتاق علي ولد مير محمد منگسي 4149-1905209-3 3. محمد اشرف ولد مير محمد منگسي 41409-1206198-9 4. امين ولد مير محمد منگسي 41409-9832379-5 5. يار محمد ولد صابو مگسي 41409-7365182-3 6. منظور علي ولد صابو مگسي 41409-7776475-5 7. ناڻو ولد صابو مگسي 41409-0747956-1 8. وحيد علي ولد صابو مگسي 41409-9044968-1 9. شهباز علي ولد صابو مگسي 41409-9054468-1	3/8 0-15 3/8 0-15 3/8 0-15 3/8 0-15 7/10 0-7 7/10 0-7 7/10 0-7 7/10 0-7 7/1 0-3 سجو روپيہ	292	ٽوٽل 06-21	128 ب 18-09-2024 135 ب 17-02-2025
25	1. فقير محمد ولد رمضان مگسي 41409-1833065-1 2. مسمات عزت زال حبيب الله مگسي 41409-4934697-8	5/12 0-91 7/12 0-8 1-00	421 97 98 527	3-29 4-20 4-05 5-30 ٽوٽل 18-04	123 ب 03-05-2024 136 ب 17-02-2025 125 ب 04-07-2024 131 ب 05-02-2024
26	1. فقير محمد ولد رمضان مگسي 41409-1833065-1 2. مسمات عزت زال حبيب الله مگسي 41409-4934697-8	0-48 0-02 0-50 پئسہ 1-00	95 94 99	5-10 8-35 7-05	25 ب 04-07-2024 131 ب 08-02-2024 136 ب 17-02-2025
27	1. حبيب الله ولد طالب خان مگسي 41409-5277558-7 2. عنايت الله ولد طالب خان مگسي 41409-0373699-0 3. محمد نواز ولد طالب خان مگسي 41409-1835991-1 4. اميربخش ولد طالب خان مگسي 41409-1836120-9 5. مسمات سڪان ڏي؛ طالب خان مگسي	¾ 0-7 ¾ 0-7 ½ 0-7 ½ 0-7 0-04 سجو روپيہ	73	ٽوٽل 8-05	111 ب 16-12-2022 110 ب 16-12-2022
28	1. الهڈنو ولد مولابخش بروهي 41409-7752121-1 2. خدادنو ولد مولابخش بروهي 41409-2044322-3 3. ربڈنو ولد مولابخش بروهي 41409-6647645-5 حفيظ الرحمن ولد مولابخش بروهي 41409-1834003-9	سجو روپيہ	71	ٽوٽل 7-00	112 ب 01-02-2023
29	ميرحسن ولد محمد حسن منگسي 41409-8405386-9 شير محمد ولد محمد عرس منگسي 41409-7632048-3	0-50 0-50 سجو روپيہ	33 37	ٽوٽل 5-20	90 ب 27-10-2021
30	محمد صديق ولد طاهر محمد يوسف 41409-7323502-9 علي اڪبر ولد محمد رمضان بروهي 51401-2761192-5	0-33 0-67 سجو روپيہ	43	ٽوٽل 3-00	82 ب 24-09-2021 63 ب 23-10-2018
31	مسمات نسيمان زال محمد ميمڻ 41409-7868683-0	سجو روپيہ	42	ٽوٽل 02-05	51 ب 23-10-2017
32	حبيب الله ولد حاجي طالب مگسي 41409-5277558-7	سجو روپيہ	573 574 575 576 577 578 579 580 581 586 587 588 589 590	4-00 4-00 4-00 1-33 2-11 3-33 3-31 2-28 1-39 4-00 3-33 1-30 2-12 2-05 ٽوٽل 42-13	38 ب 07-07-2017

استسٹنٹ ڪمشنر تعلقہ ٽنڈو

WORK FOR SINDH www.iwork4sindh.com JOB PORTAL BY INFORMATION DEPARTMENT

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
ABC CERTIFIED
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال
روزاني عبرت
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڙي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

اربع 20 مئي 2026ع

گهريلو ملازمن جا حق ۽ سماجي ذميواريون

سنڌ اسيمبلي پاران "سنڌ گهريلو ملازمن جي ڀلائي بل 2025" جي منظوري هڪ تاريخي ۽ اهم قدم آهي جيڪو سنڌ ۾ سالن کان نظرانداز ٿيل گهريلو ملازمن جي حقن جي تحفظ لاءِ نئين اميد پيدا ڪري ٿو. اسان جي معاشري ۾ گهريلو ملازم هميشه ڪمزور ۽ بي وس طبقو رهيا آهن جن جي محنت تي بيشمار گهرن جو نظام هلي ٿو پر افسوس جو انهن کي ڪڏهن به اهو احترام، تحفظ ۽ قانوني حيثيت نه ملي سگهي جنهن جا هو حقدار هئا. هيءُ بل نه صرف انهن جي بنيادي حقن کي تسليم ڪري ٿو پر سماج ۾ انساني وقار، برابري ۽ انصاف جي اهميت کي به اجاگر ڪري ٿو.

سنڌ سميت سڄي ملڪ ۾ هزارين عورتون، ٻار ۽ غريب ماڻهو گهرن ۾ ڪم ڪرڻ تي مجبور آهن انهن مان ڪيترائي اهڙا آهن جيڪي صبح کان رات تائين بنا ڪنهن مقرر وقت جي ڪم ڪندا آهن پر کين مناسب پگهار، موڪلون يا طبي سهولتون ناهن ملنديون. گهڻن گهرن ۾ گهريلو ملازمن سان اهڙو ورتاءُ ڪيو ويندو آهي ڄڻ هو انسان نه پر غلام هجن. ننڍڙن ٻارڙن کان ٿانوَ ڌوئارڻ، صفائي ڪرائڻ، ٻارن جي سارسنڀال ۽ ٻيا سخت ڪم وٺڻ جا واقعا عام رهيا آهن جنهن سبب انهن جو نئين تعليم ۽ صحت تباهه ٿيندي رهي آهي. اهڙي صورتحال ۾ 16 سالن کان گهٽ عمر جي ٻارن کان گهريلو پورهيو ڪرائڻ تي پابندي لڳائڻ يقينن هڪ مثبت ۽ انسان دوست فيصلو آهي ڇو ته ٻار ڪنهن به قوم جو مستقبل هوندا آهن ۽ انهن جي هٿن ۾ ڪتاب هئڻ گهرجن نه ڪي ڪم جا اوزار. غربت جي ڪري ڪيترائي والدين پنهنجن ٻارن کي ڪم تي موڪلڻ تي مجبور ٿيندا آهن پر اها رياست جي ذميواري آهي ته هو اهڙن ٻارن کي تعليم، تحفظ ۽ بهتر مستقبل فراهم ڪري جيڪڏهن ٻارن کي ننڍپڻ ۾ ئي محنت ۽ ذلت واري زندگي ڏني ويندي ته پوءِ سماج ڪڏهن به صحتمند ۽ ترقي يافته نٿو بڻجي سگهي. اسين نٿا چاهيون ته اسان جي پارليامينٽ جي معزز ميمبرن جي ذهني ڪيفيت اُن وقت ڇا هئي، جنهن وقت اِهو بل منظور ڪرايو ويو. پر زميني صورتحال اِهو ٻڌائي ٿي ته اسان وٽ هر ننڍي وڏي ماملي تي قانون جوڙيل ته آهي پر اُنهن تي عمل شايد ئي ڪٿي ٿيندو هُجي. گهريلو ملازمن جي حوالي سان پارليامينٽ ۾ اُجوري جي جيڪا ڳالهه ڪئي وئي آهي سا بس ايوان تائين ئي محدود هوندي، اُن تي عمل جا ٻنهه امڪان ناهن ڇو ته اسان وٽ ملازمن کي انسان تصور ئي ناهي ڪيو ويندو. گهريلو ملازم ته رهيا ماڳ، جيڪي ماڻهو پنهنجي جان جوکي ۾ وجهي پرائيويٽ طور سيڪيورٽيءَ جا فرائض انجام ڏئي رهيا آهن اُنهن کي جيڪو اُجورو ملي ٿو ڇا تنهن کان اسان جا حڪمران واقف آهن؟ اُنهن کي ته ڇڏيو پيٽرول پمپ تي چوويهه ڪلاڪن جي طويل شفٽ ڪندڙ پورهيتن کي اُجوري ۾ جيڪو ڪجهه ڏنو وڃي ٿو، تنهن مان نه اُنهن جي گهرن جو خرچ پکو هلي سگهي ٿو نه وري اُهي بهتر زندگي گذارڻ جي لائق رهن ٿا. اهڙيءَ ريت وڏن مارٽن تي ملازمت ڪندڙ نوجوانن کي ڪا به خاطري ناهي هوندي ته ڪيتري وقت تائين سندن نوڪري برقرار رهندي، ڇو ته ٿوري غلطيءَ تي به اُنهن کي ٻاهر وڃڻ وارو رستو ڏيکاريو ويندو آهي اهڙيءَ ريت ننڍن وڏن دُڪانن تي نوڪريون ڪندڙ پورهيت به بس پيٽ گذر ۾ ئي پورا آهن جيڪڏهن سرڪار واقعي به اِن طبقي جي واهر ڪرڻ گهري ٿي، اُنهن کي عزت ڀري زندگي گذارڻ جو موقعو ڏيڻ چاهي ٿي ته پوءِ ڳالهه فقط بِل جي منظوريءَ تائين ئي محدود نه هُجڻ گهرجي پر پاس ڪيل قانونن تي عمل لاءِ ٽاسڪ فورس به مقرر ڪئي وڃي ته جيئن پورهيتن کي سندن حق مِلي سگهي.

اسين سمجهون ٿا جيڪڏهن قانون تي صحيح نموني عمل ٿيو ته هزارين مزدورن جي معاشي حالت بهتر ٿي سگهي ٿي. ان کان علاوه جبري پورهئي، هراسان ڪرڻ ۽ ذات، مذهب يا جنس جي بنياد تي امتيازي سلوڪ تي پابندي به انتهائي ضروري هئي. اسان جي سماج ۾ گهريلو پورهيتن سان توهين آميز ٻولي استعمال ڪرڻ ۽ انهن کي گهٽ درجي جو انسان سمجهڻ عام ڳالهه بڻيل رهي آهي. قانون ۾ 'نوڪر' بدران 'گهريلو ملازم' جو لفظ استعمال ڪرڻ دراصل عزت ۽ احترام جي نئين سوچ کي هٿي ڏيڻ جي ڪوشش آهي بهرحال، ڪنهن به قانون جي ڪاميابي صرف ان جي منظوري ۾ نه، پر ان جي عملي نفاذ ۾ هوندي آهي. جيڪڏهن حڪومت سخت نگراني، رجسٽريشن ۽ شڪايتن جي نظام کي مؤثر بڻائي ته پوءِ ئي هي قانون پنهنجا حقيقي نتيجا ڏئي سگهندو. ٻي صورت ۾ اهو به ٻين ڪيترن قانونن وانگر رڳو ڪاغذن تائين محدود رهجي ويندو.

حق ۽ سچ جو علمبردار صحافي عبداش پنهور!


نويد ملڪ

خدا هر انسان کي ڪنهن نه ڪنهن خاص ذات سان نوازيو آهي، جيڪا ان جي وجود جي اندر لڪل هوندي آهي جيڪڏهن ان ذات کي سڃاڻڻ ۽ نکارڻ لاءِ محنت ڪئي وڃي ته اها صرف هڪ قابليت نه پر انسان جي سڃاڻپ، طاقت ۽ ڪاميابيءَ جو سرچشمو بڻجي سگهي ٿي. دنيا جي سامهون اسان پنهنجون صلاحيتون ڪيئن پيش ڪريون ٿا. اهو اسان جي شعور، علم ۽ محنت تي دامدار رکي ٿو. حق ۽ سچ چوڻ وارا عالم سڳورا ۽ بزرگ اسان جي مٿي جا تاج آهن. اسان جي دلين ۾ انهن جي تمام گهڻي عزت آهي، جنهن مان هڪ نالو عبداش پنهور به آهي.

عبداش پنهور اهو صحافي آهي، جيڪو ڪوڙ ۽ ناانصافيءَ جي آڏو ڪڏهن به نه جُهڪيو. خلوص، ذاتي مفاد کان مٿانهون ٿي هميشه سچ جي راهه تي هلڻ ۽ حق خاطر تڪليفون سهندو رهيو آهي. جو نه عبداش پنهور جام ساقي جهڙي عظيم انسان جو خاص شاگرد ۽ دوست رهيو. جام ساقي به ته ٻَڪ. فاقا ۽ اذيتون برداشت ڪيون نه پوءِ عبداش پنهور ڪيئن پنهنجي ضمير جو سودو ڪندو. صحافت حق، سچ ۽ صداقت جو علم هوندي آهي ۽ صحافي حق، سچ ۽ صداقت جي ان علم جا علمبردار هوندا آهن سچي صحافت نه مظلومن جي طرفدار هوندي آهي ۽ صحافي انهن ظالم، جابر ۽ باطل قوتن جي لاءِ للڪار هوندا آهن. عبداش پنهور هميشه ٻين جي جنگ وڙهندو رهيو آهي، مظلومن يتيمن ۽ معصومن جي جنگ، ٻي پهچ ۽ بي سهارا ماڻهن جي جنگ، جن جو آخري سهارو صرف ۽ صرف صحافت ۽ صحافي ئي هوندا آهن. هو ڪرپٽ ادارن ۽ ڪامورن سان جهيڙيندو رهيو آهي، ڪڏهن ڪنهن وڏيري جي درندگيءَ سان خبرن جي ذريعي وڙهندو رهيو آهي نه ڪڏهن سماج جي ويري عنصرن ۽ عوام دشمن قوتن سان مهاڏو اٽڪائيندو رهيو آهي سلام آهي عبداش پنهور کي، جنهن هيبتناڪ حالتن ۽ خوفائتي ماحول جي باوجود به پنهنجون صحافتي ذميواريون ۽ فرض انتهائي ذميداري سان سرانجام ڏنيون آهن.

شام جي ٿڌڙي پهر ۾ سٽيزن آفيس ۾ پپر جي وڻ هيٺان پڳل ٿُلل ڪرسين تي ويهي سگريٽ جو زوردار ڪش هڻي عبداش پنهور چوندو هو "نويد هيءَ دنيا هڪ اٿاهه سمنڊ جي مثال آهي، جنهن ۾ ڪوڏ ۽ ماڻڪ، يعني ڪوڙ ۽ سچ پاڻ ۾ گڏيا پيا آهن" سچائي هٿ ڪرڻ لاءِ وڏيءَ محنت جي ضرورت آهي، صداقت جنهن ڳولي لڌي، تنهن سڀ ڪجهه ڪمايو. سچ ڳولي هٿ ڪرڻ ڪانپوءِ وري انهيءَ تي مستقل ٿي بيهڻ ۽ هر تڪليف جو مقابلو ڪرڻ، سور سختيون سر تي سهڻ به انسان جو فرض آهي. ڪورونا جهڙي ڀيانڪ صورتحال ۾ جتي سخت لاڪ ڊائون هو، ماڻهو پنهنجن گهرن ۾ بند هئا، ٻاهر نڪرڻ موت جي مُنهن ۾ وڃڻ جي برابر هو، اتي عبداش پنهور سوشل ميڊيا ۽ "روزاني هلچل" اخبار ذريعي سڄي سنڌ کي پل پل کان آگاهه ڪندو رهيو. جتي ڊاڪٽرن، پيرا ميڊيڪل اسٽاف ۽ سول يا آرمڊ فورسز جون محنتون ۽ قربانيون ساراهه جوڳيون آهن، اتي عبداش پنهور جو ڪردار به تعريف لائق آهي. جنگي بنيادن تي اخبار ڪڍندو هو. هوٽلون بند هونديون هيون، ڪيبنون بند هيون، پر هن جو سگريٽ ۽ چانهه ڪانسواءِ رهڻ مشڪل هو هو اَڄ ۽ ٻِڪ تي ويهي به اخبار ڪڍندو هو هو پنهنجي ذات کان مٿانهون ٿي اجتماعيت لاءِ سوچيندو آهي. شام جي ڪچڙي پهر ۾ حيدرآباد جي ٿڌڙين هوائن ۾ سٽيزن ڪالونيءَ ۾ پٺاڻ جي هوٽل تي عبداش پنهور اڪثر مون کي چوندو هو نويد پنهنجو پنڌ پاڻ شروع ڪريو، ڇو ته فتح ڪڏهن به جٿن سان نه ملندي آهي. نويد سچ جي راهه تي اڪيلو پنڌ ڪرڻو پوندو آهي. ظلم جي رات ڊگهي ٿي سهي پر سچ جي سحر کي روڪي نٿي سگهي منهنجي تربيت ائين ڪندو هو. جنهن کي مان ان وقت سمجهي نه سگهندو هئس پر عبداش پنهور جو چيل هر هڪ جملو اڄ منهنجي دل تي لڪيل آهي. ماڻهن جي تربيت ڪرڻ جو هڪ الڳ فن رکي ٿو. عبداش پنهور اڪثر مون کي چوندو هو نه پنهنجي ضمير جو ڪڏهن به سودو نه ڪجي. شايد اها ئي وجهه آهي جو هو پاڻ به نه ڪڏهن وڪيو ۽ نه ئي ڪڏهن جُهڪيو آهي. هو صحافت جو علمبردار آهي. بهترين انسان هجڻ سان گڏ منهنجو بهترين استاد ۽ دوست رهيو آهي. جنهن منهنجي بهترين تربيت ڪري مون کي لکڻ ۽ پڙهڻ سيکاريو آهي. سڄي سنڌ ۾ مفت تعليم ڪرائڻ جو خيال ڏيندڙ ۽ ان تي عمل ڪرائيندڙ هيءَ واحد شخص آهي، جنهن جي جدوجهد رنگ لاتو ۽ اڄ سنڌ جا ٻار مفت تعليم ۽ مفت ڪتاب حاصل ڪري رهيا آهن. اها هن سيلاني ماڻهوءَ جي محنت آهي.

افسوس آهي سنڌ جو عوام ڪجهه پڙهڻ کان رهجي ويندو. جيڪو عبداش پنهنجي دل ۾ دفن ڪري رکيو آهي اهو مان هن کي لکرائي ڪتاب جي صورت ۾ آڻڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هيس پر ٿي نه سگهيو. اهو منهنجو پڻ اڌورو خواب آهي سندس چوڻ هوندو هو نويد زندگي پئي آهي لکندا سين اسان جي اڪثر ڪچهرين جا موضوع تاريخ، جام ساقيءَ جي جدوجهد، هاري تحريڪ، ڪرنٽ اشوز، دنيا جي ڪرنٽ معاملن تي ڳالهائيندو هو تقريبن 15 سالن کان منهنجي عبداش سان نيازمندي رهي آهي مان حيران ٿيندو هئس جڏهن پاڻ مون کان آرٽيڪل لکرائيندو هو نه سڀ کان پهرين سگريٽ جو نئون پاڪيٽ کولي ان مان به سگريٽ ڪڍندو هو. هڪ تيليءَ سان ٻاري هڪ سگريٽ مون کي ڏيندو هو ۽ پاڻ سگريٽ جو پهريون ڪش هڻي چوندو هو نويد لکڻ شروع ڪر. سندس لفظن جو ذخيرو اهڙو ذخيرو جو

ايران، آمريڪا ۽ عالمي امن جو امتحان


سرمد منصور

آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ جو چوڻ آهي ته ايران تي طئي ٿيل حملو خليجي ملڪن جي درخواست تي عارضي طور روڪيو ويو آهي جيتوڻيڪ آمريڪا پنهنجي فوج کي هر گهڙي وڏي ڪارروائي لاءِ تيار رهڻ جون هدايتون ڏئي چڪو آهي. پر ان باوجود سفارتڪاريءَ کي ترجيح ڏني وئي. شايد اِن ڪري جو واشنگٽن به هن وقت ڪنهن وڏي جنگ جي نتيجن کان مڪمل طور بي خبر ناهي ايران تي سڌي فوجي چڙهائي رڳو هڪ ملڪ خلاف ڪارروائي نه هوندي، پر ان جا اثر پوري وچ اوڀر، خليج، عالمي تيل مارڪيٽ ۽ عالمي امن تي پوندا.

هوڏانهن ايران جو موقف به نهايت واضح ۽ سخت آهي ايراني صدر مسعود پزشڪيان ۽ پرڏيهي وزارت جي ترجمان اسماعيل بقائي واضح ڪري ڇڏيو آهي ته ايران پنهنجي يورينيم افزودگيءَ جي حق تان ڪنهن به صورت ۾ هٽ نه ڪندو ايران جو چوڻ آهي ته ڳالهين جو مطلب هٿيار ڦٽا ڪرڻ ناهي بلڪه برابريءَ جي بنياد تي حل ڳولهڻ آهي اها حقيقت به نظرانداز نٿي ڪري سگهجي ته هر خودمختيار ملڪ کي پنهنجي دفاع ۽ سائنسي ترقيءَ جو حق حاصل آهي. البت عالمي برادريءَ کي به اها پڪ گهرجي ته اهڙا پروگرام هٿيارن جي ڊوڙ جو سبب نه بڻجن.

هن سڄي بحران ۾ سڀ کان اهم ڳالهه اها آهي ته جنگ جا خطرا صرف فوجي حدن تائين محدود ناهن جيڪڏهن ايران ۽ آمريڪا وچ ۾ سڌي جنگ شروع ٿئي ٿي ته آبنائي هرمز جهڙي اهم سامونڊي گذرگاهه مڪمل طور بند ٿيڻ جو خطرو وڌي سگهي ٿو جيڪڏهن ايران ان علائقي ۾ سخت قدم کڻي ٿو ته عالمي تيل اگهه اوچتو وڌي سگهن ٿا، جنهن سان غريب ۽ ترقي پذير ملڪن جون معيشتون وڌيڪ بحران جو شڪار ٿينديون انهيءَ بحران ۾ پاڪستان جو ثالثي سفارتي ڪوششن جي حوالي سان سامهون اچڻ هڪ اهم ڳالهه آهي عالمي ميڊيا موجب پاڪستان ايران ۽ آمريڪا وچ ۾ پيغام رسائي ۽ ثالثيءَ جو ڪردار ادا ڪري رهيو آهي پاڪستان هميشه اهو موقف اختيار ڪيو آهي ته مسئلن جو حل جنگ نه، پر ڳالهين ذريعي نڪرڻ گهرجي ترڪي، قطر ۽ سعودي عرب جي جنگ بندي لاءِ سرگرميون به ان ڳالهه جو ثبوت آهن ته اسلامي دنيا جا اهم ملڪ هن وقت وڏي جنگ کان خوفزده آهن اسرائيل ۽ ايران وچ ۾ اڳ ئي موجود ڇڪتاڻ، غزه جي صورتحال ۽ شام، لبنان ۽ يمن جهڙن ملڪن ۾ جاري بيچيني گڏجي وچ اوڀر کي بارود جي ڍير تي ويهاري ڇڏيو آهي جيڪڏهن آمريڪا سڌيءَ طرح جنگ ۾ شامل ٿئي ٿو ته صورتحال مڪمل طور ڪنٽرول کان ٻاهر نڪري سگهي ٿي هوڏانهن روس جو اهو بيان به اهميت رکي ٿو ته ايران کي پرامن مقصدن لاءِ يورينيم افزودگي جو حق حاصل آهي روس ۽ چين جهڙيون وڏيون قوتون اڳ ئي آمريڪي پاليسين تي تحفظات ظاهر ڪري چڪيون آهن جيڪڏهن عالمي طاقتون مختلف ڌرين ۾ ورهائجي وڃن ته اهو بحران عالمي طاقت جي نئين مقابلي ۾ تبديل ٿي سگهي ٿو، جنهن جا اثر سالن تائين محسوس ڪيا ويندا.

هن وقت عالمي برادريءَ کي سڀ کان وڌيڪ ضرورت ذميواراڻي روين جي آهي جنگ جي ٻولي، ڌمڪيون ۽ فوجي طاقت جو مظاهرو مسئلن کي وڌيڪ پيچيده بڻائيندو آمريڪا کي به اهو سمجهڻ گهرجي ته وچ اوڀر ۾ ماضيءَ جون جنگيون امن قائم ڪرڻ ۾ ناڪام رهيون آهن عراق، افغانستان، ليبيا ۽ شام جا مثال دنيا آڏو موجود آهن جتي فوجي مداخلتن تباهي، بدامني ۽ انساني بحرانن کي جنم ڏنو. ايران جهڙي طاقتور ۽ منظم ملڪ خلاف جنگ جا نتيجا ان کان به وڌيڪ خطرناڪ ٿي سگهن ٿا. ٻئي طرف ايران کي به جذباتي فيصلن کان پاسو ڪرڻو پوندو آبنائي هرمز يا عالمي مواصلاتي نظام بابت سخت قدم عالمي ردعمل کي وڌيڪ تيز ڪري سگهن ٿا جنگ ڪنهن به مسئلي جو مستقل حل ناهي طاقت جو استعمال عارضي برتري ڏئي سگهي ٿو، پر مستقل امن صرف ڳالهين، اعتماد ۽ سفارتي سمجهوتن وسيلي ئي ممڪن هوندو آهي پيو ته هيستائين ايران پنهنجي سوڀ کي مڃائي ورتو آهي. آمريڪا جهڙو طاقتور ملڪ جيڪڏهن جنگبنديءَ لاءِ تيار ٿي ويو ته اُن ۾ جتي پاڪستان جي سفارتڪاريءَ جو ڪمال آهي اُتي خود امريڪا کي پهتل نقصان پڻ اُن جو وڏو ڪارڻ آهي جڏهن ته ايراني عوام هيئنئَ وڏي تباهيءَ کان پوءِ به پنهنجي وطن جي دفاع لاءِ اڳ کان اڳرو ڏسجي پيو جنهن لاءِ اُنهن کي جَسُ هُجي پر پنهنجي وطن توڙي عوام جي تباهيءَ کي به نظر ۾ رکڻ گهرجي جيڪڏهن امريڪا ڪنهن وڏي ڪارروائيءَ لاءِ نڪري ٿو ته اُن سان ايران کي اڃا ئي وڌيڪ نقصان مان گذرڻو پئجي سگهجي ٿو اُن لاءِ ضروري آهي ته پنهنجي موقف ۾ ڪنهن حد تائين لچڪ ڏيکاري وڃي ساڳي وقت امريڪا کي پڻ اُنهن گِرن شرطن تان پوئتي هٽڻو پوندو، جيڪي سندن نظر ۾ ضروري آهن ڇو ته ڪنهن به ملڪ جي خودمختياري اُنهن کي ايتري ئي عزيز هوندي آهي جيتري خود امريڪا کي. ڪو به ملڪ پنهنجي خودمختياريءَ خلاف سمجهوتي کان موت کي ترجيح ڏيندو هيو ته ايران تي حملي واري معاملي ۾ امريڪا توڙي اسرائيل جا سمورا اندازا غلط ثابت ٿيا آهن اُنهن شايد خواب ۾ به اِهو نه سوچيو هوندو ته ايران اُنهن کي اهڙيءَ ريت توتا چباڙڻ تي مجبور ڪري سگهي ٿو سچ اِهو آهي ته امريڪا پنهنجي سُپر پاور هُجڻ وارو ٽيڪ وڃائڻ جي ويجهو اچي پهتو آهي تنهن ڪري اُن کي به احتياط کان ڪم وٺڻ جي ضرورت آهي ڪٿي اِئين نه ٿئي جو پوري دنيا ۾ امريڪا جو فقط هڪ اسرائيل ئي حمايتي وڃي بچي.

اسان جي خيال ۾ دنيا اڳ ئي معاشي بحرانن، موسمي تبديلين، خوراڪ جي کوٽ ۽ سياسي بيچيني کي منهن ڏئي رهي آهي. اهڙي وقت ۾ نئين وڏي جنگ انسانيت لاءِ تباهي کان گهٽ نه هوندي. عالمي قوتن، اسلامي ملڪن ۽ گڏيل قومن کي گڏجي اهڙو ماحول پيدا ڪرڻو پوندو، جتي اختلافن کي ڳالهين وسيلي حل ڪيو وڃي جيڪڏهن سفارتڪاري ناڪام ٿي وئي ته ان جا اثر صرف وچ اوڀر تائين محدود نه رهندا، پر سڄي دنيا کي پنهنجي لپيٽ ۾ آڻي سگهن ٿا. انهيءَ ڪري ضروري آهي ته موجوده جنگ بنديءَ کي مستقل امن ۾ تبديل ڪيو وڃي پاڪستان سميت سڀني ذميوار ملڪن کي امن لاءِ پنهنجون ڪوششون جاري رکڻ گهرجن، ڇو ته اڄ دنيا کي هٿيارن کان وڌيڪ ڳالهين، برداشت ۽ سياسي دانائيءَ جي ضرورت آهي.

خوشين کي غم ۾ بدلائيندڙ رسم: شادين دوران هوائي فائرنگ ۽ حقيقت!


عبدالله عثمان موراڻي

(حصو ٻيو ۽ آخري)

سوال اهو ناهي ته قانون موجود آهن يا نه. اصل سوال اهو آهي ته رياست انهن قانونن تي مستقل ۽ انصاف سان عمل ڪرائڻ لاءِ ڪيتري سنجيده آهي.

پوليس کي هوائي فائرنگ خلاف "زيرو ٽالرنس" واري پاليسي اختيار ڪرڻ گهرجي جيڪڏهن ڪنهن شادي يا تقريب ۾ هٿيار استعمال ڪيا وڃن ته فوري گرفتاري، هٿيار ضبط ڪرڻ، ڳرا ڏنڊ ۽ بنا ڪنهن سياسي دٻاءَ جي قانوني ڪارروائي ٿيڻ گهرجي رڳو ڪجهه ڪلاڪن جي حراست ڪافي ناهي ماڻهو تڏهن ئي اهڙا عمل ڇڏيندا، جڏهن کين خبر پوندي ته ان جا سخت نتيجا نڪرندا.

ميونسپل ۽ ضلعي انتظاميا جو به اهم ڪردار آهي شادي هالن ۽ تقريبن جي منتظمين کي قانوني طور پابند بڻايو وڃي ته سندن هنڌن تي ڪا به هوائي فائرنگ نه ٿئي جيڪڏهن اهڙو واقعو پيش اچي ته تقريب جي منتظمين يا هال انتظاميا خلاف به ڪارروائي ڪئي وڃي يا عارضي طور سندن لائسنس معطل ڪيو وڃي اهڙي طريقي سان ذميواري گڏيل بڻجي ويندي.

هڪ عملي تجويز اها به ٿي سگهي ٿي ته شادي يا وڏي تقريب کان اڳ خاندانن کان لکت ۾ حلف نامو ورتو وڃي جيڪو پوليس اسٽيشن يا ميونسپل آفيس ۾ جمع ڪرايو وڃي جنهن ۾ واضح لکيل هجي ته تقريب دوران هوائي فائرنگ، خطرناڪ آتشبازي يا اهڙي ڪا سرگرمي نه ڪئي ويندي. جيڪڏهن بعد ۾ قانون جي ڀڃڪڙي ٿئي ته سخت ڪارروائي ڪئي وڃي اهڙا قدم شايد سادا لڳن پر اهي شعور ۽ ذميواري پيدا ڪن ٿا.

جديد ٽيڪنالاجي پڻ مددگار ثابت ٿي سگهي ٿي اڄڪلهه ڪيترائي اهڙا واقعا موبائل وڊيوز، سوشل ميڊيا يا نگراني ڪندڙ ڪيمرائن ۾ محفوظ ٿي وڃن ٿا. پوليس ۽ انتظاميا کي گهرجي ته وائرل ٿيندڙ وڊيوز جي بنياد تي به قانوني ڪارروائي ڪن بجاءِ ان جي ته رڳو رسمي شڪايتن جو انتظار ڪيو وڃي جڏهن ڪجهه ماڻهن کي عوامي طور سرِعام سزا ملندي ته ٻيا اهڙو عمل ڪرڻ کان ڊڄندا.

پر رڳو قانون ۽ پوليس ڪافي ناهن. اصل مسئلو سماجي سوچ آهي ڪيترائي ماڻهو اڄ به هوائي فائرنگ کي "روايت"، "غيرت" يا "خوشي" جو حصو سمجهن ٿا خطرناڪ روايتون تڏهن زنده رهنديون آهن جڏهن سماج انهن کي عام ڳالهه سمجهي قبول ڪري وٺندو آهي اهڙي سوچ بدلائڻ لاءِ تعليم ۽ اجتماعي شعور جي ضرورت آهي سياسي اڳواڻن، سماجي ڪارڪنن، استادن، فنڪارن ۽ مذهبي علمن کي سرعام اهڙي عمل خلاف ڳالهائڻ گهرجي مسجدن ۾ جمعي جي خطبن دوران به انساني جان جي اهميت ۽ اهڙي غير ذميوارانه عمل کان بچڻ بابت آگاهي ڏني وڃي هر مذهب انساني جان جي حرمت تي تمام گهڻو زور ڏئي ٿو ۽ بيگناهه ماڻهن کي خطري ۾ وجهڻ جي سخت مذمت ڪري ٿو پاڪستان جهڙي سماج ۾ مذهبي اڳواڻن جي ڳالهه ماڻهن تي گهرو اثر ڇڏيندي آهي.

ساڳي ريت ٽي وي ڊراما، عوامي آگاهي مهمون ۽ سوشل ميڊيا انفلوئنسرز به ماڻهن جي سوچ تبديل ڪرڻ ۾ مدد ڪري سگهن ٿا. هٿيارن ۽ فائرنگ کي "اسٽائل" يا "مردانگي" طور پيش ڪرڻ بدران، ميڊيا کي انهن خاندانن جو درد ڏيکارڻ گهرجي جيڪي اهڙي لاپرواهيءَ سبب پنهنجا پيارا وڃائي ويهندا آهن.

شايد سڀ کان مضبوط ۽ ڊگهي مدي وارو حل تعليم آهي پرائمري اسڪولن جي نصاب ۾ عوامي حفاظت، شهري ذميواري ۽ هوائي فائرنگ جي خطرن بابت سبق شامل ٿيڻ گهرجن ٻارن کي ننڍپڻ کان ئي سيکارڻ گهرجي ته مٿي هلائي ويل گولي به ڪنهن انسان کي قتل ڪري سگهي ٿي جڏهن شعور ننڍپڻ کان پيدا ٿيندو ته ايندڙ نسلون اهڙين خطرناڪ روايتن کي رد ڪنديون اسڪولن ۾ حفاظتي ورڪشاپ، مضمون نويسيءَ جا مقابلا ۽ آگاهي پروگرام منعقد ڪري سگهجن ٿا، جتي شاگرد سماجي ذميواري ۽ خطرناڪ روين بابت بحث ڪن ممڪن آهي ته اڄ جو تعليم يافته ٻار سڀاڻي پنهنجي ئي گهروارن کي اهڙي عمل کان روڪي.

برادرين ۽ پاڙيسرين کي به اهڙي عمل خلاف سماجي سطح تي بيهڻ گهرجي خاندانن کي اهڙن ماڻهن کي دعوت ڏيڻ کان پاسو ڪرڻ گهرجي جيڪي هٿيار کڻي اچڻ يا فائرنگ ڪرڻ لاءِ مشهور هجن پاڙيسرين کي به خوف يا سماجي دٻاءَ سبب خاموش رهڻ بدران اهڙا واقعا رپورٽ ڪرڻ گهرجن سماج کي اهو سمجهڻ گهرجي ته اصل عزت ۽ بهادري ماڻهن جي جانين کي خطري ۾ وجهڻ ۾ ناهي پر ذميواري ۽ احترام سان خوشيون ملهائڻ ۾ آهي خوشيءَ جو اظهار ڪرڻ لاءِ فائرنگ جي بجاءِ آتش بازي (جيڪا محفوظ هجي)، روشنيون، يا مٺائي ۽ ڪاڪو ورهائڻ جهڙا بهتر طريقا اختيار ڪيا وڃن.

هڪ اهم ڳالهه جيڪا ڌيان طلب آهي اها نفسياتي سوچ آهي ڪيترن ئي علائقن ۾ هٿيارن کي طاقت، حيثيت ۽ مردانگيءَ جي علامت سمجهيو وڃي ٿو ڪجهه ماڻهو اهو محسوس ڪن ٿا ته عوام آڏو فائرنگ ڪرڻ سان سندن "اثر" وڌي ويندو اهڙي زهر جهڙي سوچ کي ثقافتي ۽ سماجي سطح تي چئلينج ڪرڻ ضروري آهي حقيقي طاقت ذميواري، برداشت ۽ انساني جان جي احترام ۾ آهي نه ڪي لاپرواهيءَ سان گوليون هلائڻ ۾.

دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن اهڙن مسئلن کي سخت قانون، تعليم ۽ شعور ذريعي گهٽايو آهي جيڪڏهن رياستي ادارا ۽ سماج گڏجي سنجيدگيءَ سان ڪم ڪن ته پاڪستان به اهو ڪري سگهي ٿو شادي محبت، خاندان، اميد ۽ نئين زندگيءَ جي شروعات جو نالو آهي ڪنهن به والدين کي اهو ڏک نه سهڻو پوي ته ڪنهن جي بيوقوفيءَ سبب سندن ٻار جي جان هلي وڃي ڪنهن به گهوٽ يا ڪنوار جي نئين زندگي ماتم سان شروع نه ٿيڻ گهرجي ڪنهن به شهريءَ کي پنهنجي گهر ويهي آسمان مان ايندڙ گولين کان خوفزده نه ٿيڻ گهرجي هاڻي وقت اچي ويو آهي ته پاڪستان هوائي فائرنگ جي واقعن کي "روايت" نه پر هڪ سنگين عوامي خطري طور ڏسي مضبوط قانون، سخت عملداري، تعليمي سڌارا، سماجي شعور ۽ گڏيل ذميواري ئي هن خطرناڪ عمل کي ختم ڪري سگهن ٿا.

آخر ۾ حاصل مقصد ته خوشيون ملهائڻ هر انسان جو حق آهي پر اسان جي خوشي ڪنهن ٻئي لاءِ ماتم (غَمُ) جو سبب نه بڻجڻ گهرجي هوا ۾ هلندڙ هر گولي ڪنهن جي موت جو پروانو بڻجي هيٺ ڪِرندي آهي هاڻي وقت اچي ويو آهي ته اسان هڪ ذميوار شهري بڻجون اچو ته اڄ عهد ڪريون ته اسان نه صرف پاڻ هن بيوقوفائي ۽ خطرناڪ عمل کان پري رهنداسين پر پنهنجي پرياسي جي ماڻهن کي به ان کان روڪينداسين ته جيئن اسان جي سنڌ ۽ پورو پاڪستان هڪ پرامن ۽ محفوظ جڳهه بڻجي سگهي خوشيون اهڙيون هجن جيڪي يادون بڻجن ته ڪي جنازا ڪڍن.

پارٽ جي آبي جارحيت!


محمد خان ابڙو

دنيا ۾ هاڻي جنگين جو انداز بدلجي ويو آهي اڳي ملڪن تي قبضا ڪرڻ لاءِ توپون، بندوقون ۽ فوجون استعمال ٿينديون هيون، پوءِ معاشي پابنديون وسيلي دٻاءُ وڌو ويندو هو، پر هاڻي پاڻي کي به سياسي دٻاءُ ۽ خطرناڪ هٿيار طور استعمال ڪيو پيو وڃي. ڏکڻ ايشيا ۾ ڀارت طرفان پاڪستان خلاف جاري آبي جارحيت به انهيءَ خطرناڪ سوچ جو حصو آهن، جنهن کي صحيح معنيٰ ۾ 'واٽر ٽيررازم' يعني پاڻي ذريعي دهشتگردي چئي سگهجي ٿو پاڻي رڳو قدرتي وسيلو ناهي، پر لکين ڪروڙين ماڻهن جي زندگي، زراعت، روزگار ۽ ملڪ جي معيشت جو سهارو آهي. جڏهن ڪو ملڪ جاڻي واڻي پاڻي روڪڻ، گهٽ ڪرڻ يا ان کي سياسي هٿيار طور استعمال ڪرڻ جي ڪوشش ڪري، ته اهو صرف معاهدن جي ڀڃڪڙي نه پر انسانيت خلاف عمل سمجهيو ويندو آهي. پاڪستان انهن ملڪن مان هڪ آهي، جتي معيشت جو وڏو حصو زراعت تي هلندڙ آهي. سنڌو درياهه ۽ ان مان نڪرندڙ ٻيا درياهه پاڪستان جي زراعت جي جڙ ته حياتي آهن. پنجاب جا فصل، سنڌ جون زمينون ۽ لکين آبادگارن جو روزگار انهن درياهن سان ڳنڍيل آهي. ڀارت گذريل ڪيترن ئي سالن کان مختلف ڊيمن ۽ پاڻي منصوبن وسيلي انهن درياهن جي وهڪري تي اثر وجهڻ جي ڪوشش ڪندو رهيو آهي. جيتوڻيڪ 1960ع وارو سنڌ طاس معاهدو دنيا ۾ پاڻي بابت اهم ۽ ڪامياب معاهدو سمجهيو وڃي ٿو پر ڀارت بار بار ان معاهدي جي روح خلاف قدم کڻندو رهيو آهي ڪڏهن پاڪستان کي پاڻي بند ڪرڻ جون ڌمڪيون ڏنيون وڃن ٿيون، ڪڏهن تڪراري منصوبا شروع ڪيا وڃن ٿا، ته ڪڏهن سياسي تڪرار وقت پاڻي کي دٻاءُ وجهڻ لاءِ استعمال ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي ٿي.

2019ع ۾ جڏهن ڀارت والاريل ڪشمير جي خاص آئيني حيثيت ختم ڪئي هئي، تڏهن ڀارتي اڳواڻن طرفان پاڻي بابت ڏنل اشتعال انگيز بيانن سڄي علائقي ۾ ڳڻتي پيدا ڪري ڇڏي هئي. ان وقت به پاڪستان سميت ڪيترن ماڻهن کي اِهو خدشو ٿيو هو ته ڀارت پاڻي کي سياسي هٿيار طور استعمال ڪرڻ چاهي ٿو. هاڻي 2026ع ۾ به صورتحال گهڻي مختلف نظر نٿي اچي ڀارت جي انتهاپسند ۽ سخت سياسي سوچ ڏکڻ ايشيا جي امن لاءِ لڳاتار خطرو بڻيل آهي. افسوس جي ڳالهه اِها آهي ته عالمي برادري، گڏيل قومون ۽ انساني حقن جون وڏيون تنظيمون اڪثر اهڙن معاملن تي خاموش نظر اچن ٿيون. جڏهن ته پاڻي کي هٿيار طور استعمال ڪرڻ عالمي قانونن ۽ انساني اصولن جي سڌي ڀڃڪڙي آهي. پاڻي هر انسان جو بنيادي حق آهي ۽ جيڪڏهن ڪو ملڪ پنهنجي طاقت استعمال ڪري ٻئي ملڪ جو پاڻي روڪڻ يا ان تي دٻاءُ وجهڻ جي ڪوشش ڪري، ته اهو رڳو سياسي مسئلو نه پر انسانيت سان ناانصافي به آهي. گڏيل قومن ۽ عالمي انساني حقن وارين تنظيمن کي هن مسئلي تي سنجيدگيءَ سان ڌيان ڏيڻ گهرجي، ڇو ته جيڪڏهن ڏکڻ ايشيا ۾ پاڻي وارو مسئلو سياسي جنگ جو حصو بڻجي ويو ته ان جا نتيجا سڄي علائقي لاءِ تمام خطرناڪ ۽ تباهه ڪندڙ ٿي سگهن ٿا. پاڻي تي تڪرار وڌڻ سان ملڪن وچ ۾ نفرت، ڇڪتاڻ ۽ جنگ جو خطرو وڌيڪ وڌي سگهي ٿو. جنهن جو نقصان عام ماڻهن کي ڀوڳڻو پوندو. پاڪستان لاءِ ضروري آهي ته هو هن مسئلي کي صرف سفارتي (ڊپلوميٽڪ) سطح تائين محدود نه رکي، پر ان کي هڪ عالمي انساني مسئلو طور به دنيا آڏو پيش ڪري، يعني اهو ثابت ڪرڻ ضروري آهي ته هيءُ معاملو صرف ٻن ملڪن جو تڪرار نه آهي، پر سڄي انسانيت، زراعت ۽ ماڻهن جي زندگيءَ سان لاڳاپيل مسئلو آهي. ان لاءِ پاڪستان کي گهرجي ته هو بين الاقوامي عدالتن، گڏيل قومن، او آءِ سي ۽ ٻين عالمي فورمن تي پنهنجو ڪيس مضبوط ۽ اثرائتي انداز ۾ پيش ڪري، جيئن دنيا جي ڌيان هن طرف وڃي. ساڳئي وقت پاڪستان کي پنهنجي اندروني سطح تي به سنجيده قدم کڻڻا پوندا. جهڙوڪ پاڻي ذخيرن (ڊيمز) کي بهتر بڻائڻ، نوان ڊيم ٺاهڻ، جديد آبپاشي نظام اختيار ڪرڻ ۽ پاڻي جي ضايع ٿيڻ کي روڪڻ لاءِ عملي قدم کڻڻ. افسوس جي ڳالهه اها آهي ته پاڪستان ڪيترن ئي ڏهاڪن کان پاڻي جي مسئلي تي اندروني سياسي اختلافن جو شڪار رهيو آهي، جڏهن ته حقيقت اها آهي ته هي مسئلو ملڪ جي قومي سلامتي سان سڌو جڙيل آهي. پاڪستاني قوم کي به اِهو سمجهڻو پوندو ته ايندڙ وقت ۾ پاڻي سڀ کان وڏو مسئلو ۽ شايد 'جنگ' جو سبب بڻجي سگهي ٿو. جنهن ملڪ وٽ پاڻي هوندو اهو ئي زراعت، خوراڪ ۽ معيشت ۾ مضبوط هوندو. ڀارت جي پاڻي بابت سخت پاليسين اسان کي اِهو سبق ڏين ٿيون ته جيڪڏهن قومي اتحاد، مضبوط پاليسي ۽ جديد منصوبابندي نه هوندي، ته مستقبل جي چئلينجن کي منهن ڏيڻ ڏکيو ٿي ويندو. جيڪڏهن اسان اڄ پنهنجي پاڻي واري پاليسي مضبوط نه ڪئي، ته ايندڙ نسلون اسان کي معاف نه ڪنديون.

اِها به هڪ حقيقت آهي ته پاڪستان هميشه علائقي ۾ امن ۽ ڳالهين جي حمايت ڪئي آهي. سنڌ طاس معاهدي تي پاڪستان هر ڏکئي وقت ۾ ذميواري جو مظاهرو ڪيو آهي، جڏهن ته ڀارت طرفان ڪيترائي ڀيرا اهڙا قدم کنيا ويا آهن جن هن معاهدي کي ڪمزور ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. ان باوجود پاڪستان قانوني ۽ سفارتي رستو اختيار ڪيو، ڇو ته هڪ ذميوار رياست اهڙوئي رويو اختيار ڪندي آهي. پر امن جي خواهش کي ڪمزوري سمجهڻ ڀارت جي وڏي غلطي آهي. پاڪستان کي پنهنجي قومي مفادن ۽ پاڻي جي حقن جي تحفظ لاءِ هر قانوني، سفارتي ۽ آئيني رستو اختيار ڪرڻ جو حق حاصل آهي. اڄ ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته پاڪستاني ميڊيا، دانشور، ماحوليات جا ماهر ۽ سفارتي حلقا دنيا کي اهو سمجهائين ته پاڻي جو مسئلو صرف ٻن ملڪن جو تڪرار ناهي، پر انسانن جي بقا جو سوال آهي. جيڪڏهن هڪ ايٽمي (نيوڪليئر) علائقي ۾ پاڻي کي جنگي هٿيار بڻايو ويو، ته ان جا اثر صرف ڏکڻ ايشيا تائين محدود نه رهندا. پر عالمي امن به متاثر ٿي سگهي ٿو. دنيا کي سمجهڻو پوندو ته 'واٽر ٽيررازم' صرف سياسي لفظ نه آهي، پر هڪ حقيقي خطرو آهي جيڪو لکين ڪروڙين ماڻهن جي مستقبل کي متاثر ڪري سگهي ٿو. پاڪستان هڪ ذميوار ۽ امن پسند ملڪ آهي، پر هو پنهنجي بقا، زراعت ۽ عوام جي بنيادي حقن تي ڪڏهن به سمجهوتو نٿو ڪري سگهي. ڀارت کي به اهو سمجهڻ گهرجي ته مستقل امن ڌمڪين، زور زبردستي يا پاڻي واري دٻاءُ سان نٿو اچي پر برابري، انصاف ۽ معاهدن جي عزت سان قائم ٿئي ٿو جيڪڏهن ڏکڻ ايشيا کي ترقي ۽ خوشحالي ڏانهن وٺي وڃڻو آهي ته پاڻي کي جنگ جو نه پر تعاون جو ذريعو بڻائڻو پوندو. ٻي صورت ۾ ايندڙ سالن ۾ هي مسئلو سڄي علائقي جي امن لاءِ سڀ کان وڏو خطرو بڻجي سگهي ٿو.

لطيفي لاٽ —— شاهه عبداللطيف ڀٽائي


ڪَڇَو تَہ ڪَوهُ، پَڪو نَظرُ پِرينءَ جو،
سَاهَڙُ مُنهِنجو سُپِرين، ڏَمَ ڏِئِيئِي ڏُوهُ،
جَي چَڙهو جَي چَوهُ، تَہ پُورِينڊَسِ پَارِ مَٽِي.

ڪچو= پيلو يا اڻ پڪل دل گهڙو/ڪوهه= ڇا ٿي پيو، پرواهه نه آهي/پڪو= پڪل دلو يا گهڙو/نظر پرينءَ جو= محبوب جي نگاهه يا سار سنڀال پڪل دلي جو ڪم ڏيندي/ساهڙ= ميهار، سهڻي جي محبوب جو پيو نالو/سپرين= سچو پرين، سچڻ پيارو محبوب/ ڏم= ڏم کي سهڻي جي مڙس جو نالو/ڏئيئي= ڏسڻ ساڻ/ڏوهه= گناهه يا پاپ ٿئي/ جي= جيڪڏهن /چڙهو= سخت طوفان/جي= يا، پلي/ چوهه= درياهه تيز ۽ تکو وهڪرو/ پورينڊس= ويندس/پار= درياهه جي ٻي پر، پار پونڊيس/ مٽي= جتائي، خيال ۾ رکي، ذهن نشين ڪري. (سر سهڻي، مرتب: ڀانهون خان شيخ)

جڏهن درياهه ۾ سهڻي لئي ۽ پيلو پرڻ لڳو، ان کان صورتحال ڪانپوءِ سهڻي مايوس ٿيڻ بجاءِ مخلفن کي جن هن سان دشمني ڪئي، تن کي للڪاري چئي پئي ته جي توهان ڪچو دلو رکيو ته ڇا ٿي پيو؟ منهنجي ڪاڻ ته محبوب (ميهار) جو خيال اُن جي سلر ئي پکي دلي جي برابر آهي منهنجي ساهه پساهه ۾ ته ساهڙ جي سمايل آهي اهو ئي منهنجو سپرين آهي پيارو آهيم. باقي جي 'ڏم' ڏسان ته جڻ گناهه ڪيم، پاپ ڪنيم! هاڻي جي تيز طوفان هجي يا درياهه چاڙهه جي ڪري تيز وهندڙ هجي ته سدا هجي منهنجي دل ۾، ذهن ۾ پنهنجي محبوب وٽ پهچڻ جي سلر آهي. خيال آهي جنهن جي سهاري تي، آڌار تي درياهه اُڪري پار پونديس.

(تحقيق ۽ ترتيب : شاهنواز راڄپر)


اڇوڪو ڏينهن ..... 20 مئي



حيدرآباد جي انجنيئرنگ اسڪول مان سول انجنيئرنگ جو امتحان پاس ڪيو ۽ اريگيشن کاتي ۾ سرويئر طور پنهنجي عملي زندگيءَ جي ابتدا ڪئي. ڪجهه عرصي کان پوءِ انهيءَ نوڪريءَ تان استعفيٰ ڏئي يونين اڪيڊمي اسڪول حيدرآباد جي سيڪريٽريءَ طور ڪم ڪرڻ شروع ڪيائين. هو حيدرآباد جي ميونسپالٽيءَ جو صلاحڪار، حيدرآباد لوڪل بورڊ جو ميمبر ليڊي ڊفرن اسپتال جو سيڪريٽري ۽ اعزازي مئجسٽريٽ رهيو. سندس ڪوشش سان حيدرآباد ۾ ڪيترائي اسڪول کُليا. هو مختلف اسڪولن ۾ مفت ۾ پڙهائيندو هو. هن حيدرآباد ۾ برهمو سماج جو بنياد رکيو ۽ انهيءَ تنظيم جي پليٽ فارم تان سنڌ ۾ تعليم جي ڦهلاءَ، ستيءَ جي رسم جي خاتمي ۽ نشي خلاف جدوجهد ۾ ڀرپور ڪردار ادا ڪيائين. سندس هڪ يادگار ڪارنامون هيءُ هو ته هن حيدرآباد ۾ نئون وديالا نالي سان هڪ شاندار اسڪول قائم ڪيو. اڄ اسان انهيءَ اسڪول کي "ماڊل اسڪول حيدرآباد" جي نالي سان سڃاڻون ٿا. انهيءَ کان علاوه هن حيدرآباد ۾ انيڪ عام ڀلي جا ڪم ڪرايا. هن انمول انسان 20 مئي 1939ع تي هن فاني جهان مان موڪلايو.


ڊاڪٽر محمد نعيم وجدي

ڊاڪٽر محمد نعيم وجدي سنڌ جو مشهور اديب، معالج ۽ ميڊيڪل آفيسر هو سندس جنم 7 مارچ 1924ع تي شڪارپور ۾ ٿيو هو نالي واري ليکڪ ۽ محقق محمد حنيف صديقيءَ جو ننڍو ڀاءُ هو. هن ڀهرئين ڪلاس کان ٻارهين ڪلاس تائين تعليم شڪارپور جي مختلف تعليمي ادارن مان حاصل ڪئي، ان بعد سنڌ ڪاليج ڪراچيءَ مان بي ايس سي ۽ ڊائو ميڊيڪل ڪاليج ڪراچيءَ مان ايم بي بي ايس جي سند حاصل ڪئي. 1951ع ۾ سول اسپتال ڪراچيءَ ۾ هائوس سرجن مقرر ٿيو. ان بعد ڪراچيءَ ۽ ٺٽي جي مختلف اسپتالن ۾ ميڊيڪل آفيسر طور ڪم ڪيائين. ان بعد اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ برطانيه هليو ويو ۽ لنڊن مان ڊي سي ايچ جي سند حاصل ڪري وطن واپس موٽيو. هن سال کن لياقت ميڊيڪل ڪاليج ڄامشوري ۾ اسسٽنٽ پروفيسر ۽


مختيار اٽڙ


اڳتي هلي ڪراچي يونيورسٽيءَ مان گريجوئيشن ڪيائين. هڪ سياسي خاندان سان واسطو هجڻ سبب هن به ننڍي هوندي کان ئي سياسي سرگرمين ۾ حصو وٺڻ شروع ڪيو. اسڪول واري دور ۾ ڀهرائين سڃاڳ ٻار تحريڪ ۽ بعد ۾ سنڌي شاگرد تحريڪ ۾ سرگرم رهيو. 1986ع ۾ عوامي نيشنل پارٽيءَ ۾ شموليت اختيار ڪيائين. 1987ع ۾ والد جي وفات بعد انهيءَ پارٽيءَ جي سينٽرل اگزيڪيوٽو ڪميٽيءَ جو ميمبر چونڊيو ويو. ساڳئي سال ضلعي ڪائونسل بدين جو ميمبر چونڊيو ويو. هن ايم آرڊي ۽ ڪالاباغ خلاف هلندڙ تحريڪ ۾ سرگرميءَ سان حصو ورتو. 1988ع ۾ ڀهريون ڀيرو سنڌ اسيمبليءَ جي سيٽ لاءِ چونڊ وڙهيو پر سوڀ ماڻي نه سگهيو. 1990ع ۾ سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊجي آيو. ان بعد هو ڪيترائي ڀيرا سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊجي چڪو آهي هن جي هٿ هيٺ مختلف دورن ۾ مختلف شعبن جي وزارتن جا قلمدان رهيا آهن. اڄڪلهه هو سنڌ جي يونيورسٽين ۽ بورڊس جو صوبائي وزير هجڻ سان گڏ ماحوليات، آبهوا ۽ ساحلي پٽيءَ جي ڀلائيءَ وارن کاتن جا قلمدان به سنڀالي رهيو آهي. راهو صاحب کي سندس جنم ڏينهن تي مبارڪباد پيش ڪجي ٿي.

عبد الغفار عبد جوڻيجو



هن ناميارو شاعر جو جنم 20 مئي 1967ع تي ٿرپارڪر ضلعي جي شهر ڏيپلي ۾ ٿيو هن ڊينٽل سرجريءَ ۾ گريجوئيشن ڪئي ۽ ڪميونٽي هيلٿ مينيجمينٽ ۾ اسلام آباد مان ڊپلوما سرٽيفڪيٽ حاصل ڪيو هن 1993ع ڌاري شاعري ڪرڻ شروع ڪئي سندس ڪجهه شاعري احسان آڪاش جي ترتيب ڏنل گڏيل شاعريءَ جي ڪتاب "شاعريءَ جو آڪاش" ۾ شامل آهي. ان کان علاوه احساس ميرل جي ڪتاب

ڊاڪٽر منوهرلال ٻختراءِ متلاڻي



هن ناميارو تعليمي ماهر ۽ ٻرڪ اديب جو جنم 20 مئي 1959ع تي لاڙڪاڻي ۾ ٿيو هن ممبئي يونيورسٽيءَ مان بي ايس سي (مائڪرو بائلاجي)، ايم اي (سنڌي)، ايم فل ۽ پي ايچ ڊي (سنڌي) جون سندون حاصل ڪيون ۽ ممبئي يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي جي چيئرمين طور خدمتون سرانجام ڏنيون هو شاهه سائينءَ جي شاعريءَ جو پارکو ۽ سنڌي ٻوليءَ جو وڏو ماهر رهيو آهي سندس ڪتابن ۾ "شاهه جا سرموڙ"، "سنڌي ڪهاڻي"، "سنڌي ٻوليءَ جا هزار سال"، "شاهه عبداللطيف ڀٽائي"، "گوبند مالهي - شخص ۽ اديب" ۽ "اساسي سنڌي شاعري" شامل آهن.

شهيد امان الله وسطڙو



سنڌ جي قوم پرست تحريڪن ۾، جن ڳڀرو جوانن پنهنجي ڌرتيءَ کي پنهنجي جان جو نذرانو پيش ڪيو، شهيد امان الله وسطڙو به انهن مان هڪ آهي. سنڌ ڌرتيءَ سان عشق ڪندڙ هن نوجوان 20 مئي 1960ع تي نوشهري فيروز ضلعي جي ڳوٺ مڇر ۾ پنهنجي جيون جو سفر شروع ڪيو. هن موري ۽ سنجهوري جي اسڪولن مان مئٽرڪ تائين تعليم حاصل ڪئي ۽ انٽرميڊئيٽ جو امتحان گورنمينٽ ڊگري ڪاليج شهدادڪوٽ مان پاس ڪيو. ان بعد سنڌ يونيورسٽيءَ جي جيالاجي شعبي ۾ داخلا ورتائين امان الله ڪاليج ۾ پڙهڻ دوران قوم پرست سياست ڪرڻ شروع ڪئي ۽ جيئي سنڌ اسٽوڊنٽ فيڊريشن جو حصو بڻجي ويو. اڳتي هلي انهيءَ تنظيم جي سنڌ يونيورسٽي يونٽ جو نائب صدر چونڊيو ويو. تاريخ 17 آڪٽوبر 1984ع تي ٽوڙهي ڦاٽڪ واري واقعي ۾ ڪيس شهادت جو رُتبو حاصل ٿيو.

محمد اسماعيل راهو

غلام حسين شيخ

غلام حسين شيخ سنڌ جي سرموڙ شاعر شيخ اياز جو والد هو هن جو جنم 20 مئي 1875ع تي شڪارپور ۾ ٿيو اڃا 13 ورهين جو مس هو جو سندس والد بنگل شيخ وفات ڪئي گهر جو گاڏو هلائڻ لاءِ هن پڙهائيءَ سان گڏ ڪورٽ ۾ نوڪري ڪئي اڳتي هلي پاڻ وقت جو مشهور قانوندان بڻجي ويو ۽ ڪيترائي وڪيل وٽس قانوني معاملن ۾ مدد وٺڻ لاءِ ايندا هئا هڪ قانوندان هئڻ سان گڏ هو هڪ علم دوست انسان به هو. ٿوري گهڻي شاعري به ڪيائين شاعريءَ ۾ "فقير" تخلص استعمال ڪندو هو هن تي شاديون ڪيون هيون شيخ اياز سندس ٽيون نمبر گهرواريءَ جو پٽ هو غلام حسين شيخ 13 مارچ 1935ع تي هيءُ جهان ڇڏيو.

سلطانه وقاصي

اسان جي سنڌي ادبي دنيا ۾ سلطانه وقاصيءَ جو نالو ڪنهن به تعارف جو محتاج ناهي هوءَ هڪ ليکڪا، ڪالم نگار ۽ ڪهاڻيڪاره طور مشهور آهي سلطانه وقاصيءَ جو جنم 20 مئي 1954ع تي لاڙڪاڻي ۾ ٿيو.



سندس والد عبدالحق وڪيل اصل ۾ ميهڙ جو رهواسي هو ناميارو عالم مرحوم علامه علي خان ابڙو هن جو نانو ۽ مشهور ڪهاڻيڪار جمال ابڙو هن جو مامو هو هن تعليم کاتي ۾ ڪاليج ليڪچرار طور پنهنجي عملي زندگيءَ جو سفر شروع ڪيو ۽ ايسوسيئيٽ پروفيسر طور رٽائر ٿي سلطانه وقاصيءَ لکڻ جي شروعات 1970ع ڌاري ڪئي ۽ هڪ شاعره، ڪهاڻيڪاره، ڪالم نگار ۽ مقالا نگار طور پنهنجو پاڻ مڃايو آهي سندس ڇپيل ڪتابن ۾ "ٻونهاڻيل درشن" (شاعري)، "سوال" (شاعري)، "ڳالهيون پيٽ ورن ۾" (ڪالم)، "پنهوارن پاپوهيو" (ڪالم)، "جانور" (ڪهاڻيون) ۽ "خوابن جو سفر" (سفرنامو) شامل آهن.

ارباب علي چوهاڻ

سنڌ ۾ ٻارائي ادب جي ميدان ۾ جن شخصيتن پاڻ ملهايو آهي، تن ۾ ارباب علي چوهاڻ جو نالو نمايان نظر اچي ٿو. هن ٻهوڙ شاعر ۽ نثر نويس جو جنم

آفيس آف دي ڊسٽرڪٽ ڪائونسل ميرپورخاص

نمبر: DCL/MPS/ENG/402 OF 2025-26. ميرپورخاص فون نمبر: 0233-9290179، تاريخ: 18-05-2026

ٽينڊر گهرائڻ لاءِ نوٽيس

ڊسٽرڪٽ ڪائونسل ميرپورخاص جي منظوري، قرارداد نمبر 01 تاريخ 23-04-2026 جي تحت، مالي سال 2025-26 لاءِ ميرپورخاص ڪائونسل جي پنهنجي وسيلن مان هيٺ ڄاڻايل اسڪيمن لاءِ SPPRA رولز 2010 تحت نوٽيفائيڊ ڪيل اسٽينڊرڊ واڪ دستاويزن (هڪ مرحلي تي هڪ لفافي) تي خواهشمند ڍرين/فرمن/ٺيڪيدارن کان، SPPRA رولز 2013 جي اڄ تائين جي ترميمن مطابق، مهربند ٽينڊر گهرائجن ٿا.

شمار نمبر	ڪم جو نالو	ڪُل رقم (ملين ۾)	5 سيڪڙو سوڙي رقم (ملين ۾)	ٽينڊر في (رپين ۾)	ڪم مڪمل ڪرڻ جو مدو
	يونين ڪائونسل الحاج محمد بخش ناريجو ۽ يو سي پتويون تعلقو حسين بخش مري				
1	پيارو خاصخيلي (حبيب الله ولد جان محمد) ۾ برڪ پيورمينٽ (پڪي فرش جي گهٽي) جي تعمير (100 Rft)، محمد حنيف ولد اير صديق (100 Rft)، مشتاق ولد پيارو (100 Rft)، عمر ولد مهراب (100 Rft) ديهه 78 يو سي الحاج محمد بخش ناريجو، ديهه 87، ديهه 88، ديهه 89، ديهه 89-A، ديهه 81 ۾ برڪ پيورمينٽ (500 Rft) يو سي پتويون، 4 عدد ڪلورٽس (پلين) جي تعمير ديهه 122، 4 عدد ڪلورٽس ديهه 123، 4 عدد ڪلورٽس ديهه 121، 1 عدد ڪلورٽ ديهه 125، 1 عدد ڪلورٽ ڳوٺ پيارو خاصخيلي (فيض محمد ولد پنهون) ديهه 78، 1 عدد ڪلورٽ ڳوٺ پيارو خاصخيلي (ابراهيم ولد هاشم) ديهه 78، 1 عدد ڪلورٽ ڳوٺ پيارو خاصخيلي (لونگ ولد هاشم) ديهه 78 يو سي الحاج محمد بخش ناريجو، 2 عدد ڪلورٽس ديهه 87، 2 عدد ڪلورٽس ديهه 88، 2 عدد ڪلورٽس ديهه 89، 1 عدد ڪلورٽ ديهه 89-A، 1 عدد ڪلورٽ ديهه 81 يو سي پتويون تعلقو حسين بخش مري	7.284	0.3642	3500	11 مهينا
	يونين ڪائونسل پير عظيم شاهه تعلقو حسين بخش مري				
2	ڳوٺ ڊاڪٽر سليمان ۾ برڪ پيورمينٽ جي تعمير (200 Rft)، ڳوٺ يار محمد جنجهي (150 Rft)، ڳوٺ مرد خاصخيلي (500 Rft) ديهه 106 ۾ (200 Rft)، ديهه 112 ۾ (200 Rft)، ڳوٺ محمد صديق مري (150 Rft)، ڳوٺ شاهزيب علي (100 Rft)، 3 عدد ڪلورٽس جي تعمير ڳوٺ عبيد جنجهي، 1 عدد ڪلورٽ ديهه 101، 1 عدد ڪلورٽ ديهه 106، 1 عدد ڪلورٽ ديهه 113، 1 عدد ڪلورٽ ديهه 100، 1 عدد ڪلورٽ ديهه 111، ڳوٺ حاجي هاشم ڪاڪا ديهه 114 يو سي پير عظيم شاهه تعلقو حسين بخش مري ۾ واٽر ٽينڪ (پاڻي جي حوض) جي تعمير	5.037	0.2519	3500	11 مهينا
	يونين ڪائونسل ترڪ علي مري ۽ يو سي خان تعلقو حسين بخش مري				
3	ڳوٺ پير جلال شاهه ديهه 105 ۾ برڪ پيورمينٽ جي تعمير (100 Rft)، يو سي ترڪ علي مري ديهه 94 (200 Rft)، ڳوٺ امام ڏنو (امام بارگاهه) (150 Rft)، ڳوٺ طالب علي (150 Rft) يو سي خان، 1 عدد ڪلورٽ جي تعمير ڳوٺ اعظم شاهه ديهه 105 يو سي ترڪ علي مري، 2 عدد ڪلورٽس ديهه 96، 2 عدد ڪلورٽس ديهه 97، 2 عدد ڪلورٽس ديهه 98، 2 عدد ڪلورٽس ديهه 94 يو سي خان، ڳوٺ منٺار لوڏو ديهه 105 يو سي ترڪ علي مري ۾ واٽر ٽينڪ جي تعمير، ڳوٺ پٺارو شريف ديهه 105 ۾ سي سي بلاڪ جي تعمير (100 Rft)، ڳوٺ پير امام علي شاهه ديهه 105 (100 Rft)، ڳوٺ علي محمد لوڌو ديهه 105 (100 Rft)، ڳوٺ ساوڻ لوڏو ديهه 105 (100 Rft) يو سي ترڪ علي مري تعلقو حسين بخش مري	5.631	0.2816	3500	11 مهينا
	يونين ڪائونسل گرهوڙ شريف تعلقو سنڌڙي				
4	يو سي گرهوڙ شريف ۾ برڪ پيورمينٽ جي تعمير (800 Rft)، ڳوٺ جهانگير جوڻيجو (150 Rft)، ڳوٺ سورتو مل ميگهواڙ (150 Rft)، ڳوٺ پيرانُو هاليپوٽو (100 Rft)، ڳوٺ احسان هاليپوٽو (100 Rft)، ڳوٺ عبدالحي هاليپوٽو (150 Rft)، ڳوٺ بشير هاليپوٽو (100 Rft)، ڳوٺ غلام مصطفيٰ آٿنا (200 Rft)، ڳوٺ گرهوڙ شريف (ڊاڪٽر ننڌلال) (100 Rft) يو سي گرهوڙ شريف ۾ (700 Rft)، يو سي گرهوڙ شريف ۾ 2 عدد ڪلورٽس جي تعمير، يو سي گرهوڙ شريف تعلقو سنڌڙي ۾ واٽر ٽينڪ جي تعمير	6.371	0.3186	3500	11 مهينا
	يونين ڪائونسل ڦلهڏيون تعلقو سنڌڙي				
5	يو سي ڦلهڏيون جي مختلف ڳوٺن ۾ برڪ پيورمينٽ (پڪي فرش جي گهٽي) جي تعمير (1000 Rft)، ڳوٺ عبدالجباري ديهه ڪاڪيجي (200 Rft)، ڳوٺ حاجي ديهه ڪاڪيجي (150 Rft)، ڳوٺ حيدر ديهه ڪاڪيجي (150 Rft)، 1 عدد ڪلورٽ (پل) جي تعمير ڳوٺ حسين بخش لُنڊ ديهه منو فقير، 1 عدد ڪلورٽ ڳوٺ ڪيمجي ڪولهي ديهه الله بخش، 1 عدد ڪلورٽ ڳوٺ غلام محمد راهمون ديهه ڦلهڏيون، 1 عدد ڪلورٽ ڳوٺ مير مري ديهه ڦلهڏيون، 1 عدد ڪلورٽ ڳوٺ عبدالقيوم شر ديهه ڪاڪيجي، 1 عدد ڪلورٽ ڳوٺ حيدر ديهه ڪاڪيجي، 1 عدد ڪلورٽ ڳوٺ محمد ايوب وڪيل، ڳوٺ گهنور شر ۾ واٽر ٽينڪ (پاڻي جي حوض) جي تعمير، ڳوٺ سليم پاهوڙ يو سي ڦلهڏيون تعلقو سنڌڙي ۾ واٽر ٽينڪ جي مرمت	6.327	0.3164	3500	11 مهينا
	يونين ڪائونسل سرهال ۽ يو سي سامارو مري تعلقو سنڌڙي				
6	ڳوٺ معروف پاهوڙ ۾ برڪ پيورمينٽ جي تعمير ((100 Rft)، ڳوٺ احمد پايو (100 Rft)، ڳوٺ صديق مگريو (100 Rft)، ڳوٺ شادي پاهوڙ (100 Rft)، ڳوٺ شهداد ڀهوڙ (100 Rft)، ڳوٺ خير محمد سميجو (100 Rft)، ڳوٺ نظر محمد نُڪرچ (100 Rft)، ڳوٺ مومن اٺڙ (100 Rft) يو سي سرهال، يو سي سامارو مري جي مختلف ڳوٺن ۾ (750 Rft)، يو سي سامارو مري جي مختلف ڳوٺن ۾ 5 عدد ڪلورٽس جي تعمير، 1 عدد ڪلورٽ ڳوٺ مير آچار مري يو سي سرهال ۽ يو سي سامارو مري تعلقو سنڌڙي	4.254	0.2127	3500	11 مهينا
	يونين ڪائونسل ڊير منو فقير تعلقو سنڌڙي				
7	ڳوٺ خدا بخش شر يو سي ڊير منو فقير ۾ برڪ پيورمينٽ جي تعمير (100 Rft)، ديهه فتح محمد مشائخ (250 Rft)، ديهه ڊير منو فقير (250 Rft)، ديهه گمبو (250 Rft)، ديهه ڏهروڙو_1 (250 Rft)، ڳوٺ عبدالسليم هاليپوٽو ديهه جميلاڻي (150 Rft)، ڳوٺ عامر پٽي (150 Rft)، ڳوٺ مري شر (100 Rft)، ڳوٺ عدل مري (100 Rft)، ڳوٺ خان صاحب شر (150 Rft)، ڳوٺ عاشق دين هاليپوٽو (100 Rft)، 1 عدد ڪلورٽ جي تعمير ديهه فتح محمد مشائخ، 1 عدد ڪلورٽ ديهه ڏاهرو_1، 1 عدد ڪلورٽ ديهه ڊير منو فقير، 1 عدد ڪلورٽ ديهه گمبو، 1 عدد ڪلورٽ ڳوٺ حاجي محمد اقبال آٿنا مري ديهه فتح محمد مشائخ، ڳوٺ ابراهيم نوهڙي يو سي ڊير منو فقير تعلقو سنڌڙي ۾ واٽر ٽينڪ جي تعمير	5.749	0.2875	3500	11 مهينا
	يونين ڪائونسل اسماعيل جو ڳوٺ تعلقو سنڌڙي				
8	ڳوٺ فقير علي گوهر ۾ برڪ پيورمينٽ جي تعمير (200 Rft)، ڳوٺ عبدالقادر مري ديهه پلنگو (900 Rft)، ڳوٺ پٽيل عبدالڪريم شر (150 Rft)، ڳوٺ رحيم بخش شر (100 Rft)، ڳوٺ عبدالحڪيم شر (100 Rft)، ڳوٺ جام مري (50 Rft)، ڳوٺ قائم شر (100 Rft)، ڳوٺ سيف الله شر (100 Rft)، 1 عدد ڪلورٽ جي تعمير ڳوٺ رضوان حسين شر، 5 عدد ڪلورٽس يو سي اسماعيل جو ڳوٺ، 1 عدد ڪلورٽ ڳوٺ علي سولنگي، 1 عدد ڪلورٽ ڳوٺ سرمد شر، 1 عدد ڪلورٽ ڳوٺ ڪليم الله شر، ڳوٺ پيارو خان شر ديهه تگوسر يو سي اسماعيل جو ڳوٺ تعلقو سنڌڙي ۾ واٽر ٽينڪ جي مرمت	5.95	0.2975	3500	11 مهينا
	يونين ڪائونسل ڪڙاهو تعلقو سنڌڙي				
9	ڳوٺ محمد الياس لاشاري ۾ برڪ پيورمينٽ جي تعمير (200 Rft)، محمد شاهه مير (100 Rft)، محمد مراد (100 Rft)، آچار ڪيريو (100 Rft)، اصغر ڪيريو (100 Rft)، غلام مصطفيٰ ڪيريو (100 Rft)، ڳوٺ حڪيم خاصخيلي ديهه 74 (100 Rft)، ڳوٺ ڪاسو مل سارسنگ هال ديهه بي_ڪڙاهو (100 Rft)، ڳوٺ شاهه بخش لاشاري (رميش) ديهه 129 (100 Rft)، ڳوٺ ڪچو جت ديهه 128 (100 Rft)، ڳوٺ ڪتري (ڪنڀار پاڙو، جروار پاڙو، ميگهواڙ پاڙو، ڀيل پاڙو) ديهه 128 (250 Rft)، ڳوٺ محمد نواز (100 Rft)، وليم صلاح الدين (100 Rft)، ڳوٺ حاجي چاهت (ماسٽر نجم الدين) ديهه 129 (100 Rft)، ڳوٺ محمد ڪريم (100 Rft)، ڳوٺ خير محمد جروار ديهه 128 (100 Rft)، ڳوٺ غلام رسول (100 Rft)، ڳوٺ ملوڪ جوڻيجو (رفيق جوڻيجو) (100 Rft)، ڳوٺ ميهر علي لاشاري (150 Rft)، پاٿو پير ديهه 128 ۾ (150 Rft)، ڳوٺ محمد ابراهيم دائودپوٽا (150 Rft)، ڳوٺ روگهو مل مينگهواڙ (پٽو شر ۽ ارشاد شر) ديهه بي_ڪڙاهو (100 Rft)، 1 عدد ڪلورٽ جي تعمير ديهه 74 ۽ ديهه بي_ڪڙاهو، 1 عدد ڪلورٽ ڳوٺ آصف حسين بخش ديهه بي_ڪڙاهو، 1 عدد ڪلورٽ ڳوٺ ڪيمچند ديهه 128، 3 عدد ڪلورٽس ڳوٺ فتح خان جروار ديهه 128، 1 عدد ڪلورٽ ديهه 128، ڳوٺ شفقت علي جروار ديهه 128 ۾ واٽر ٽينڪ جي مرمت، ڳوٺ حاجي پير بخش جروار ديهه 128 ۾ سي سي بلاڪ جي تعمير (200 Rft)، يو سي ڪڙاهو تعلقو سنڌڙي ۾ سي سي ڳوٺ سمير (100 Rft)	8.217	0.4109	3500	11 مهينا
	يونين ڪائونسل چتوڙي ۽ يو سي سنڌڙي تعلقو سنڌڙي				
10	ڳوٺ گل محمد خاصخيلي (سڪندر ڪي ڪي) ديهه 124 ۾ برڪ پيورمينٽ (پڪي فرش جي گهٽي) جي تعمير (100 Rft)، ڳوٺ شيويل ميگهواڙ (اسڪول) ديهه 124 (100 Rft)، ڳوٺ خادم ۽ موسيٰ ميرجت ديهه 126 (100 Rft)، ڳوٺ قدير شر ديهه ڪاني مگريو (100 Rft)، ڳوٺ طارق بگٽي ديهه 127 (100 Rft)، ڳوٺ مظفر علي چچڙو ديهه 124 (100 Rft)، ڳوٺ حاجي دريا خان مري ديهه 124 (100 Rft)، ڳوٺ علي احمد بروهي ديهه 75 (100 Rft)، ڳوٺ لونگ ريمو ديهه 127 (100 Rft)، ڳوٺ علي اڪبر ناريجو ديهه 127 (150 Rft)، ڳوٺ جيو ميگهواڙ ديهه 127 (100 Rft)، ڳوٺ چتوڙي (عاشق حسين شاهه) ديهه 124 (100 Rft) يو سي چتوڙي، ڳوٺ نياز ديهه سنڌڙي (100 Rft) اسحاق ديهه نِدو (100 Rft)، وسايو ديهه ڪاني مگريو (100 Rft)، راجو ديهه سنڌڙي (100 Rft)، شاهنواز ديهه سنڌڙي (100 Rft)، علي خان ديهه ڪاني مگريو (100 Rft)، پير بخش ديهه ڪاني مگريو (100 Rft) يو سي سنڌڙي، 1 عدد ڪلورٽ (پل) جي تعمير ڳوٺ حاجي احمد بخش ناريجو (حاجي حسين ناريجو) ديهه 127، 1 عدد ڪلورٽ ڳوٺ ميان بخش خاصخيلي ديهه 124، 1 عدد ڪلورٽ ڳوٺ غلام محمد خاصخيلي ديهه 124، 1 عدد ڪلورٽ ڳوٺ علي شير خاصخيلي ديهه 124، 1 عدد ڪلورٽ ڳوٺ حاجي ڪريم بخش خاصخيلي ديهه 124، 1 عدد ڪلورٽ ڳوٺ سيد پورل شاهه ديهه 127، 1 عدد ڪلورٽ ڳوٺ جان محمد ناريجو ديهه 126، 1 عدد ڪلورٽس ڳوٺ حاجي احمد بخش ناريجو ديهه 127، 1 عدد ڪلورٽ ديهه 124 يو سي چتوڙي، 1 عدد ڪلورٽ جي تعمير ڳوٺ قدوس، 1 عدد ڪلورٽ ايان ديهه ندو، 1 عدد ڪلورٽ اظهار ديهه ڪاني مگريو، 1 عدد ڪلورٽ غلام محمد ڪاني مگريو، 1 عدد ڪلورٽ غلام رسول ديهه ندو يو سي سنڌڙي ۽ چتوڙي تعلقو سنڌڙي	6.658	0.3329	3500	11 مهينا
	يونين ڪائونسل جُهڙبي تعلقو سنڌڙي				
11	ڳوٺ احمد مگريو ديهه 138 ۾ برڪ پيورمينٽ جي تعمير (100 Rft)، ڳوٺ سهراب مگريو ديهه 138 (100 Rft)، ڳوٺ رحيم درس ديهه 130 (100 Rft)، ذوالفقار درس ديهه 130 (100 Rft)، سليمان مگريو ديهه 137 (100 Rft)، ڳوٺ بچل مگريو ديهه 137 (100 Rft)، بنگلو پرسرام ديهه 138 (100 Rft)، ڳوٺ ڏرمو ميگهواڙ ڪان عرب مري ديهه 132 (100 Rft)، ڳوٺ سرواڻ ميگهواڙ ديهه 133 (100 Rft)، ڳوٺ جونو ميگهواڙ ديهه 132 (100 Rft)، ڳوٺ پرسرام ديهه 138 (100 Rft)، ڳوٺ نبي بخش مري (100 Rft)، ڳوٺ امير بخش جوڻيجو ديهه 132 (150 Rft)، ڳوٺ خير محمد جوڻيجو ديهه 132 (150 Rft)، ڳوٺ عبدالستار هاليپوٽو ديهه 133 (150 Rft)، ڳوٺ ڪنڀار پاڙو ديهه 132 (150 Rft)، ڳوٺ محمد سميجو ديهه 137 (100 Rft)، مير حسن مري ديهه 134 (100 Rft)، ڳوٺ يوسف ڪنڀار ديهه 137 (100 Rft)، ڳوٺ امين ٽيبو ديهه 133 (100 Rft)، 1 عدد ڪلورٽ جي تعمير ڳوٺ غلام حسين ولد دوست محمد درس ديهه 130، 1 عدد ڪلورٽ غلام رسول ايوب درس، 1 عدد ڪلورٽ ڳوٺ احمد گجو، 1 عدد ڪلورٽ جُهڙبي ستي (رفيق ملڪ) ديهه 138، 1 عدد ڪلورٽ ڳوٺ مصري ڪلوئي خميسو ڪلوئي ديهه 137، 1 عدد ڪلورٽ ڳوٺ مير عطا محمد ٽالپر ديهه 137، 1 عدد ڪلورٽ ڳوٺ اڪبر مري ديهه 132، ديهه 132 ۾ RCC سيوريج لائين 6 انچ ڊايا (400 Rft) يو سي جُهڙبي تعلقو سنڌڙي	7.146	0.3573	3500	11 مهينا
	يونين ڪائونسل جيلاني ۽ يو سي بلوچ آباد تعلقو سنڌڙي				
12	يو سي جيلاني جي مختلف ڳوٺن ۾ برڪ پيورمينٽ جي تعمير (800 Rft) ڳوٺ لاڪاڏنو رند (200 Rft)، ڳوٺ حاجي عبدالرحيم سميجو (100 Rft)، ڳوٺ عاشق علي رند (100 Rft)، ڳوٺ عبدالغفار رند (100 Rft)، ڳوٺ شاهه محمد رند (100 Rft)، ڳوٺ مير شاهه جهان ٽالپر (100 Rft) يو سي بلوچ آباد، يو سي جيلاني ۾ 3 عدد ڪلورٽس جي تعمير، 1 عدد ڪلورٽ ڳوٺ نصير شر ديهه آٿنا يو سي جيلاني، 1 عدد ڪلورٽ ڳوٺ حاجي عبدالرحيم سميجو، 1 عدد ڪلورٽ ڳوٺ مير علي رضا ٽالپر يو سي بلوچ آباد، ڳوٺ لاڪاڏنو رند يو سي بلوچ آباد ۽ يو سي جيلاني تعلقو سنڌڙي ۾ واٽر ٽينڪ (پاڻي جي حوض) جي تعمير	5.314	0.2657	3500	11 مهينا
	يونين ڪائونسل لال شاهه تعلقو ڪوٽ غلام محمد				
13	يو سي لال شاهه جي مختلف ڳوٺن ۾ برڪ پيورمينٽ جي تعمير (1400 Rft)، يو سي لال شاهه جي مختلف ڳوٺن ۾ 11 عدد ڪلورٽس (پلين) جي تعمير	5.275	0.2638	3500	11 مهينا
	يونين ڪائونسل احمد خان پرڳڙي ۽ يو سي جواريسر تعلقو ڪوٽ غلام محمد				
14	ڳوٺ محمد بخش خاصخيلي ديهه 306 ۾ برڪ پيورمينٽ (پڪي فرش جي گهٽي) جي تعمير (100 Rft)، ڳوٺ فيض محمد دل ديهه 351 (100 Rft)، ڳوٺ شادي خان چانديو ديهه 345 (100 Rft)، ڳوٺ روجي راڄڙي ديهه 351 (100 Rft)، ڳوٺ چوڌري نصير احمد ديهه 315 (100 Rft)، ڳوٺ چوڌري اشرف ديهه 305 (100 Rft)، ڳوٺ غفار خانزاده ديهه 308 (100 Rft)، ڳوٺ حنيف باجوه ديهه 266 (100 Rft)، ڳوٺ چوڌري وارث ديهه 266 (100 Rft)، ڳوٺ شفيع سرائي ديهه 350 (100 Rft)، ڳوٺ ڏتي بخش چانديو ديهه 350 (100 Rft)، ڳوٺ نور محمد ديهه 308_A (200 Rft)، اڪبر خان ديهه 308 (100 Rft)، شبير ناني ديهه 308 (100 Rft)، جبار ديهه 308 (100 Rft) يو سي احمد خان پرڳڙي، ڳوٺ رئيس اياز خان ديهه 338 (100 Rft)، ڳوٺ ماستر اسحاق ديهه 348 (100 Rft)، ڳوٺ سراج خان ديهه 336 (100 Rft)، سيف اسڪول ديهه 348_A ۾ (100 Rft)، ڳوٺ منهار حسن بخش ديهه 337 (100 Rft)، ڳوٺ محمد ياسين ديهه 338 (100 Rft) يو سي جواريسر، 1 عدد ڪلورٽ (پل) جي تعمير ڳوٺ شبير قائمخاني ديهه 306، 1 عدد ڪلورٽ ڳوٺ چوڌري سليم راجپوت ديهه 350، 1 عدد ڪلورٽ ڳوٺ حاجي احمد خان ديهه 347، 1 عدد ڪلورٽ ڳوٺ رفيق خانزاده ديهه 318_A، 2 عدد ڪلورٽس ڳوٺ محمد لقمان خانزاده ديهه 308 يو سي احمد خان پرڳڙي، 1 عدد ڪلورٽ ڳوٺ شهباز قريشي ديهه 339، 1 عدد ڪلورٽ ڳوٺ عبدالله خان ديهه 337 يو سي جواريسر، ڳوٺ منو خان پرڳڙي ديهه 339_A يو سي جواريسر ۽ يو سي احمد خان پرڳڙي تعلقو ڪوٽ غلام محمد ۾ واٽر ٽينڪ (پاڻي جي حوض) جي تعمير	7.574	0.3787	3500	11 مهينا
	يونين ڪائونسل هادي بخش ڊونڪائي تعلقو ڪوٽ غلام محمد				
15	يو سي حاجي هادي بخش ڊونڪائي ۾ برڪ پيورمينٽ جي تعمير (500 Rft)، ڳوٺ دانارام ڪولهي ڪالوني (100 Rft)، يو سي حاجي هادي بخش ڊونڪائي ۾ 2 عدد ڪلورٽس جي تعمير، يو سي حاجي هادي بخش ڊونڪائي جي مختلف ڳوٺن ۾ 05 عدد ڪلورٽس جي تعمير، ڳوٺ قيصر لنجواني ديهه 330 ۾ واٽر ٽينڪ جي تعمير، ڳوٺ اياز ڊونڪائي ديهه 330 يو سي هادي بخش ڊونڪائي تعلقو ڪوٽ غلام محمد ۾ واٽر ٽينڪ جي تعمير	5.291	0.2646	3500	11 مهينا
	يونين ڪائونسل عبيدالله پرڳڙي تعلقو ڪوٽ غلام محمد				
16	ڳوٺ محمد رمضان ميو ۾ برڪ پيورمينٽ جي تعمير (200 Rft)، ڳوٺ محمد جميل ميو (مسجد واري گهٽي) (100 Rft)، ڳوٺ حاجي چاهت خان ميو ديهه 323 (100 Rft)، ڳوٺ محمد حسن ميو ديهه 323 (100 Rft)، ڳوٺ شبير احمد ميو ديهه 323 (100 Rft)، ڳوٺ منان شر ديهه 322 (100 Rft)، ڳوٺ مير خان ڪولهي ديهه 218 (100 Rft)، ڳوٺ غلام رسول ديهه 218 (150 Rft)، ڳوٺ شوڪت حيات قائمخاني ديهه 218 (150 Rft)، ڳوٺ صوبدار سولنگي ديهه 218 (100 Rft)، ڳوٺ عرس شر ديهه 208 (100 Rft)، ڳوٺ اڄو ڪولهي ديهه 230 (100 Rft)، ڳوٺ سوهالي محمد شر ديهه 331 (100 Rft)، 1 عدد ڪلورٽ جي تعمير ڳوٺ محمد عمران ميو ديهه 323، 1 عدد ڪلورٽ ڳوٺ منور خان قائمخاني ديهه 218، 1 عدد ڪلورٽ ڳوٺ غلام نبي قائمخاني ديهه 218، 1 عدد ڪلورٽ ڳوٺ طفيل پرڳڙي ديهه 218، 1 عدد ڪلورٽ ڳوٺ احمد خان پرڳڙي ديهه 230، 1 عدد ڪلورٽ ڳوٺ قاسم هڄئي ديهه 209، ڳوٺ حاجي رفيق پرڳڙي ديهه 230 يو سي عبيدالله پرڳڙي تعلقو ڪوٽ غلام محمد ۾ واٽر ٽينڪ جي مرمت	5.157	0.2579	3500	11 مهينا
	يونين ڪائونسل مير غلام حسين ٽالپر تعلقو ڪوٽ غلام محمد				
17	ڳوٺ گل محمد رند ديهه 278 ۾ برڪ پيورمينٽ جي تعمير (100 Rft)، ڳوٺ مير الله ڏنو ديهه 287 (100 Rft)، ڳوٺ جاسمائل مهاجر ۽ ڪولهي پاڙو ديهه 278 (200 Rft)، ڳوٺ فوجي فضل ميو ۽ رمضان ميو ديهه 251 (200 Rft)، ڳوٺ محمد علي درس ديهه 252 (150 Rft)، ڳوٺ بهرام مري ديهه 278 (100 Rft)، ڳوٺ امتياز (100 Rft)، ڳوٺ ايڊووڪيٽ ڊاڪٽر ڊيرومل ڪولهي ديهه 252 (100 Rft)، ڳوٺ اجمل ڪولهي ديهه 252 (100 Rft)، ڳوٺ بشير ڪاپڙي/رانجهو ڪاپڙي ديهه 252 (100 Rft)، ڳوٺ همت خان ميو ديهه 252 (100 Rft)، 3 عدد ڪلورٽس جي تعمير ديهه 277، 2 عدد ڪلورٽس ديهه 278، 2 عدد ڪلورٽس ديهه 252، 1 عدد ڪلورٽ ڳوٺ مير نصير حسين ٽالپر ديهه 287، 3 عدد ڪلورٽس ديهه 251، 2 عدد ڪلورٽس ڳوٺ مير راڄا ديهه 277، 1 عدد ڪلورٽ ڳوٺ امتياز، 1 عدد ڪلورٽ ڳوٺ مير افضل ٽالپر ديهه 277، 1 عدد ڪلورٽ ڳوٺ مير سمير ٽالپر ديهه 277 يو سي مير غلام حسين ٽالپر تعلقو ڪوٽ غلام محمد	6.717	0.3359	3500	11 مهينا
	يونين ڪائونسل مير الهداد ٽالپر تعلقو ڪوٽ غلام محمد				
18	ڳوٺ مير اڪبر علي ٽالپر ديهه 281 ۾ برڪ پيورمينٽ (پڪي فرش جي گهٽي) جي تعمير (200 Rft)، ڳوٺ ڪولهي ديهه 275 (100 Rft)، ڳوٺ علي احمد خاصخيلي (100 Rft)، ڳوٺ مولوي حبيب الله (مين روڊ ڪان مسجد ٽائين) ديهه 275 (100 Rft)، ڳوٺ ماستر اير سليم نوح ۽ يامين پارو (100 Rft)، جامع مسجد مين روڊ ڪان مسجد ٽائين (100 Rft)، ڳوٺ اسماعيل گورچاڻي (100 Rft)، ڳوٺ ڊاڪٽر عبدالرحمان پاڙو (100 Rft)، ڳوٺ شريف پنجابي ظفر آرائين ديهه 253 (100 Rft)، ڳوٺ عالم ميو (100 Rft)، ڳوٺ مصري شاهه ديهه 255 (100 Rft)، ڳوٺ ڪرشن ڪائونسلر (100 Rft)، ڳوٺ چوڌري سلطان احمد آرائين (100 Rft)، ڳوٺ ڊاڪٽر هيمجي ڪائونسلر ديهه 275 (100 Rft)، ڳوٺ مير حسن علي ٽالپر ديهه 280 (200 Rft)، 1 عدد ڪلورٽ (پل) جي تعمير ڳوٺ فيض محمد لغاري ديهه 253، 1 عدد ڪلورٽ ڳوٺ صابر لغاري ديهه 253، 1 عدد ڪلورٽ ڳوٺ علي رفيق ڏنو بنگلاڻي ديهه 254، 1 عدد ڪلورٽ ڳوٺ محمد لائق بنگلاڻي ديهه 254، 1 عدد ڪلورٽ ڳوٺ مير حسن علي ٽالپر ديهه 280 يو سي مير الهداد ٽالپر تعلقو ڪوٽ غلام محمد	4.495	0.2248	3500	11 مهينا
	يونين ڪائونسل غلام مصطفيٰ پرڳڙي ۽ يو سي محمد رفيقي ڪاچيلو تعلقو ڪوٽ غلام محمد				
19	ڳوٺ بشير آباد ديهه 259 ۾ برڪ پيورمينٽ جي تعمير (100 Rft)، ڳوٺ فقيرو ڪولهي ديهه 292 (100 Rft)، ڳوٺ غلام عباس (مسجد جي سامهون) (100 Rft)، ڳوٺ اڪرم شاهه ديهه 293 (100 Rft)، ڳوٺ اير.اير بوٽا ديهه 271_A (100 Rft)، ڳوٺ جوڻي ڍبرجي ديهه 259 (200 Rft)، ڳوٺ چوڌري غلام عباس (ماستر ڀڳونداس پارو) ديهه 271 (100 Rft) يو سي اير. رفيقي ڪاچيلو، 2 عدد ڪلورٽس جي تعمير ڳوٺ رئيس نور احمد پرڳڙي (پرڳڙي فارم) ديهه 256، 1 عدد ڪلورٽ ڳوٺ قائم ٽيبو (اير. ابراهيم عرف قاضي) ديهه 273، 1 عدد ڪلورٽ ڳوٺ حاجي قائم ٽيبو (محمد عمر ٽيبو) ديهه 273، 1 عدد ڪلورٽ ڳوٺ سعيد احمد لغاري (نور احمد لغاري چيئرمين) ديهه 273، 1 عدد ڪلورٽ ڳوٺ عبدالجبار خاصخيلي (نور احمد ولد عبدالله) ديهه 255، 1 عدد ڪلورٽ ڳوٺ عبدالجبار خاصخيلي (عبدالحميد خاصخيلي) ديهه 255، 1 عدد ڪلورٽ ڳوٺ سفيدو مهاجر (اير. حنيف هوٽل) ديهه 255، 1 عدد ڪلورٽس اير. شفيق ميو ديهه 257، 1 عدد ڪلورٽ ڳوٺ شوڪت لغاري ولد غلام رسول لغاري ديهه 273، 1 عدد ڪلورٽ ڳوٺ ڪيهر خان لغاري ديهه 273، 1 عدد ڪلورٽ ڳوٺ شوڪت آرائين (دلدار آرائين) ديهه 255، 1 عدد ڪلورٽ ڳوٺ محمد اسحاق ميو ديهه 257، يو سي غلام مصطفيٰ پرڳڙي ۾ 1 عدد ڪلورٽ واٽر ڪورس پارو ڪولهي بخاري فارم ديهه 292، 1 عدد ڪلورٽ واٽر ڪورس نويد ڪاچيلو فارم ديهه 271، 1 عدد ڪلورٽ واٽر ڪورس آصف رنڌاوا ديهه 259، 1 عدد ڪلورٽ واٽر ڪورس رشيد حسين ديهه 259، 1 عدد ڪلورٽ واٽر ڪورس اختر علي ديهه جوڻي ڍبرجي، 1 عدد ڪلورٽ سليمان ڈال ديهه 258، 1 عدد ڪلورٽ واٽر ڪورس ارشد علي ديهه 259 يو سي اير. رفيقي ڪاچيلو ۽ يو سي غلام مصطفيٰ پرڳڙي تعلقو ڪوٽ غلام محمد	6.233	0.3117	3500	11 مهينا
	يونين ڪائونسل خداداد تعلقو ڪوٽ غلام محمد				
20	ڳوٺ خداداد ۾ برڪ پيورمينٽ جي تعمير (500 Rft)، ڳوٺ لب سنگهه (500 Rft)، ديهه 261 (300 Rft)، ڳوٺ سيڪاري (300 Rft)، ديهه 260 (200 Rft)، ڳوٺ هوڊيوال (250 Rft)، ڳوٺ جوڳيان (200 Rft)، ڳوٺ ديال داس ڳڙهه (500 Rft)، ديال داس ڳڙهه ۾ 2 عدد ڪلورٽس جي تعمير، يو سي خداداد تعلقو ڪوٽ غلام محمد ۾ 1 عدد ڪلورٽس جي تعمير	5.827	0.2914	3500	11 مهينا
	يونين ڪائونسل ڊيگان پرڳڙي تعلقو ڪوٽ غلام محمد				
21	ڳوٺ ارشاد احمد پرڳڙي ديهه 221 ۾ برڪ پيورمينٽ جي تعمير (200 Rft)، ڳوٺ عبدالڪريم مهار (سولنگي مسجد) ديهه 234 (200 Rft)، ڳوٺ چوڌري ثناءُ الله ديهه 232 (200 Rft)، ڊيگان پرڳڙي ستي ديهه 221 (200 Rft)، يو سي ڊيگان پرڳڙي (400 Rft)، ڳوٺ رامچند ڪولهي ديهه 221 (200 Rft)، ڳوٺ عبداللطيف پرڳڙي (200 Rft)، ڳوٺ حاجي سعيد احمد ديهه 221 ۾ 1 عدد ڪلورٽ جي تعمير، 1 عدد ڪلورٽ ڳوٺ حاجي شاهد احمد ديهه 223، 1 عدد ڪلورٽ واٽر ڪورس ارشد مهار ديهه 223، 1 عدد ڪلورٽ ڳوٺ چوڌري منير احمد ديهه 233، 1 عدد ڪلورٽ ديهه 223، 1 عدد ڪلورٽ ڳوٺ عبداللطيف پرڳڙي يو سي ڊيگان پرڳڙي تعلقو ڪوٽ غلام محمد	4.436	0.2218	3500	11 مهينا
	يونين ڪائونسل مير علي بخش ٽالپر تعلقو ڪوٽ غلام محمد				
22	ڳوٺ الله بچايو درس (مجيد درس) ديهه 332 ۾ برڪ پيورمينٽ (پڪي فرش جي گهٽي) جي تعمير (100 Rft)، ڳوٺ غلام مصطفيٰ سهتو ديهه 332 (150 Rft)، ڳوٺ رفيق ڪوسو ديهه 332 (150 Rft)، ڳوٺ گل محمد هاليپوٽو (محمود هاليپوٽو) ديهه 332 (100 Rft)، ڳوٺ مير مراد شر ديهه 212 (100 Rft)، ڳوٺ قيوم آباد ديهه 212 (100 Rft)، ڳوٺ ناصر بابر ديهه 332 (100 Rft)، ڳوٺ ويرو ڪولهي ديهه 332 (100 Rft)، ڳوٺ چنو ڪولهي ديهه 320 (100 Rft)، ڳوٺ گينو ڪولهي (بخاري فارم) (100 Rft)، ڳوٺ چوڌري عارف ديهه 320_B (100 Rft)، ڳوٺ وسند رحيمون ديهه 332 (100 Rft)، ڳوٺ نصرالله خاصخيلي ديهه 332 (100 Rft)، ڳوٺ غلام رسول شاهه ديهه 321 ۾ 1 عدد ڪلورٽ (پل) جي تعمير، 1 عدد ڪلورٽ ڳوٺ غوث بخش پرڳڙي ديهه 321، 1 عدد ڪلورٽ ڳوٺ مير الهداد خان ٽالپر ديهه 320-B، 1 عدد ڪلورٽ ڳوٺ غلام رسول جوڻيجو ديهه 320-B، 3 عدد ڪلورٽس قيوم آباد (ڪولهي پاڙو) ديهه 212 ۽ 213، 1 عدد ڪلورٽ ڳوٺ امام واهيو ديهه 320-B، 1 عدد ڪلورٽ ڳوٺ نواب علي احمد ديهه 212، 1 عدد ڪلورٽ ڳوٺ محمد نواز سانسي ديهه 211، 1 عدد ڪلورٽ ڳوٺ عبدالستار مهار ديهه 315، شافعي محمد خاصخيلي ديهه 212 وٽ 1 عدد ڪلورٽس يو سي مير علي بخش ٽالپر تعلقو ڪوٽ غلام محمد	5.652	0.2826	3500	11 مهينا
	يونين ڪائونسل خير محمد پرڳڙي تعلقو ڪوٽ غلام محمد				
23	يو سي رئيس خير محمد محمد پرڳڙي جي مختلف ڳوٺن ۾ برڪ پيورمينٽ جي تعمير (700 Rft)، ديهه 284 ۾ 2 عدد ڪلورٽس جي تعمير، ديهه 285 ۾ 2 عدد ڪلورٽس، ديهه 286 ۾ 2 عدد ڪلورٽس، ديهه 289 ۾ 2 عدد ڪلورٽس، ديهه 290 ۾ 2 عدد ڪلورٽس، ديهه 291 ۾ 2 عدد ڪلورٽس يو سي رئيس خير محمد پرڳڙي تعلقو ڪوٽ غلام محمد	4.248	0.2124	3500	11 مهينا
	يونين ڪائونسل مير امام بخش ٽالپر تعلقو ڪوٽ غلام محمد				
24	ڳوٺ مير لطف الله ٽالپر ۾ برڪ پيورمينٽ جي تعمير (150 Rft)، ڳوٺ مير امام بخش ٽالپر ديهه 283 (150 Rft)، ڳوٺ مير محمد عون علي ٽالپر ديهه 283 (100 Rft)، ڳوٺ ماستر ارشاد لغاري ديهه 282 (100 Rft)، ڳوٺ واڳهريجي (يونس لغاري) ديهه 274 (100 Rft)، ڳوٺ ڪوٽ ميرس (مهيشوري ملو) (100 Rft)، ڳوٺ اير. بخش ڪوڪر جي مختلف گهٽين ۾ (600 Rft)، ڳوٺ شهيد مير علي بخش ٽالپر ڪالوني ديهه 274_A (200 Rft)، ڳوٺ واڳهريجي (شاهين بيگم لغاري) ديهه 274_A (100 Rft)، ڳوٺ دودو خان لغاري (قبرستان) ديهه 274_A (200 Rft)، ڳوٺ مير امام بخش ٽالپر ديهه 283 ۾ 2 عدد ڪلورٽس جي تعمير، ڳوٺ مير خيرالله ٽالپر ديهه 282 ۾ 2 عدد ڪلورٽس، ڳوٺ مير نصرالله ٽالپر ديهه 283 ۾ 1 عدد ڪلورٽ، ڳوٺ مير عتيق الله خان ٽالپر ديهه 283 ۾ 1 عدد ڪلورٽ، ڳوٺ مير شيرالله خان ٽالپر ۾ 1 عدد ڪلورٽ، ڳوٺ مير محبوب علي خان ٽالپر ديهه 282 ۾ 1 عدد ڪلورٽ، ڳوٺ ڊاڪٽر نور حسن لغاري ۾ 1 عدد ڪلورٽ، ڳوٺ ڊاڪٽر خالد چوڌري ۾ 1 عدد ڪلورٽ، ڳوٺ اڪبر ٽيبو ولد برهان الدين ۾ 1 عدد ڪلورٽ، ڳوٺ حاجي اسماعيل لغاري (عمران لغاري) ويجهو 10 مائل مري ديهه 273 وٽ 2 عدد ڪلورٽس يو سي مير امام بخش ٽالپر تعلقو ڪوٽ غلام محمد	6.547	0.3247	3500	11 مهينا
	يونين ڪائونسل مير الله بچايو ٽالپر تعلقو جهڏو				
25	ڳوٺ عبدالغفور ڪوسو ديهه 317 ۾ برڪ پيورمينٽ جي تعمير (500 Rft)، ڳوٺ الله ڏنو ڪوسو ديهه 317 (500 Rft)، ڳوٺ هرجي پٽيل ديهه 316 (150 Rft)، ڳوٺ يوسف راجپوت ديهه 316 (100 Rft)، ڳوٺ لالي ميگهواڙ ديهه 370 (100 Rft)، ڳوٺ زمان ڪوسو ديهه 317 (100 Rft)، ڳوٺ نواز علي ولد رمضان پتافي ديهه 315 (150 Rft)، ڳوٺ چگو خان جروار ديهه 369 (150 Rft)، ڳوٺ امير علي جروار ديهه 369 (150 Rft)، ڳوٺ غلام رسول ڪوسو (150 Rft) وٽ برڪ پيورمينٽ جي تعمير، ديهه 371 ۾ 5 عدد ڪلورٽس جي تعمير، 1 عدد ڪلورٽ ڳوٺ راڻا شڪيل ديهه 316، 1 عدد ڪلورٽ ڳوٺ پير ساگر ديهه 316، 1 عدد ڪلورٽ ڳوٺ گل بهار پتافي ديهه 315، ڳوٺ پاول خان جروار ديهه 369 وٽ واٽر ٽينڪ (پاڻي جي حوض) جي تعمير يو سي مير الله بچايو ٽالپر تعلقو جهڏو	6.938	0.3469	3500	11 مهينا

INF/KRY/1969/2026

سانا پاران سنڌ زرعي يونيورسٽي جي هوشيار شاگردن لاءِ اسڪالرشپ پروگرام شروع

يونيورسٽي ۾ تقريب دوران وائيس چانسلر قابل ۽ ذهين شاگردن ۾ اسڪالرشپ جا چيڪ ورهايا

سانا پاران سنڌ زرعي يونيورسٽي جي شاگردن لاءِ اسڪالرشپ پروگرام جي شروعات خوشي جي ڳالهه آهي: ڊاڪٽر الطاف سيال

اسڪالرشپ ۽ مالي سهائتا جا پروگرام اعليٰ تعليم جي واڌاري ۽ مستحق شاگردن کي اعتماد سان تعليم جاري رکڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪن

ٽنڊوڄام (ن ع) سنڌي ايسوسيئيشن آف نارٿ آمريڪا (سانا) پاران سنڌ زرعي يونيورسٽي ٽنڊي ڄام جي ميرٽوريئس شاگردن ۽ شاگردياڻين لاءِ اسڪالرشپ پروگرام شروع ڪري ڇڏيو آهي ان سلسلي ۾ يونيورسٽي ۾ تقريب دوران قابل ۽ ذهين شاگردن ۾ اسڪالرشپ جا چيڪ ورهايا ويا، تقريب جي صدارت وائيس چانسلر انجنيئر پروفيسر ڊاڪٽر الطاف علي سيال ڪئي تقريب دوران 46 شاگردن ۽ شاگردياڻين ۾ 3 ڪروڙ 69 لک رپين ماليت جا اسڪالرشپ چيڪ ورهايا ويا جن ۾ سانا-فيم سنڌ زرعي يونيورسٽي اسڪالرشپ پروگرام ۽ اسڪاٽلينڊ پاڪستان اسڪالرشپ اسڪيم 2025-26 شامل آهن جيڪا خاص طور شاگردياڻين لاءِ مختص ڪئي وئي آهي. تقريب کي خطاب ڪندي وائيس چانسلر ڊاڪٽر الطاف علي سيال چيو ته سانا پاران سنڌ زرعي يونيورسٽي جي شاگردن لاءِ اسڪالرشپ پروگرام جي شروعات خوشي جي ڳالهه آهي. هن چيو ته سانا ان کان اڳ ملڪ جي ٻين يونيورسٽين جي شاگردن جي پڻ مالي سهائتا ڪندي رهي آهي جڏهن ته هاڻي سنڌ زرعي يونيورسٽي جي ذهين ۽ قابل شاگردن کي به ان سهولت مان فائدو حاصل ٿيندو. هن وڌيڪ چيو ته يونيورسٽي پنهنجي اينڊوومينٽ فنڊ ذريعي به مستحق شاگردن جي مالي سهائتا جاري رکندي، بشرطيڪ شاگرد پنهنجي تعليمي ڪارڪردگي کي وڌيڪ بهتر بڻائين رجسٽرار غلام محي الدين قريشي چيو ته اسڪالرشپ ۽ مالي سهائتا جا پروگرام اعليٰ تعليم جي واڌاري ۽ مستحق شاگردن کي اعتماد سان تعليم جاري رکڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿا.

مسوپرڳڙي لڳ حيدرآباد برانچ مان نڪرندڙ ڄام شاخ تي پاڻي چوري جاري هجڻ جا انڪشاف

ڄام شاخ تي مبينا طور ايريگيشن عملي جي ملي ڀڳت سان پاڻي جي وڏي پيماني تي چوري جاري

شاخ جي منڍ واري حصي ۾ بااثر زميندارن ۽ وڏيرن پاران سوين غيرقانوني نڙا ۽ لفٽ مشينون لڳائي پاڻي کنيو پيو وڃي

مسوپرڳڙي (ن ع) مسوپرڳڙي لڳ حيدرآباد برانچ مان نڪرندڙ ڄام شاخ تي مبينا طور ايريگيشن عملي جي ملي ڀڳت سان پاڻي جي وڏي پيماني تي چوري جاري هجڻ جا انڪشاف سامهون اچي رهيا آهن. جنهن سبب شاخ جي پڇڙي وارن علائقن ۾ آبادگارن کي سخت ڏکيائين کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي مقامي آبادگارن موجب شاخ جي منڍ واري حصي ۾ بااثر زميندارن ۽ وڏيرن پاران سوين غيرقانوني نڙا ۽ لفٽ مشينون لڳائي پاڻي کنيو پيو وڃي جڏهن ته ڪيترن ئي واٽر ڪورسن جا منهن پڻ ڀڳل هجڻ سبب پاڻي ضايع ٿي رهيو آهي. آبادگارن جو چوڻ آهي ته بااثر ماڻهن کي ايريگيشن عملي جي مڪمل سرپرستي حاصل آهي، جنهن ڪري سندن خلاف ڪا به ڪارروائي نٿي ڪئي وڃي. هنن الزام هنيو ته شاخ جي منڍ تي پاڻي جي بي دريغ چوري سبب پڇڙي وارن علائقن تائين پاڻي پهچي ئي نٿو جنهن ڪري هزارين ايڪڙ زرعي زمين بنجر بڻجڻ جي خطري ۾ آهي. آبادگارن جو چوڻ آهي ته فصل سڪي تباهه ٿي رهيا آهن جڏهن ته ڪيترن ئي ڳوٺن ۾ پيئڻ جي پاڻي جي به سخت کوٽ پيدا ٿي وئي آهي. متاثر آبادگارن ۽ سماجي ڌرين احتجاج ڪندي چيو آهي ته پاڻي جي غيرمنصفاڻي ورڇ سبب ننڍا آبادگار معاشي تباهي طرف وڃي رهيا آهن. پر لاڳاپيل اختياري خاموش تماشائي بڻيل آهن هنن مطالبو ڪيو ڄام شاخ تي لڳل غيرقانوني لفٽ مشينون فوري ختم ڪري، واٽر ڪورسن جي مرمت ڪرائي وڃي ۽ پاڻي جي منصفاڻي ورڇ کي يقيني بڻايو وڃي

گورنمينٽ ڪاليج يونيورسٽي حيدرآباد ۾ بورڊ آف اسٽڊيز گڏجاڻي

ايم فل پروگرام، تحقيقي جرنل، فهم القرآن ۽ آرٽيفيشل انٽيليجنس ڪورسن جي منظوري

اهم معاملن جي نگراني لاءِ ريلوينس اسيسمينٽ ڪميٽي قائم ڪئي ويندي، گڏجاڻي ۾ فيصلو

حيدرآباد (پ ر) گورنمينٽ ڪاليج يونيورسٽي حيدرآباد جي سنڌي شعبي جي پهرين "بورڊ آف اسٽڊيز" جي اهم گڏجاڻي سنڌي شعبي جي چيئرمين ناماياري اديب ۽ محقق ڊاڪٽر احسان دانش جي صدارت ۾ منعقد ٿي، جنهن ۾ سنڌ جي مقتدر علمي ادبي ۽ تحقيقي ادارن جي سربراهن شرڪت ڪئي. اجلاس ۾ سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو جي سنڌي شعبي جي چيئرمين ڊاڪٽر نور محمد شاهه، سنڌي ٻولي جي بااختيار اداري جي چيئرمين ڊاڪٽر شير مهراڻي ۽ انسٽيٽيوٽ آف سنڌيالاجي جي ڊائريڪٽر ڊاڪٽر فياض لطيف بطور ميمبر شرڪت ڪئي جڏهن ته سنڌي شعبي جي ٽيچنگ اسسٽنٽ مس ڪائنات چانڊيو به شريڪ ٿي. گڏجاڻي دوران سنڌي شعبي جي تعليمي معيار کي جديد تقاضائن سان هم آهنگ ڪرڻ ۽ نصاب کي وڌيڪ بهتر بڻائڻ لاءِ پيش ڪيل 8 نقاطي ايجنڊا تي تفصيلي غور ويچار ڪانپوءِ سڀني نقطن جي هڪراءِ سان منظوري ڏني وئي. گڏجاڻي ۾ فيصلو ڪيو ويو ته سنڌي شعبي ۾ اعليٰ تعليم ۽ تحقيق کي هٿي ڏيڻ لاءِ ايم فل پروگرام جو باقاعده آغاز ڪيو ويندو ۽ شعبي جي اهم معاملن جي نگراني لاءِ ريلوينس اسيسمينٽ ڪميٽي قائم ڪئي ويندي، ان سان گڏوگڏ سنڌي شعبي پاران هڪ اعليٰ معيار جو نئون تحقيقي جرنل جاري ڪرڻ، ڪاليج جي تعليمي ۽ ادبي سرگرمين جو ساليانو ڪيلينڊر ترتيب ڏيڻ ۽ شعبي ۾ فهم القرآن ڪورس متعارف ڪرائڻ جي منظوري پڻ ڏني وئي. گڏجاڻي ۾ هائر ايجوڪيشن ڪميشن اسلام آباد جي هدايتن تي سختي سان عمل ڪندي فيصلو ڪيو ويو ته بي ايس پروگرامن ۾ 3 ڪريڊٽ آورس جو آرٽيفيشل انٽيليجنس جو ڪورس لازمي مضمون طور شامل ڪيو ويندو، جڏهن ته شاگردن جي عملي مهارتن کي وڌائڻ لاءِ نصاب ۾ لازمي سرٽيفڪيشنز ۽ انٽرنشپ کي پڻ شامل ڪيو ويو آهي. جڏهن ته بورڊ جي اجازت سان ٻين اهم تعليمي معاملن کي پڻ غور هيٺ آندو ويو. ان موقعي تي چيئرمين ڊاڪٽر احسان دانش چيو ته جي سي يونيورسٽي حيدرآباد جو سنڌي شعبو شاگردن کي جديد دور جي چيلنجز کي منهن ڏيڻ لاءِ تيار ڪري رهيو آهي. جنهن لاءِ سنڌي ٻولي ۽ ادب سان گڏ جديد ٽيڪنالاجي کي به نصاب جو حصو بڻايو ويو آهي. گڏجاڻي ۾ شريڪ ميمبرن ايم فل پروگرام جي شروعات ۽ تحقيقي جرنل جي اجراءَ واري قدم کي سنڌي ٻولي، ادب ۽ تحقيق جي ترقي لاءِ هڪ تاريخي سنگ ميل قرار ڏنو

راوتياڻي واسي فوجي جوان بلوچستان ۾ دشمن سان وڙهندي شهيد

ڪنڊيارو (ن ع) ڪنڊيارو لڳ راوتياڻي واسي پاڪ فوج جو بهادر جوان عارف آرائين بلوچستان ۾ جاري آپريشن دوران دشمن سان مقابلو ڪندي وطن تان قربان ٿي شهادت جو اعليٰ رتبو ماڻي ويو. شهيد عارف آرائين جو مڙهه پاڪ فوج جي خاص انتظام هيٺ سندس اباڻي ڳوٺ هدايت جت لڳ راوتياڻي تعلقو سنجهورو پهچايو ويو جتي علائقي واسين، مائٽن سياسي سماجي شخصيتن ۽ پاڪ فوج جي آفيسرن شرڪت ڪئي. پاڪ فوج جي چاق و چوبند دستي پاران شهيد کي فوجي اعزاز سان سلامي پيش ڪئي

آمريڪا ۾ سانا پاران سنڌ ۾ قبيلائي جهيڙا ۽ فرسوده رسمون، اثر ۽ حل جي موضوع تي آن لائين سيمينار

آن لائين سيمينار ۾ دانشورن، وڪيلن، صحافين، انساني حقن جي اڳواڻن ۽ سماجي ڪارڪنن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

مختلف ملڪن ۾ رهندڙ سنڌي اها خواهش رکن ٿا ته "هڪ ڌرتي، هڪ درياهه جو پاڻي پيئندڙ سنڌي هڪ قوم طور گڏ رهن: ڊاڪٽر مقبول هاليپوٽو

سنڌ ۾ وڌندڙ قبيلائي جهيڙا، جرڳا ۽ فرسوده رسمون نه صرف انساني جانين جي ضايع ٿيڻ جو سبب بڻجي رهيون آهن: ذوالفقار خواجه

ڌارين سان تڪرار نه سمجهه ۾ اچي ٿو پر پاڻ ۾ قبيلائي جهيڙن جي نالي ۾ خونريزي انتهائي افسوسناڪ ۽ ناقابل فهم آهي

ورجينيا (رپورٽ: ضياءَ قريشي/سبين ميمڻ) سنڌي ايسوسيئيشن نارٿ آمريڪا ايڊووڪيسي ۽ رائيٽ ڪميٽي طرفان "سنڌ ۾ قبيلائي جهيڙا ۽ فرسوده رسمون، انهن جو سنڌي قومي بدي تي اثر ۽ حل" جي موضوع تي هڪ اهم آن لائين سيمينار منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ دانشورن، وڪيلن صحافين انساني حقن جي اڳواڻن ۽ سماجي ڪارڪنن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. پروگرام جي شروعات ڪندي سانا آرڪ ڪميٽي جي چيئرمين ذوالفقار خواجه سيمينار جي اهميت تي روشني وڌي ۽ چيو ته سنڌ ۾ وڌندڙ قبيلائي جهيڙا، جرڳا ۽ فرسوده رسمون نه صرف انساني جانين جي ضايع ٿيڻ جو سبب بڻجي رهيون آهن پر سنڌي سماج جي قومي بدي، امن ۽ ترقي لاءِ پڻ وڏو خطرو بڻيل آهن. سانا جي صدر ڊاڪٽر مقبول هاليپوٽو خطاب ڪندي چيو ته دنيا جي مختلف ملڪن ۾ رهندڙ سنڌي اها خواهش رکن ٿا ته "هڪ ڌرتي، هڪ درياهه جو پاڻي پيئندڙ سنڌي هڪ قوم طور گڏ رهن" هن افسوس جو اظهار ڪندي چيو ته ڌارين سان تڪرار نه سمجهه ۾ اچي ٿو پر پاڻ ۾ قبيلائي جهيڙن جي نالي ۾ خونريزي انتهائي افسوسناڪ ۽ ناقابلِ فهم آهي. هن سوال اٿاريو ته ڪچي جي علائقن ۾ هلندڙ راڪيٽ لانچر ۽ جديد هٿيار آخر ڪٿان اچن ٿا؟ نامور صحافي ۽ محقق ممتاز بخاري چيو ته سنڌ ۾ "قبيلائي جهيڙن" جو اصطلاح ئي حقيقتن جي ابتڙ آهي ڇو ته سنڌ ۾ اصل ۾ ذاتيون ۽ برادريون آهن. قبيلائي نظام نه. هن چيو ته "ڪارو ڪاري" کي رسم قرار ڏيڻ به غلط آهي. اها هڪ مجرمانه ذهنيت ۽ سماجي رويو آهي. هن انڪشاف ڪيو ته تازو سکر، گهوٽڪي ۽ شڪارپور سان لاڳاپيل پنجن برادرين جي قتلن بابت ست ڪروڙ رپين جا ڏنڊ طئي ڪيا ويا، جنهن مقتولن لاءِ 25-25 لک رپيا معاوضو مقرر ڪيو ويو نه نياڻين کان پڇيو ويو نه ئي مقتولن جي وارثن کان! هن چيو ته اهي جرڳا حڪومتي سرپرستي هيٺ ٿين ٿا ۽ بااثر سياسي ۽ سماجي حلقا انهن کي هٿي ڏين ٿا. سندس چوڻ هو ته پوليس، وڏيرو ۽ ڌاڙيلن جو هڪ ٽڪنڊو هن سموري نظام کي هلائي رهيو آهي، ۽ ڪچي وارن علائقن ۾ اغوا برائي ڀتي جو ڪاروبار بڻجي چڪو آهي. قومي اڳواڻ ۽ سپريم ڪورٽ جي وڪيل غلام شاهه چيو ته سنڌ ۾ "بيلڪيٽ راڄ" قائم ڪيو ويو آهي. جتي عوام جي سياسي مينڊيٽ کي چوري ڪري طاقتور ادارن جي حوالي ڪيو وڃي ٿو. هن چيو ته سردارن ۽ بااثرن "رياست اندر رياست" قائم ڪري ڇڏي آهي جڏهن ته ڪچي جون زمينون پڻ طاقتور ڌرين جي قبضي ۾ ڏنيون ويون آهن. هن سوال اٿاريو ته مارٽر ۽ راڪيٽ لانچر جهڙا هٿيار ڪٿان اچن ٿا ۽ انهن جي تربيت ڪير ڏئي ٿو؟ سندس چوڻ هو ته اهو سڀ ڪجهه رياستي سرپرستي کانسواءِ ممڪن ناهي. انساني حقن جي اڳواڻ ۽ وڪيل شبير شر چيو ته سنڌ ۾ قبائلي سردار اصل ۾ ٿاڻن ۽ پوليس جي طاقت تي هلن ٿا. جيستائين وڏيرن کان پوليس ۽ ٿاڻن جي سرپرستي ختم ڪئي وڃي ته نه سرداري نظام بچندو ۽ نه قبيلائي جهيڙا. هن چيو ته 27هين ترميم ذريعي عدالتي نظام کي ڪمزور ڪري، "سوئو موٽو" جا اختيار محدود ڪيا ويا آهن. هن ياد ڏياريو ته سپريم ڪورٽ جي جسٽس رحمت حسين جعفري پنهنجي هڪ فيصلي ۾ جرڳن کي غيرقانوني قرار ڏنو هو پر به رياست جي سرپرستي هيٺ اهي جرڳا جاري آهن. سندس چوڻ هو ته وڏيرا ڪوڙيون ايف آءِ آرون داخل ڪرائي ماڻهن کي مجبور ڪن ٿا ۽ پوليس شاهدين تبديل ڪري وڏيرڪي نظام کي مضبوط بڻائي رهي آهي. اعجاز ترڪ چيو ته "جڏهن جسم کي ڪينسر ٿيندو آهي ته رڳو آڱر نه پر سڄي جسم جو علاج ڪرڻو پوندو آهي." هتي به سڄي نظام کي صحيح ڪرڻو پوندو هن چيو ته سنڌ ۾ جاري هي صورتحال دراصل مظلوم ۽ ظالم جي جنگ آهي جنهن ۾ مظلوم ڌرين کي گڏيل جدوجهد ڪرڻي پوندي. سيمينار ۾ سانا جي جنرل سيڪريٽري اسد علي شيخ، انفارميشن سيڪريٽري حبيب ميمڻ، سانا جي ٻين اڳواڻن ميمبرن ۽ سنڌ سان محبت ڪندڙ ماڻهن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي

	يونين ڪائونسل اهوري تعلقو جهڏو				
26	ڳوٺ عابد رضا لغاري ديهه 356 ۾ برڪ پيورمينٽ (پڪي فرش جي گهٽي) جي تعمير (150 Rft)، ڳوٺ غلام اڪبر لغاري ديهه 355 (150 Rft)، ڳوٺ ڊاڪٽر عبدالوحيد ڪاڪيپوٽو ديهه 358 (100 Rft)، ڳوٺ مهراب ڪولهي ديهه 356 (100 Rft)، ڳوٺ اهوري ديهه 356 (100 Rft)، ڳوٺ شير محمد لغاري ديهه 358_A (100 Rft)، ڳوٺ مهراب ڪولهي (200 Rft)، يو سي اهوري ۾ 1 عدد ڪلورٽ (پل) جي تعمير، ڳوٺ طارق ميمڻ ديهه 355 يو سي اهوري ۾ واٽر ٽينڪ (پاڻي جي حوض) جي مرمت، ڳوٺ محمد حسين آرائين ديهه 357 ۾ واٽر ٽينڪ جي مرمت، ڳوٺ گهنور خان هوت ديهه 342 وٽ 1 عدد ڪلورٽ، ڳوٺ محمد صديق لغاري يو سي اهوري تعلقو جهڏو ۾ 1 عدد ڪلورٽ	5.464	0.2732	3500	11 مهينا
	يونين ڪائونسل گنيرو تعلقو جهڏو				
27	ڳوٺ پهر خان چانگ (ايم. حنيف) ديهه 354-A ۾ برڪ پيورمينٽ جي تعمير (100 Rft)، ڳوٺ در محمد چانگ (علي رضا) ديهه 354_A (100 Rft)، ڳوٺ عميد علي چانگ (رسول بخش چانگ) ديهه 354 (100 Rft)، ڳوٺ حاجي شمشير چانگ (حاجي شمشير) ديهه 354 (100 Rft)، ڳوٺ صالح چانگ (آغا محمد) ديهه 354 (100 Rft)، ڳوٺ در محمد چانگ (رشيد علي چانگ) ديهه 354 (100 Rft)، ڳوٺ گل محمد چانگ (گل محمد) ديهه 354 (100 Rft)، ڳوٺ ڏتي بخش ۽ واليوخان ديهه 353 (100 Rft)، يار محمد ديهه 353 (100 Rft)، عبدالحليم لغاري ديهه 341 (100 Rft)، ماوجي ڪولهي ۽ عبدالحئي ديهه 344 (100 Rft)، اسحاق ۽ نيدو ديهه 344 (100 Rft)، باسط علي ۽ مجيد علي ديهه 353 (100 Rft)، عبدالجبار ۽ دولت خان ديهه 353 (100 Rft)، ڳوٺ موسيٰ خان لغاري ديهه 353 (100 Rft)، ڳوٺ محمد طارق لغاري ديهه 353 (100 Rft)، ڳوٺ محمد رحيم لغاري ديهه 353 (100 Rft)، ڳوٺ حاجي مولا بخش لغاري ديهه 344_A (100 Rft)، درگاهه لطيف شاهه ديهه 344 (100 Rft)، ڳوٺ ڊاڪٽر لاڪو ڪڇي ديهه 344_A (100 Rft)، ڳوٺ نهار خان لغاري ديهه 344_A وٽ 1 عدد ڪلورٽ جي تعمير، ڳوٺ محمد خان لغاري ديهه 344_A يو سي گنيرو تعلقو جهڏو وٽ 1 عدد ڪلورٽ	4.205	0.2103	3500	11 مهينا
	يونين ڪائونسل فقير فيض محمد بلالاڻي تعلقو جهڏو				
28	ڳوٺ سلطان گرگيج ديهه اٿيلا ۾ برڪ پيورمينٽ جي تعمير (100 Rft)، ڳوٺ سعيد اقبال آرائين ديهه اٿيلا (100 Rft)، ڳوٺ شادمان گرگيج ديهه اٿيلا (100 Rft)، مير هنگورجو ديهه اٿيلا (100 Rft)، ڳوٺ حسن ڪنڀار ديهه اٿيلا (100 Rft)، ڳوٺ هارون پاڻ ديهه اٿيلا (100 Rft)، ڳوٺ سائين بخش ٽانگڙي ديهه 360 (100 Rft)، ڳوٺ گلزار ٽانگڙي ديهه 307 (100 Rft)، ڳوٺ غلام مرتضيٰ گشڪوري ديهه 307 (100 Rft)، ڳوٺ سومرو پاڻ ديهه اٿيلا (100 Rft)، ڳوٺ عظيم گرگيج ديهه اٿيلا (100 Rft)، ڳوٺ امير حسن گرگيج ديهه اٿيلا (100 Rft)، ڳوٺ ممتاز علي گرگيج ديهه اٿيلا (100 Rft)، ڳوٺ عظيم پاڻ ديهه اٿيلا (100 Rft)، ڳوٺ عباس پاڻ ديهه اٿيلا (100 Rft)، ڳوٺ نعيم پاڻ ديهه اٿيلا (100 Rft)، ڳوٺ هارون پاڻ ديهه اٿيلا (100 Rft)، محرم پاڻ ديهه اٿيلا (50 Rft)، ڳوٺ احمد خان گشڪوري (شريف) (100 Rft)، مولا بخش گشڪوري (100 Rft)، دلشاد علي گشڪوري (100 Rft) ديهه 367، ڳوٺ احمد خان گشڪوري ديهه 367 (200 Rft)، يو سي فقير فيض محمد بلالاڻي تعلقو جهڏو جي ڳوٺ ڊينگانو خان گنيرو ديهه اٿيلا ۾ واٽر ٽينڪ جي تعمير	5.489	0.2745	3500	11 مهينا
	يونين ڪائونسل مير خدا بخش-II تعلقو جهڏو				
29	ڳوٺ ابراهيم ڪوسو ديهه 310 ۾ برڪ پيورمينٽ جي تعمير (100 Rft)، ڳوٺ پيمراج ڪولهي ديهه 310 (100 Rft)، ڳوٺ وسيم بلوچ ديهه 310 (100 Rft)، ڳوٺ عارف جت ديهه 264 (100 Rft)، ڳوٺ صالح ڏاهري ديهه 310 (100 Rft)، ڳوٺ علي محمد لغاري ديهه 203 (100 Rft)، ڳوٺ خيرام ڪولهي ديهه 264 (100 Rft)، ڳوٺ مزار خان لغاري ديهه 203 (100 Rft)، ڳوٺ گل حسن لغاري ديهه 203 (100 Rft)، ڳوٺ رئوف آرائين ديهه 264 وٽ 1 عدد ڪلورٽ جي تعمير، 1 عدد ڪلورٽ ڳوٺ محمد نواز آرائين ديهه 264، 1 عدد ڪلورٽ ڳوٺ ممتاز لغاري ديهه 315، 1 عدد ڪلورٽ ڳوٺ نائو رابڙي ديهه 205، 1 عدد ڪلورٽ ڳوٺ اصغر جت ديهه 264، 1 عدد ڪلورٽ ڳوٺ يار محمد ڪاپري ديهه 311_A، يو سي مير خدا بخش II تعلقو جهڏو جي ڳوٺ مڪي هيرو مل مالهي ديهه 264 ۾ واٽر ٽينڪ جي تعمير	4.356	0.2178	3500	11 مهينا
	يونين ڪائونسل فضل پنهرو ۽ يو سي روشن آباد تعلقو جهڏو				
30	ڳوٺ حاجي لونگ خان چانڊيو ۾ برڪ پيورمينٽ (پڪي فرش جي گهٽي) جي تعمير (100 Rft)، ڳوٺ محمد اقبال گشڪوري ديهه اڪوٽا (150 Rft) يو سي فضل پنهرو، ديهه 375 ۾ (250 Rft) يو سي روشن آباد، 1 عدد ڪلورٽ (پل) جي تعمير ڳوٺ حاجي جان محمد چانڊيو، 1 عدد ڪلورٽ ڳوٺ عبدالخالق چانڊيو يو سي فضل پنهرو، ڳوٺ سڪندر خان چانڊيو يو سي فضل پنهرو ۾ واٽر ٽينڪ (پاڻي جي حوض) جي تعمير، ديهه 375 يو سي روشن آباد ۾ 1 عدد واٽر ٽينڪ جي تعمير، ڳوٺ حاجي لونگ خان چانڊيو ۾ 1 عدد واٽر ٽينڪ جي مرمت، ڳوٺ محمد رمضان ٽانگڙي ۾ 1 عدد واٽر ٽينڪ جي مرمت، ڳوٺ متارو بليدي يو سي فضل پنهرو ۽ يو سي روشن آباد تعلقو جهڏو ۾ 1 عدد واٽر ٽينڪ جي مرمت	6.177	0.3089	3500	11 مهينا
	يونين ڪائونسل روشن آباد تعلقو جهڏو				
31	يو سي روشن آباد جي مختلف ڳوٺن ۾ برڪ پيورمينٽ جي تعمير (1900 Rft)، ڳوٺ پنهون پٽيل ديهه 373 A- (200 Rft)، ڳوٺ گلڻ چانڊيو (ميوو چانڊيو اولياء گلان فقير) ديهه 376 ۾ 1 عدد ڪلورٽ جي تعمير، ديهه 375 ۾ 1 عدد ڪلورٽس، ڳوٺ فقير واري محمد بلالاڻي ديهه 374 ۾ 1 عدد واٽر ٽينڪ جي تعمير، ڳوٺ مبارڪ رنگهار يو سي روشن آباد تعلقو جهڏو ۾ 1 عدد واٽر ٽينڪ جي تعمير	6.969	0.3485	3500	11 مهينا
	يونين ڪائونسل بڪر تعلقو جهڏو				
32	يو سي بڪر جي مختلف هنڌن تي برڪ پيورمينٽ جي تعمير (500 Rft)، ڳوٺ پير بودلو ديهه 372 (100 Rft)، ڳوٺ دين محمد گشڪوري (100 Rft)، ڳوٺ امين راجپوت (100 Rft)، ڳوٺ اڪبر ڪمبوهه (100 Rft)، ڳوٺ عاصم ٿهيم ديهه 366 (100 Rft)، ڳوٺ ياسين ڪمبوهه ديهه 366 (100 Rft)، ڳوٺ رب ڏنو اوٺو (100 Rft)، ڳوٺ محمد بخش ڪوسو (100 Rft)، ڳوٺ غلام علي ٿهيم (100 Rft)، ڳوٺ رستم گشڪوري (200 Rft)، ڳوٺ اقبال ميمڻ ديهه 372 (300 Rft)، ڳوٺ محمد رحيم گشڪوري (بابو گشڪوري) ديهه 372 (200 Rft)، ديهه 368 ۾ واٽر ٽينڪ ذوالفقار علي لغاري جي تعمير، ڳوٺ پير بودلو (200 Rft) يو سي بڪر تعلقو جهڏو ۾ نيڪال (ڊرينيج) جي تعمير	5.671	0.2836	3500	11 مهينا
	يونين ڪائونسل قاضي اشرف ۽ يو سي صوفن شاهه تعلقو ڏگهڙي				
33	ڳوٺ غلام الله جروار ديهه 204 ۾ برڪ پيورمينٽ جي تعمير (200 Rft)، ڳوٺ حاجي قادر بخش لغاري ديهه 198-A (100 Rft)، ڳوٺ غلام وڳهامل ديهه 204 (100 Rft)، ڳوٺ نياز بجير ديهه 204 (100 Rft)، ڳوٺ الله رکيو چانڊيو ديهه 198-A (100 Rft)، ڳوٺ گل حسن چانڊيو ديهه 198-A (100 Rft)، ڳوٺ ڪمال ميتلو ديهه 197 (100 Rft)، ڳوٺ احسان لغاري ديهه 198-A (100 Rft)، ڊاڪٽر اعجاز ديهه 198 A (100 Rft)- يو سي قاضي اشرف، صوفن شاهه ۾ (350 Rft)، ڳوٺ بچل چانگ (350 Rft)، ديهه 200 ۾ 1 عدد ڪلورٽ زفر بروهي (مسعود پناڻ) جي تعمير، ديهه 200 ۾ 1 عدد ڪلورٽ مير ظفرالله ٽالپر، ڳوٺ لال بخش لغاري ديهه 198_A ۾ 1 عدد ڪلورٽ، ديهه 197 يو سي قاضي اشرف ۽ صوفن شاهه تعلقو ڏگهڙي ۾ 1 عدد ڪلورٽ	4.083	0.2042	3500	11 مهينا
	يونين ڪائونسل مير خدا بخش-I تعلقو ڏگهڙي				
34	ڳوٺ خان محمد جروار ديهه 189 ۾ برڪ پيورمينٽ جي تعمير (200 Rft)، ڳوٺ ولي محمد موصيپوٽو ديهه 179 (100 Rft) درويش ڪالوني ديهه 170 (600 Rft)، ڳوٺ آري ڪلوئي (200 Rft)، عبد الخالق جروار ديهه 189 ۾ 1 عدد ڪلورٽ جي تعمير، ديهه 196 ۾ دين محمد راجپوت وٽ 1 عدد ڪلورٽ، ديهه 166 ۾ 2 عدد ڪلورٽس جي مرمت، ديهه 159 ۾ 1 عدد ڪلورٽس جي مرمت، ڳوٺ محمد قاسم جروار ديهه 189 ۾ 1 عدد واٽر ٽينڪ جي تعمير، ديهه 196 ۾ چوڌري محمد شريف وٽ 1 عدد واٽر ٽينڪ جي تعمير، ديهه 189 يو سي مير خدا بخش_I تعلقو ڏگهڙي ۾ 1 عدد واٽر ٽينڪ جي تعمير	6.800	0.3400	3500	11 مهينا
	يونين ڪائونسل مير حاجي حيات ٽالپر تعلقو ڏگهڙي				
35	ڳوٺ ٿارو خان نوحاڻي ديهه 162_A ۾ برڪ پيورمينٽ (پڪي فرش جي گهٽي) جي تعمير (200 Rft)، پيل پاڙو ديهه 170-A (200 Rft)، ڳوٺ ايوب مشائخ ديهه 152 (100 Rft)، پناڻ ڪالوني ديهه 170 _ B (300 Rft)، ڳوٺ محمد اشرف ديهه 162 (200 Rft)، ڳوٺ حاجي فتح خان ديهه 162 (200 Rft)، ڳوٺ رضوان علي چانڊيو ديهه 162 ۾ 1 عدد ڪلورٽ (پل) جي تعمير، 1 عدد ڪلورٽ ڳوٺ آصف علي ديهه 162، 1 عدد ڪلورٽ ڳوٺ مير يعقوب ديهه 162، 1 عدد ڪلورٽ ڳوٺ عبدالڪريم ديهه 162، 1 عدد ڪلورٽ ڳوٺ حاجي سليم پنجابي ديهه 151، 1 عدد ڪلورٽ ڳوٺ مٺڪ رابڙي ديهه 163، 1 عدد ڪلورٽ ڳوٺ الله لوڪ پنجابي ديهه 152، 1 عدد ڪلورٽ ڳوٺ چوڌري اشرف ديهه 163 يو سي مير حاجي حيات ٽالپر تعلقو ڏگهڙي	4.189	0.2095	3500	11 مهينا
	يونين ڪائونسل ڪانگوڙو ۽ يو سي حاجي غلام محمد نوحاڻي تعلقو ڏگهڙي				
36	ڳوٺ هوت ڪاپڙي ديهه 146 ۾ برڪ پيورمينٽ جي تعمير (100 Rft)، ڳوٺ حنيف خاصخيلي ديهه 157 (100 Rft)، ڳوٺ سائين انصار لغاري ديهه 158 (100 Rft)، ڳوٺ حاجي بخش لغاري ديهه 157 (100 Rft)، ڳوٺ عطا حسين ديهه 157 (100 Rft)، ڳوٺ رمضان ٿيبو ديهه 158 (100 Rft)، ڳوٺ نورو ڪنڀار ديهه 157 (100 Rft)، ڳوٺ پومجي ڪولهي ديهه 158 (150 Rft)، ڳوٺ غلام قادر ڪوراڻي ديهه 146 (100 Rft)، ڳوٺ محبوب لغاري ديهه 158 (100 Rft) يو سي ڪانگوڙو، ڳوٺ سيد حاجي علي محمد شاهه ديهه 141 (100 Rft)، ڳوٺ سردار علي رضا خان نوهاڻي ديهه 148 (100 Rft)، ڳوٺ شاهه مردان نوهاڻي ديهه 148 (100 Rft)، ڳوٺ وڏل خان نوحاڻي ديهه 148 (100 Rft)، ڳوٺ وڏيرو علي ڏنو دل ديهه 165 (100 Rft)، ڳوٺ سيٺ محمد حسين ڪانگوڙو شاهه ديهه 165 (100 Rft)، ڳوٺ چوڌري سرور ديهه 165 (100 Rft)، ڳوٺ سيد جمال شاهه ديهه سنهڙي (100 Rft) يو سي حاجي غلام محمد نوحاڻي، ڳوٺ رئيس مهران خان لغاري ديهه 146 ۾ 2 عدد ڪلورٽس جي تعمير، 1 عدد ڪلورٽ ڳوٺ آصف علي شاهه آرائين ديهه 157 يو سي ڪانگوڙو، 1 عدد ڪلورٽ ڳوٺ سيد حاجي نور محمد شاهه ديهه 141، 1 عدد ڪلورٽ ڳوٺ سيد صديق محمد شاهه ديهه 141، 1 عدد ڪلورٽ ڳوٺ مولوي عبدالحق نوهاڻي ديهه 144، 1 عدد ڪلورٽ ڳوٺ عبدالعزيز نوهاڻي ديهه 144، 1 عدد ڪلورٽ ڳوٺ خادم حسين نوهاڻي ديهه 148، 1 عدد ڪلورٽ ڳوٺ ممتاز علي دال ديهه 165، 1 عدد ڪلورٽ ڳوٺ روشن علي شاهه ديهه سنهڙي يو سي حاجي غلام محمد نوهاڻي، ڳوٺ شاهه عثمان قادري ديهه 174 يو سي ڪانگوڙو ۾ واٽر ٽينڪ جي مرمت ۽ يو سي حاجي غلام محمد نوهاڻي تعلقو ڏگهڙي	6.563	0.3282	3500	11 مهينا
	يونين ڪائونسل مير فتح خان ٽالپر تعلقو ڏگهڙي				
37	ڳوٺ مير فتح خان ديهه 182 ۾ برڪ پيورمينٽ جي تعمير (300 Rft)، ڳوٺ الله ڏنو ديهه 181 (150 Rft)، ڳوٺ حاجي اسحاق قائمخاني ديهه 184 (200 Rft)، ڳوٺ حنيف ڪلوئي ديهه 184 (200 Rft)، ڳوٺ الله بچايو رند ديهه 183 (200 Rft)، ڳوٺ راڻو ڪاپري ديهه 185 (200 Rft)، ڳوٺ طارق ٽپيدار ديهه 182 (200 Rft)، ڳوٺ مراد خير ديهه 182 (150 Rft)، ڳوٺ محمد علي خان قائمخاني (قبرستان) ديهه 183 (300 Rft)، ڳوٺ محمد علي خان قائمخاني ديهه 183 (150 Rft)، ڳوٺ امان الله اَبرنگ ديهه 182 ۾ ڪلورٽ جي تعمير، ڳوٺ محمد علي قائمخاني ديهه 183 يو سي مير فتح خان ٽالپر تعلقو ڏگهڙي ۾ ڪلورٽ جي تعمير	4.393	0.2197	3500	11 مهينا
	يونين ڪائونسل پبڻ-I تعلقو ڏگهڙي				
38	ڳوٺ حاجي محمد عالم ديهه 152 ۾ برڪ پيورمينٽ جي تعمير (300 Rft)، ڳوٺ ناگن ديهه 153_A (200 Rft)، ڳوٺ ديهه 153-B (200 Rft)، ڳوٺ ديهه 150 (100 Rft)، ڳوٺ ديهه 155 (100 Rft)، ڳوٺ رئيس طارق ديهه 143 (100 Rft)، ڳوٺ جمال ڏنو نوحاڻي ديهه 161 (100 Rft)، ڳوٺ رڪن ڏينهن ديهه 154 (100 Rft)، ڳوٺ ديهه 154-B (100 Rft)، ڳوٺ پوڳي خان نوحاڻي ديهه 164 (100 Rft)، ڳوٺ ناگن ديهه 153 (200 Rft)، ديهه 152 ۾ 1 عدد ڪلورٽس جي تعمير، 1 عدد ڪلورٽ ڳوٺ سيف الله ديهه 152، 1 عدد ڪلورٽ ڳوٺ جيمٽو پيل ديهه 149، 1 عدد ڪلورٽ ڳوٺ هيمو پيل (پيل پاڙو)، 1 عدد ڪلورٽ ڳوٺ ميرو پيل (پرڪو فارم) ديهه 149، 1 عدد ڪلورٽ ڳوٺ وجاهت مهار ديهه 143_B، 1 عدد ڪلورٽ ڳوٺ محمود اقبال ديهه 143_B، 1 عدد ڪلورٽ ڳوٺ حسنين مهار ديهه 149، 1 عدد ڪلورٽ ڳوٺ دليپ ڪمار (ديوان اوطاق) ديهه 149، 1 عدد ڪلورٽ ڳوٺ محمد اعظم ديهه 164_A يو سي پبڻ تعلقو ڏگهڙي	5.437	0.2719	3500	11 مهينا
	يونين ڪائونسل تاجو خاصخيلي ۽ يو سي وڏل شاهه ايٽ مڪڻ سمون تعلقو شجاع آباد				
39	ڳوٺ گل حسن طاهراڻي ديهه 384 ۾ برڪ پيورمينٽ (پڪي فرش جي گهٽي) جي تعمير (150 Rft)، ڳوٺ لال بخش لغاري ديهه 380 (200 Rft)، ڳوٺ تاجو خاصخيلي ديهه 378 (100 Rft)، ڳوٺ ڊاڪٽر راڻو مل عيدل ديهه 380 (100 Rft)، ڳوٺ ويرجي ڪولهي ديهه 380 (100 Rft)، ڳوٺ بچو خان چانڊيا ديهه 380 (100 Rft)، ڳوٺ علي نواز پناڻ ديهه 383 (100 Rft)، ڳوٺ خدا بخش ميو ديهه 380 (100 Rft)، ديهه 378 (100 Rft)، ديهه 379 (100 Rft)، ديهه 380 (100 Rft)، ديهه 383 (100 Rft)، ديهه 384 (100 Rft)، ديهه 377 (200 Rft) يو سي تاجو خاصخيلي، يو سي وڏل شاهه جي مختلف هنڌن تي برڪ پيورمينٽ (500 Rft)، 1 عدد ڪلورٽ (پل) جي تعمير ڳوٺ شوڪت علي چانڊيا ديهه 380 يو سي تاجو خاصخيلي، يو سي وڏل شاهه جي مختلف هنڌن تي 3 عدد ڪلورٽس جي تعمير، ڳوٺ سيد غلام حيدر شاهه ديهه پنو نويندراڻي (200 Rft) يو سي وڏل شاهه ۽ يو سي تاجو خاصخيلي تعلقو شجاع آباد ۾ نيڪال (ڊرينيج) جي تعمير	5.713	0.2857	3500	11 مهينا
	يونين ڪائونسل جهلوري-I تعلقو شجاع آباد				
40	ڳوٺ لال بخش ۽ مير محمد مري ديهه 249 ۾ برڪ پيورمينٽ جي تعمير (100 Rft)، ڳوٺ ڊولو خان لاشاري ديهه 250 (100 Rft)، ڳوٺ پورو ڪولهي ڪالوني ديهه 225 (100 Rft)، ڳوٺ عرب سولنگي ميو ديهه 217 (100 Rft)، ڳوٺ صدام ديهه 217 (200 Rft)، ڳوٺ حاجي حسين مهار ديهه 237 (200 Rft)، 1 عدد ڪلورٽ جي تعمير ڳوٺ نبي داد عرف موليٰ ديهه 249، 1 عدد ڪلورٽ ڳوٺ صوفن لاشاري ديهه 249، 1 عدد ڪلورٽ ڳوٺ خدا بخش لاشاري ديهه 248، 1 عدد ڪلورٽ ڳوٺ نبي بخش مڪراڻي ديهه 249، 1 عدد ڪلورٽ ڳوٺ عمر مهار ديهه 249، ڳوٺ احسان لاشاري ديهه 249 ۾ 2 عدد ڪلورٽس جي تعمير، 1 عدد ڪلورٽ ڳوٺ غلام حسين لاشاري ديهه 225، 1 عدد ڪلورٽ ڳوٺ غلام مصطفيٰ اتراڙي ديهه 249، 1 عدد ڪلورٽ ڳوٺ رسول بخش مري، ڳوٺ محبوب فارم ديهه 149 ۾ 2 عدد ڪلورٽس جي تعمير، يو سي جهلوري_I (400 Rft) جي ڳوٺ محبوب فارم ديهه 149 ۾ سي سي روڊ جي تعمير تعلقو شجاع آباد	5.764	0.2882	3500	11 مهينا
	يونين ڪائونسل جهلوري-II ۽ يو سي ڪنيڙي تعلقو شجاع آباد				
41	يو سي جهلوري_II جي مختلف هنڌن تي برڪ پيورمينٽ جي تعمير (850 Rft)، ڳوٺ موهن پيل ۽ مولچند پيل ديهه 243 (500 Rft) يو سي جهلوري_II، يو سي ڪنيڙي جي مختلف هنڌن تي (400 Rft)، ديهه جيلارو (300 Rft)، ديهه برجي (300 Rft)، ديهه 381 (300 Rft) يو سي ڪنيڙي، 2 عدد ڪلورٽس جي تعمير ديهه 244، 1 عدد ڪلورٽ ديهه 247، 2 عدد ڪلورٽ ديهه 246 يو سي جهلوري، 1 عدد ڪلورٽ ڳوٺ ويلو ڪولهي ديهه برجي يو سي ڪنيڙي ۽ يو سي جهلوري_II تعلقو شجاع آباد	6.248	0.3124	3500	11 مهينا
	يونين ڪائونسل بادل شاهه ۽ يو سي دولت پور تعلقو شجاع آباد				
42	ڳوٺ سيٺ راجيش ديهه سيري ۾ برڪ پيورمينٽ جي تعمير (100 Rft) يو سي بادل شاهه، 1 عدد ڪلورٽ جي تعمير ڳوٺ ولي محمد خاصخيلي ديهه 140، 1 عدد ڪلورٽ ڳوٺ مير منظور ٽالپر ديهه 145، 1 عدد ڪلورٽ ڳوٺ سيد محمد رحيم شاهه ديهه 140، 1 عدد ڪلورٽ ميو ڪولهي ديهه 140، ڳوٺ واٽر 7 ديهه سيري ۾ 1 عدد ڪلورٽ، 1 عدد ڪلورٽ ڳوٺ وازير خاصخيلي ديهه سيري، 1 عدد ڪلورٽ ڳوٺ رئيس موليٰ بخش نوڌاڻي ديهه سيري، ڳوٺ سيٺ راجيش ديهه سيري ۾ 2 عدد ڪلورٽس جي تعمير، يو سي بادل شاهه ۾ 2 عدد ڪلورٽس، 1 عدد ڪلورٽ ديهه داگهجي، يو سي دولت پور ۾ 2 عدد ڪلورٽس ديهه دولت پور، ديهه سانگهڙو ۾ سي سي روڊ جي تعمير (250 Rft)، ديهه دولت پور ۾ سي سي روڊ (250 Rft)، ديهه داگهجي ۾ سي سي روڊ (250 Rft) يو سي دولت پور ۽ يو سي بادل شاهه تعلقو شجاع آباد	5.844	0.2920	3500	11 مهينا

1. ٽينڊرز جمع ڪرائڻ ۽ کولڻ جو شيڊول

i. ٽينڊر دستاويز آن لائن EPAD سسٽم (https://eprocure.gov.pk) ذريعي، ناقابل واپسي في -/3500 رپيا پي آرڊر جي شڪل ۾ ادا ڪري حاصل ڪري سگهجن ٿا. سيئي آچون EPAD پليٽ فارم ذريعي جمع/اپلوڊ ڪرڻيون پونديون.

پهريون پيرو: آچون 2026-06-08 تي صبح 10:00 وڳي تائين جمع ڪرائي سگهبيون ۽ اهي ساڳئي ڏينهن 2026-06-08 تي 10:30 وڳي، ڊسٽرڪٽ ڪائونسل ميرپورخاص جي آفيس (ويجهو ڊپٽي ڪمشنر آفيس) ۾ پروڪيورمينٽ ڪميٽي، ٺيڪيدارن يا انهن جي بااختيار نمائندن جي موجودگي ۾ کوليون وينديون جيڪي شرڪت ڪرڻ چاهين ٿا.

ٻيو پيرو: آچون 2026-06-29 تي کوليون وينديون، جنهن لاءِ وقت ۽ جاءِ ساڳي هوندي جيڪا مٿي بيان ڪئي وئي آهي.

ii. سيني حصو وٺندڙ ٺيڪيدارن کي لازمي طور تي ٽينڊر بند ٿيڻ واري وقت کان اڳ ڊسٽرڪٽ ڪائونسل ميرپورخاص جي نالي تي مقرر ڪيل ڪٽيل رقم جو 5 سيڪڙو سوئي رقم ڊپازٽ (CDR) ۽ ٽينڊر في پي آرڊر (ناقابل واپسي) جي اسڪين ٿيل ڪاپي اپلوڊ ڪرڻي پوندي. تنهن هوندي، اصل CDR ۽ پي آرڊر آڇ کولڻ واري وقت کان گهٽ ۾ گهٽ 30 منٽ اڳ ٽينڊر اوپننگ ڪميٽي کي فزيڪلي طور تي جمع ڪرائڻ لازمي آهي، ٻي صورت ۾ آڇ کي نااهل ڪيو ويندو

i. ڪنهن به قسم جا ڪوڙا دستاويز يا جعلي معلومات جمع ڪرائڻ_جهڙوڪ جعلي CDR- جي صورت ۾ فوري طور تي نااهلي، ڊسٽرڪٽ ڪائونسل ميرپورخاص جي موجوده ۽ مستقبل جي ٽينڊرنگ عمل مان بليڪ لسٽنگ، ۽ وڌيڪ ڪارروائي لاءِ SPPRA ۽ PEC کي رپورٽ ڪيو ويندو

ii. ڪوريئر، پوسٽل سروس، يا اي ميل ذريعي موڪليل درخواستون ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪيون وينديون. جيڪڏهن ڪنهن اڻٽر صورتحال جي ڪري آڇ کولڻ واري ڏينهن تي آفيس بند هجي يا حڪومت طرفان عام موڪل جو اعلان ڪيو وڃي، ته ٽينڊر ايندڙ ڪم واري ڏينهن تي ساڳئي وقت ۽ جاءِ تي کوليا ويندا. سوئي رقم کان سواءِ يا اڌوري سوئي رقم واري آڇ کي مقابلي ۾ شامل نه ڪيو ويندو

2. اهليت / لازمي شرط

a. ٺيڪيدارن/فارمن جو پي اي سي وٽ لاڳاپيل ڪيٽيگري ۾ صحيح سرٽيفڪيٽ سان رجسٽرڊ هجڻ لازمي آهي.
b. سنڌ ريونيو بورڊ حڪومتِ سنڌ (SRB) سان سرگرم اسٽيٽس سان رجسٽريشن سرٽيفڪيٽ هجڻ لازمي آهي.
c. انڪم ٽيڪس ڊپارٽمينٽ وٽ رجسٽريشن (NTN سرٽيفڪيٽ) ايڪٽو اسٽيٽس سان هجڻ گهرجي.
d. ٺيڪيدارن/فارمن کي نئون اي_اسٽامپ پيش ڪرڻو پوندو جنهن مان ظاهر ٿئي ته فرم ڪنهن به قانوني تڪرار يا سرڪاري کاتي/ڊونر ايجنسي پاران بليڪ لسٽ ٿيل ناهي، ۽ شراڪتداري جو معاهدو (جيڪڏهن لاڳو ٿئي)، ۽ مالڪ جي CNIC جي ڪاپي.
e. گذريل ٽن سالن جا ساليانا انڪم ٽيڪس ريٽرنز پيش ڪرڻا پوندا.
f. فرم وٽ لازمي طور تي لاڳاپيل تجربو هجڻ گهرجي:-

(i) گذريل 5 سالن دوران ساڳئي نوعيت جي ڪم جو لاڳاپيل تجربو، جنهن ۾ :-

- گهٽ ۾ گهٽ (1) ساڳيو ڪم جيڪو تخميني لاڳت جي 80 سيڪڙو جي برابر هجي.

يا

- گهٽ ۾ گهٽ به (2) ساڳيا ڪم جيڪي تخميني لاڳت جي 50 سيڪڙو جي برابر هجن.

(ii) تڪرارن/مقدمن جي لسٽ (جيڪڏهن ڪو هجي)، انهن جي طبيعت ۽ اسٽيٽس.

g. ٺيڪيدارن/فارمن کي گذريل 05 سالن جو مالي ٽرن اوور پيش ڪرڻو پوندو، جنهن ۾ بينڪ اسٽيٽمينٽ سان گڏ اڪائونٽ سرٽيفڪيٽ شامل هجي. ان سان گڏ گذريل 05 سالن ۾ مڪمل ٿيل منصوبن جي لسٽ بشمول انهن جي ڪارڪردگي/تسلي بخش سرٽيفڪيٽ ۽ انهن جا SPPRA IDs جيڪي رنگين تصويرن سان گڏ بد ايويليوشن رپورٽس ظاهر ڪن، جن جي تصديق لاڳاپيل کاتي مان ڪئي ويندي.
h. انجنيئرنگ ۽ ٽيڪنيڪل اسٽاف جو بائيو ڊيٽا ۽ فرم /ٺيڪيدارن وٽ ڪم ڪندڙ ٽيڪنيڪل/غير ٽيڪنيڪل اسٽاف جي لسٽ.
i. مشينري ۽ اوزارن جي لسٽ تفصيلن سان گڏ.
j. ٽيڪنيڪل پروپوزل جو هر صفحو لازمي طور تي نمبروار هجي ۽ فرم /ڪمپني جي مالڪ پاران تصديق ٿيل ۽ مهر لڳل هجي.
k. آڇ تي فرم جي بااختيار شخص پاران صحيح، نالو ۽ مهر لڳل هجي، جنهن سان گڏ اٿارٽي ليٽر پڻ شامل هجي.
l. اليڪٽرڪ ڪم لاءِ ميرپورخاص ريجن جو صحيح رجسٽريشن سرٽيفڪيٽ (جتي لاڳو ٿئي).
m. گذريل ٽن سالن جون ساليانيون آڊٽ ٿيل رپورٽون (جون 2025 تائين) جيڪي ICAP رجسٽرڊ آڊٽ فرم تان هجن. (ICAP) رجسٽرڊ آڊٽ فرمن کان سواءِ ٻيون آڊٽ رپورٽون قبول نه ڪيون وينديون.

3. خريداري جو طريقو (هڪ مرحلي تي هڪ لفافي)

آڇجو عمل SPPRA رول (1)46 هڪ مرحلي تي هڪ لفافي طريقيڪار تحت ڪيو ويندو

4. شرط ۽ ضابطا

a. جيڪڏهن ڪو به دستاويز جعلي يا ڪوڙو مليو ته ٽينڊر ڪنهن به وقت بغير ڪنهن اڳواٽ اطلاع جي رد ڪيو ويندو
b. ٺيڪيدارن/ فارمن/ ايجنسين کي مٿي بيان ڪيل سڀئي شرط ۽ ضابطا بغير ڪنهن تبديليءَ جي قبول ڪرڻا پوندا.
c. آڇ جو ڪارآمدي مدو 90 ڏينهن آهي.
d. خريداري ڪندڙ اختيارين وٽ SPPRA رولز 2010 (ترميم ٿيل موجوده تاريخ تائين) تحت ڪنهن به هڪ يا سڀني ٽينڊرن/ آڇن کي رد ڪرڻ جو حق محفوظ آهي.
e. ٽينڊر لازمي طور تي مٿي گهربل دستاويزن/ معلومات سان گڏ جمع ڪرائڻ گهرجي. جيڪڏهن اهڙا گهربل دستاويز/ معلومات گهٽ هوندي ته ٽينڊر تي خريداري ڪندڙ ڪميٽي پاران غور نه ڪيو ويندو ۽ ڪو به عذر قبول نه ڪيو ويندو.
f. ڪامياب ٺيڪيدار سرڪاري قاعدن/ پاليسين تحت شرطن ۽ ضابطن مطابق ڊسٽرڪٽ ڪائونسل ميرپورخاص سان نان_جديشنل اي_اسٽامپ پيپر تي معاهدو ڪرڻ جو پابند هوندو
g. آڇ جي شرح انگن ۽ لفظن ٻنهي ۾ لکيل هجڻ گهرجي. ڪنهن به قسم جي اوور رائيٽنگ (مٽان لکڻ) جي صورت ۾ ٺيڪيدار/ فرم پاران باقاعدي صحيح ٿيل هجڻ گهرجي.

هيٺين حالتن ۾ آڇ رد ڪئي ويندي:

- مشروط ۽ ٽيليگرافڪ آڇ/ ٽينڊر.
- بد سيڪيورٽي ۽ ناقابل واپسي جوڳي ٽينڊر فيس شامل نه هجڻ جي صورت ۾.
- مقرر ڪيل تاريخ ۽ وقت کان پوءِ مليل آچون.
- صحيح ۽ مهر کان سواءِ مليل آڇ.
- موجوده بليڪ لسٽ ٿيل فرمون (جيڪڏهن فرم بليڪ لسٽ ٿيل ناهي ته قانوني اسٽامپ پيپر تي حلف نامو/ ايفڊيوٽ گڏ لڳايو وڃي).
- جيڪڏهن فرم PEC جي گهربل/ لاڳاپيل ڪيٽيگري ۾ رجسٽرڊ نه هجي.

INF/KRY/1969/2026

iWORK FOR SINDH www.iwork4sindh.com JOB PORTAL BY INFORMATION DEPARTMENT

چيف آفيسر
ڊسٽرڪٽ ڪائونسل ميرپور خاص

بقايا 1 "روزاني عبرت"

ته پوليس مٿان هٿياربند ڌوهارين فائرنگ ڪئي جوابي فائرنگ ۾ هڪ مارجي ويو ٻئي کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو آهي هٿيار پڻ هٿ ڪرڻ جي دعوا پوليس تفصيل موجب ڳڙهي ياسين جي پرسان ڳوٺ غلام جعفر خاڪي ۽ ملهيرائي سولنگي لنڪ روڊ تي پوليس ۽ هٿياربندن وچ ۾ فائرنگ جنهن سبب هڪ نوجوان نسيم منگلو موقعي تي گولين لڳڻ سبب مارجي ويو ۽ ياسين تنيو زخمي ٿي پيو جنهن کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو ويو پوليس موجب ته خفيه اطلاع ملڻ تي ڌوهارين جو پيڇو ڪيو ويو جن سان ڳوٺ غلام جعفر خاڪي جي پرسان ڌوهارين پوليس مٿان فائرنگ ڪري ڏني جنهن سبب جوابي فائرنگ ۾ هڪ نوجوان نسيم منگلو موقعي تي مارجي ويو ۽ ٻيو نوجوان ياسين تنيو زخمي ٿي پيو جنهن کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو ويو آهي ۽ ٻه موقعي تان فرار ٿي ويا پوليس موجب هٿيار ۽ ڪار هٿ ڪئي وئي آهي سيوديرو ۽ نوشهرو فيروز ضلعي جي پوليس جو ڌوهارين سان مقابلو ٿيو زخمي کي مقامي اسپتال ۾ علاج لاءِ داخل ڪرايو ويو هيو جڏهن ته واقعي جو ڪوبه ڪيس داخل نه ٿي سگهيو هيو

بقايا 2 "روزاني عبرت"

طلائي زيور سميت قيمتي سامان چوري ڪري آسائي سان فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا. واقعي ڪانپوءِ علائقي ۾ خوف ۽ هراس پکڙجي ويو جڏهن ته شهرين وڌندڙ چورين جي وارداتن تي ڳڻتي ظاهر ڪندي پوليس کان فوري نوٽيس وٺڻ ۽ جوابدارن جي گرفتاري جو مطالبو ڪيو آهي. اطلاع ملڻ تي ايس ايڇ او ٿاڻو اي سيڪشن مصور حسين قريشي پوليس نفري سميت واقعي واري هنڌ پهچي ويا، جتي ثبوت گڏ ڪري جاچ شروع ڪئي وئي. پوليس اختيارين موجب واقعي جي مختلف رخن کان جاچ جاري آهي ۽ جلد جوابدارن کي گرفتار ڪيو ويندو. متاثر خاندان ايس ايس پي گهوٽڪي ۽ ٻين اعليٰ اختيارين کان انصاف فراهم ڪرڻ، چورن جي فوري گرفتاري ۽ چوري ٿيل سامان واپس ڪرائڻ جو مطالبو ڪيو آهي.

بقايا 3 "روزاني عبرت"

متاثر جي پيءُ مجاهدان چانڊيو جو چوڻ هو ته طارق چانڊيو الطاف چانڊيو شام جي وقت منهنجي پاءِ وٽ آيا انهن اچي گهر اندر ٿاڌل ٿاهي ته ان ٿاڌل ٿاهيندي منهنجي ٿٺان شماٿلا چانڊيو انهن کي هڪ خاص ٿيلهي مان نشي آوار گوريون وارو پائودر ملائي منهنجي پاءِ ۽ پاجائي جي ڪلاس ۾ وڌو ملائي انهن کي پياريو ويو ان دوران انهن جوابدارن کان پڇا ڪرڻ تي انهن چيو اها مصري آهي اها ملائي آهي پر اهو نشو هو انهن نشو ملائي اها واردات ڪري فرار ٿي ويا آهن هن چيو منهنجي پاجائي حمل سان آهي پيٽ ۾ بار مري وڃڻ جو خدشو ظاهر ڪيو آهي هن وڌيڪ چيو مان پنهنجي بيهوش ٿيل پاجائي سميت شهر جي پوليس پوسٽ تي ويس اتي تالو لڳل هو جنهن بعد اي سيڪشن ٿاڻي تي ويس انهن ڪيس ٻڌڻ کان انڪار ڪندي چيو اها اسان جي حد ناهي بي سيڪشن ٿاڻي تي وڃو اتي وياسين ته پوليس نه هٿي آخر ڦر ٿيل ۽ بيهوش ٿيل ماڻهو ڪاڏي وڃن هن چيو مان ايس ايس پي کان مطالبو...

ته اسان کي ٿاري جي قتل جو اطلاع مليو اسين جاءِ وارادات تي پهچي جاچ ڪئي جنهن مان معلوم ٿيو ته ٿاري کي غيرت جي ٿالي تي ڪارنهن جو الزام ڏئي سمورن جوابدارن ملي ڪري هڪ صلاح ٿي جوابدار علي اڪبر کي بچ ڏئي قتل ڪرڻ جو چيو جوابدار ٿاري کي پسٽل جا فائر ڪري قتل ڪيو ٿاري جي سيني ۾ چار ۽ هٿ ۾ ٻن گولين جا نشان نظر آيا مقتولا ٿاري جي وارثن کي ڪيس داخل ڪرائڻ جو چيو پر وارثن جي نه اچڻ تي سرڪار جي فرياد تي ڪيس داخل ڪجي ٿو ۽ واقعي بابت وڌيڪ جاچ ڪري رهيا آهيون هوڏانهن مقتولا ٿاري جي قتل واري واقعي جو ايس ايس پي دادو صدام حسين خاصخيلي نوٽيس وٺڻ بعد ڪيس سخت هدايتن تي ايس ايڇ او شاه پنجو رسول بخش پنهور پاران مک جوابدار علي اڪبر چانڊيو، مقتولا ٿاري جو ڀاءُ گلزار چانڊيو، مامو سليم چانڊيو کي گرفتار ڪيو هو باقي جوابدار هن وقت تائين پوليس جي پڪڙ ۾ اچي نه سگهيا آهن

بقايا 7 "روزاني عبرت"

ڪان 6 ڪلاڪن تائين گيس ملي ٿي باقي سمورو ڏهاڙو بند رهي ٿي، جيڪا ڪنهن به صورت ۾ قابل قبول ناهي. اسان جو وس وارين اعلي اختيارين کان مطالبو ڪيو ته فوري طور تي گيس جي لوڊشيڊنگ ختم ڪري باقاعده شيڊول جاري ڪيو وڃي ۽ پريشر جو مسئلو حل ڪيو وڃي، ٻئي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌيڪ وڌايو ويندو.

بقايا 8 "روزاني عبرت"

ته اسان کي شڪ آهي ته نوجوان کي پنگ خاطر اغوا ڪيو ويو آهي هنن ٻڌايو ته اسان جي نوجوان کي اغوا ڪيو ويو آهي اي سيڪشن ٿاڻي تي وڃي ٺڪجي پيا آهيون پر پوليس نوجوان جي ڳولها ۾ ڪوبه سهڪار نه ٿي ڪري هنن ڊي آءِ جي سکر ايس ايس پي خيرپور کان مطالبو ڪيو ته اسان جي نوجوان کي بازياب ڪرائي پيدا ٿيل بيچيني ختم ڪئي وڃي.

بقايا 9 "روزاني عبرت"

سيد علي حسن جي معطلي فوري طور لاڳو ٿي وئي آهي نوٽيفڪيشن ۾ چيو ويو آهي ته معطل آفيسر کي ضابطن موجب پگهار ۽ الائونسز ملندا رهندا. سيد علي حسن گريڊ 18 ۾ سينيئر سپرنٽنڊنٽ آف پوليس جي عهدي تي مقرر هئا.

بقايا 10 "روزاني عبرت"

نقصان نه ٿيو جڏهن ته ٽرڪ ۾ موجود وڏي مقدار ۾ موجود اٽيو خراب ٿي ويا. علائقي واسين لاڳاپيل اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته زبون حال پل جي فوري مرمت ۽ نئين سر تعمير ڪرائي وڃي ته جيئن مستقبل ۾ اهڙن حادثن کان بچي سگهجي.

بقايا 11 "روزاني عبرت"

صدر فياض بروهي اسلم لغاري موسا زنڊپور اعجاز خاصيلي، شيراز زنگيجو ۽ ٻين ڪئي ريلي دوران سخت نعريبازي ڪندي پريس ڪلب پهچي احتجاجي مظاهرو ڪري ڪري فقير رمضان ڪلوڙ کي فوري آزاد ڪرڻ جي گهر ڪئي وئي.

بقايا 12 "روزاني عبرت"

خاتون ميٽرنٽي هوم سميت تعلقه...

اطلاع عام

INCHARGE SFU, NADRA

Oil & Gas Development Company Limited

ogdcl the energy

INVITATION TO E-BID THROUGH SAP-ARIBA DISCOVERY

E-Bids are invited for the following:

SR #	TENDER NUMBER	DESCRIPTION	CLOSING DATE & TIME
1.	OGDC-SCM-SERVICES-CSR-CB-60-3983-322083360-2026	SCHOOL BUSES FOR PICK AND DROP OF STUDENTS	08.06.2026 AT 1030 HRS
2.	OGDC-SCM-LC-PT-PNP-CHANDA-321840636-2026	LIQUID PROPANE	08.06.2026 AT 1130 HRS
3.	OGDC-SCM-LD-PT-PNP-UCH-321655267-2026	HT OFFLOAD ISOLATOR	08.06.2026 AT 1130 HRS

EXTENSION IN BID CLOSING & OPENING DATE

2. Reference our Tender Notice(s) published in newspapers on **07.04.2026**, it is notified that the bid submission/opening date of the following case is extended as follows:

SR #	TENDER NUMBER	DESCRIPTION	REVISED CLOSING DATE & TIME
1.	OGDC-SCM-FC-CB-PNP-KPD-317510070-2026	PROCUREMENT OF ELECTRO DE-IONIZATION STACK (EDI)	25.05.2026 AT 1100 HRS

3. Bidders who have already submitted/sent their proposals (bids) may take them back and re-submit the same before the revised closing date and time mentioned above.
4. All bids will be opened 30 minutes after the bids closing date & time.
5. Tender Notice/ detailed instructions are available on PPRA website at www.ppra.org.pk.
6. Tender documents are available online and bids are also required to be submitted online through e-procurement portal at https://ogdcl.com/sap-ariba-tenders or https://discovery.ariba.com/profile/AN01562899621 for details see "Instruction for Bidders Section" of the tender documents.

General Manager
(Supply Chain Management)
Oil & Gas Development Company Limited
OGDC Headquarters, Jinnah Avenue, Blue Area, Islamabad, Pakistan.
Tel: +92 (51) 920023652/3780

ogdcl.com
No. 250/64

LARGEST TAX PAYER COMPANY OF THE NATION — WE EXPLORE PROSPERITY

PID (I) 9350/25

گڏيجي پوليس پاران مبينا مقابلي بعد هڪ ڌوهاري کي مارڻ ۽ ٻئي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

خفيه اطلاع تي ڳوٺ غلام جعفر خاڪي لنڪ روڊ تي ڌوهارين سان مقابلو ٿي پيو: پوليس

فائرنگ جي ڏي وٺ دوران نوجوان نسيم منگلو موقعي تي مارجي ويو ۽ ياسين ٽنيو زخمي ٿي پيو

مقابلي دوران ڌوهارين جا ٻه ساٿي فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا، لاش ۽ زخمي کي اسپتال آندو ويو

گڏيجي(ن ع) گڏيجي جي پرسان ڳوٺ غلام جعفر خاڪي ملهيراڻي سولنگي لنڪ روڊ تي پوليس ۽ ڌوهارين ۾ مبينا مقابلو هڪ ڌوهاري ماريو ويو ۽ هڪ زخمي ٿي پيو ٻه فرار ٿي ويا.ڌوهارين جو پيڇو ڪيو

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5



گڏيجي: پوليس مقابلي ۾ مارجي ويل ۽ زخمي جي تصوير

گهوٽڪي لڳ چور راجپوت برادري جي معزز شخصيت جي گهران لکين رپين جو سامان ٻهاري ويا

گهوٽڪي(ن ع)گهوٽڪي جي علائقي ٻگو واهه محلا شمس آباد ۾ گذريل رات نامعلوم چورن راجپوت برادري جي معزز شخصيت ڊاڪٽر رائو اختر ۽ رائو سهيل اختر عرف سوني جي گهر ۾ چوري جي وڏي واردات ڪري لکين رپيا روڪ رقم سون جا زيور ۽ قيمتي سامان کڻي فرار ٿي ويا. متاثر خاندان موجب چور رات جي اونداهي ۾ گهر اندر داخل ٿيا ۽ روڪ رقم

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5



بلڙي شاهه ڪريم: ڳوٺ ولي محمد خاصخيلي ۾ معمولي ڳالهه تان ٿيل جهيڙي جو زخمي

بلڙي شاهه ڪريم پرسان ٻن ڌرين ۾ جهيڙو، 3 ڄڻا زخمي

ڳوٺ ولي محمد خاصخيلي ۾ معمولي ڳالهه تان ٿيل جهيڙو ڪهاڙين ۽ لٺين جو استعمال

زخمين ۾ نياز، قدير خاصخيلي ۽ الاهي بخش لنڊ شامل، حيدرآباد اسپتال منتقل

بلڙي شاهه ڪريم (ت ر) بلڙي شاهه ڪريم لڳ ڳوٺ ولي محمد خاصخيلي ۾ معمولي ڳالهه تان ٿيل تڪرار دوران هٿياربندن پاران ڪهاڙين ۽ لٺين سان حملو ڪري ٽن ڄڻن کي زخمي ڪري ڇڏيو زخمين ۾ نياز خاصخيلي قدير احمد خاصخيلي ۽ الاهي بخش لنڊ سميت ٽي ڄڻا شامل آهن جن کي ڳنڀير جوڳي حالت ۾ ڀرين سول اسپتال ٽنڊو محمد خان ۽ بعد ۾ وڌيڪ علاج لاءِ سول اسپتال حيدرآباد منتقل ڪيو ويو متاثر ڌر موجب خادم ولد محمد صديق خاصخيلي حاڪم ولد محمد صديق خاصخيلي، عاشق ولد محمد صديق خاصخيلي، معشوق ولد محمد صديق خاصخيلي، نور علي ۽ ٻين ساٿين گڏجي اوچتو حملو ڪيو جنهن دوران ڪهاڙين جا وار ۽ تشدد ڪيو ويو واقعي ڪانپوءِ علائقي ۾ خوف ۽ هراس پکڙجي ويو جڏهن ته عورتن ۽ ٻارڙن ۾ پڻ ڏهڪاءُ ڇانيل رهيو.اطلاع تي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي جڏهن ته جوابدارن جي گرفتاري لاءِ مختلف هنڌن تي ڇاپا هنيا پيا وڃن علائقي واسين اعليٰ

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

ٺٽون ڳوٺ غيرت جي نالي قتل ٿيل سومل چانڊيو جو والد سميت 6 ڄڻن تي ڪيس داخل

سرڪار جي مدعيت ۾ اي ايس آءِ صداقت ڪلهوڙو جي فرياد تي ناري جي والد، ڀاءُ، سئوٽ، مامو سميت 6 ڄڻن تي داخل ڪيو ويو

اطلاع تي جاءِ وردات تي پهتاسين، ناري کي غير جي نالي تي ڪارنهن جو الزام ۾ گولين هڻي قتل ڪيو ويو

ناري جي سيني ۾ چار ۽ هٿ ۾ ٻن گولين جا نشان نظر آيا، وارث نه پهچڻ تي سرڪاري فرياد تي ڪيس داخل ڪيو ويو:پوليس

ٺٽون ڳوٺ (رپورٽ: مطلوب علي سرڳاٽي) ٺٽون ڳوٺ پرسان گذريل ڏينهن شاهه پنجو ٽالٽي جي حد ڳوٺ ناري ۾ ڪارنهن الزام هيٺ مبينا سوٽ ۽ وارثن هٿان قتل ٿيل ناري سومل چانڊيو جي واقعي وارو ڪيس

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

راڻيپور واسي عورتن پاران گيس جي لوڊشيڊنگ ۽ گهٽ پريشر خلاف احتجاج

عورتن هٿن ۾ توا، ديڳڙيون ۽ ٿانوَن کڻي گيس انتظاميه خلاف نعريبازي ڪئي

فوري طور تي گيس جي لوڊشيڊنگ ختم ڪري باقاعده شيڊول جاري ڪيو وڃي

راڻي پور(ن ع)راڻيپور جي ميرپحر محلي جي رهواسي عورتن پاران گيس جي غير اعلانيه لوڊشيڊنگ ۽ گهٽ پريشر خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو جنهن دوران عورتن هٿن ۾ توا ديڳڙيون ۽ ٿانوَن کڻي گيس انتظاميه خلاف سخت نعريبازي ڪئي. احتجاج جي اڳواڻي سوشل ورڪر ۽ صحافي شماڪلا علي منگي ڪئي احتجاج ڪندڙ عورتن صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته صبح منجهند ۽ شام جي وقت گيس جو ڪو به مقرر شيڊول موجود ناهي، جڏهن ته ڪڏهن رڌ پچاءَ جي وقتن تي يا ته گيس مڪمل بند هوندي آهي يا وري پريشر انتهائي گهٽ هوندو آهي، جنهن جي ڪري ماني پچائڻ مشڪل ٿي وڃي ٿي هنن الزام لڳايو ته سوئي گئس انتظاميه گذريل ڪافي عرصي کان راڻي پور واسين سان اها زيادتي ڪري رهي آهي جڏهن ته زونل آفيسر پاران گيس فراهمي بابت ڪو واضح شيڊول جاري ناهي ڪيو ويو مظاهرين وڌيڪ چيو ته گيس هڪ بنيادي ضرورت آهي ۽ اها سهولت به ڪين صحيح نموني فراهم نٿي ڪئي وڃي، هتي 24 ڪلاڪن مان رڳو 5

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5



راڻيپور: ميرپحر محلي جي رهواسي عورتون گئس لوڊشيڊنگ خلاف احتجاج ڪندي

خيرپور واسي نوجوان 5 ڏينهن کان پراسرار طور گم، وارث پريشان، ڳولا ۾ مدد جي اپيل

خيرپور(ڊ ر)خيرپور جي اي سيڪشن ٿاڻي جي حد بچل شاهه محلي سان نوجوان فرمان علي پنهور گذريل 5 ڏينهن کان پر اسرار نموني گم وارثن پاران اغوا جو شڪ ظاهر ڪيو ويو آهي وارثن والد شير پنهور چاچو بلاول علي پنهور ۽ ڀين ٻڌايو ته گهر کان ڪنهن ڪم سانگي ٻاهر نڪري ويو هو جيڪي هن وقت تائين گهر نه آيو آهي ۽ ان جو موبائل فون به بند پيو آهي هنن چيو

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

ڪراچي: ايس ايس پي سٽي سيد علي حسن بدانتظامي ۽ نااهلي جي الزامن هيٺ معطل

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ حڪومت ايس ايس پي سٽي ڪراچي سيد علي حسن کي بدانتظامي ۽ نااهلي جي الزامن هيٺ معطل ڪري ڇڏيو آهي. معطلي جو نوٽيفڪيشن سروسز جنرل ايڊمنسٽريشن اينڊ ڪوآرڊينيشن ڊپارٽمينٽ طرفان جاري ڪيو ويو آهي. باضابطه حڪم نامي تي چيف سيڪريٽري سنڌ آصف حيدر شاهه جا صحيحون موجود آهن. حڪم نامي موجب

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

ڏگهڙي پرسان سرفراز واهه جي پل ٽٽڻ سبب اٽي سان ڀريل ٽرڪ واهه ۾ ڪري پئي

زبون حال پل اوچتو ٽٽڻ سبب ٽرڪ حادثي جو شڪار، لکين رپين جا اٽي ضايع

مقامي ماڻهن جي مدد سان ٽرڪ کي ڪڍيو ويو، علائقي ۾ خوف ۽ هراس پکڙجي ويو

ڏگهڙي(ن ع) ڏگهڙي پرسان ڳوٺ راڻون رمداڻ وٽ سرفراز واهه تي قائم پل ٽٽڻ سبب اٽي سان ڀريل ٽرڪ حادثي جو شڪار ٿي واهه ۾ ڪري پيئي جنهن جي نتيجي ۾ لکين رپين ماليت جا اٽي ضايع ٿي ويا ۽ آبادگارن کي وڏو مالي نقصان پهتو.تفصيل موجب اٽي سان ڀريل ٽرڪ معمول مطابق گذري رهيو هو ته اوچتو زبون حال پل وزن برداشت نه ڪري سگهيو ۽ ٽٽي پيو جنهن سبب ٽرڪ بي قابو ٿي واهه ۾ ڪري پيو. حادثي بعد علائقي ۾ خوف ۽ هراس پکڙجي ويو جڏهن ته اطلاع ملندي ئي مقامي ماڻهو وڏي انگ ۾ واقعي واري هنڌ پهچي ويا، ٽرڪ کي واهه مان ڪڍڻ لاءِ امدادي ڪارروايون شروع ڪيون ويون پر پاڻي ۽ گاري وڌيڪ هجڻ سبب سخت مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پيو. ان دوران ٽرڪ ڪڍڻ لاءِ آيل ٽريڪٽر پڻ واهه ۾ ڦاسي پيو جنهن سبب امدادي سرگرميون وڌيڪ متاثر ٿيون . بعد ۾ مقامي ماڻهن پنهنجي مدد پاڻ تحت ڪيترن ئي ڪلاڪن جي ڪوشش بعد ٽرڪ کي واهه مان ٻاهر ڪڍيو.خوشقسمتي سان حادثي ۾ ڪوجاني

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5



ڏگهڙي: خستا حال پل ٽٽڻ سبب اٽي سان ڀريل ٽرڪ ڪريل نظر اچي رهي آهي

ماتلي ۾ جسقم جو فقير رمضان ڪلوڙ جي گرفتاري خلاف احتجاجي مظاهرو

ماتلي (ن ع) جسقم جي وائيس چيئرمين فقير رمضان ڪلوڙ جي گرفتاري خلاف جسقم تعلقه ماتلي طرفان ريلي ڪڍي احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ٿلڪا چوڪ کان نڪرندڙ ريلي جي اڳواڻي جسقم جي مرڪزي سينئر وائيس چيئرمين آڪاش ملاح ضلع اڳواڻ اويس خاصخيلي تعلقه

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

ڊي سي سانگهڙ ٽنڊوآدم جو دورو ڪري پوليو مهم ورڪرن جي اسيمبلي ۾ شرڪت ڪئي

ٽنڊوآدم (ن ع) ڊي سي سانگهڙ ميڊم سارہ جاويد صبح سوير اوچتو ٽنڊوآدم جو دؤرو ڪيو ان موقعي تي هن ڳوٺ مير حسن مري ۾ بي بي ايڇ آءِ سينٽر تي هلندڙ پوليو مهم جي سلسلي ۾ پوليو ورڪرن جي اسيمبلي ۾ شرڪت ڪئي ۽ ڪين هدايت ڪئي ته پوليو مهم کي ڪامياب ڪرڻ لاءِ ڪردار ادا ڪيو وڃي بعد ۾ ڊي سي سانگهڙ ٽنڊوآدم ۾ مراد

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

خيرپور جي عدالت هيروئن رکڻ جو ڏوهه ثابت ٿيڻ تي جوابدار کي 14 سال قيد ۽ ڏنڊ جي سزا ٻڌائي ڇڏي

خيرپور(ڊ ر)ڪرمنل ماڊل ٽرائل ڪورٽ خيرپور جي اسپيشل جج لياقت علي ڪوسو جي عدالت جوابدار سميع الله بروهي وٽان 1500 گرام هيروئن هٿ اچڻ واري ڪيس جي ٻڌائي ٿي.عدالت جوابدار سميع الله بروهي تي 1500 گرام هيروئن رکڻ جو جرم ثابت ٿيڻ بعد ڪيس 14 سال قيد ۽ 4 لک رپيا ڏنڊ جي سزا ٻڌائي جيل موڪلڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو.عدالت

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

ڪپرو لڳ سولر پليٽ جي تارن ۾ باهه لڳڻ سبب چار گهر سڙي رک

ڳوٺ مبين راڄڙ واسي ايوب، عبدالغني، ڪاشف ۽ سليمان راڄڙ جي گهرن کي باهه وڪوڙي

باهه سبب گهرن ۾ پيل بسترا، ڪاٺ پيٽي جو سامان، زيور ۽ روڪ رقم خاڪ ٿي وئي

ڪپرو(ن ع) ڪپرو لڳ ڳوٺ مبين راڄڙ ۾ اوچتو باهه لڳڻ سبب چار گهر سڙي رک ٿي ويا. باهه ايوب راڄڙ عبدالغني راڄڙ ڪاشف راڄڙ ۽ سليمان راڄڙ جي گهرن کي پنهنجي لپيٽ ۾ آڻي ڇڏيو. ڳوٺاڻن موجب باهه سولر پليٽ جي تارن ۾ شارٽ سرڪٽ ٿيڻ سبب لڳي جيڪا تيز هوا هئڻ ڪري ڪجهه ئي دير ۾ پکڙجي وئي. باهه سبب گهرن ۾ پيل هنڌ بسترا ڪاٺ پيٽي جو سامان، زيور ۽ روڪ رقم سڙي خاڪ ٿي وئي.واقعي بعد ڳوٺاڻن پنهنجي مدد پاڻ تحت باهه تي ضابطو آڻي وڌيڪ گهرن کي سڙڻ کان بچائي ورتو جڏهن ته متاثر خاندانن وڏي نقصان سبب امداد جو مطالبو ڪيو آهي.

مانجهند پرسان مال چاريندڙ معصوم نينگر جو وڻ ۾ ٽنگيل لاش هٿ آيو

ڳوٺ بڊو جي ڪچي واري علائقي مان 12 ورهين رميش ڪولهي جو لاش مليو

وارثن لاش کي وڻ مان لاهي تعلقه اسپتال آندو جتي پوسٽ مارٽم ڪيو ويو، گهر ۾ ڪهرام

مانجهند (ن ع) مانجهند پرسان ڳوٺ بڊو جي ڪچي واري علائقي مان 12 ورهين جي مال چاريندڙ ڏنار نينگر رميش ولد والجي ڪولهي جو وڻ ۾ ٽنگيل لاش هٿ آيو جنهن اطلاع تي وارثن لاش کي وڻ مان لاهي تعلقه اسپتال مانجهند کڻائي پهتا جتي لاش جي پوسٽ مارٽم ڪئي وئي پوليس موجب لاش جي پوسٽ مارٽم ڪرائي آهي رپورٽ مان خبر پوندي ته خودڪشي ڪئي اٿس يا قتل ٿي ويو آهي ٻي طرف نينگر جي گهر ۾ ڪهرام مچي ويو

گولاڙچي ۾ عطائي ڊاڪٽرن خلاف ڇاپا، 5 ڄڻن خلاف ڪيس داخل

هيلٿ ڪيئر ڪميشن جي ٽيم مختلف هنڌن تي ڪارروايون ڪيون

اسسٽنٽ ڊائريڪٽر ڊاڪٽر ياسر امام ڪوسو جي فرياد تي ڪيس داخل ڪرايا ويا

گولاڙچي (ن ع) گولاڙچي شهر ۾ سنڌ هيلٿ ڪيئر ڪميشن جي اينٽي ڪوئڪري ٽيم پاران ڪارروائي ڪندي مختلف خانگي ڪلينڪن ۽ اسپتالن تي ڇاپا هنيا ويا، جنهن دوران ڪيترائي عطائي ڊاڪٽر ٽيم کي ڏسي پنهنجا ڪلينڪ ۽ اسپتالون ڇڏي فرار ٿي ويا. اينٽي ڪوئڪري ٽيم جي اسسٽنٽ ڊائريڪٽر ڊاڪٽر ياسر امام ڪوسو جي فرياد تي گولاڙچي ٿاڻي تي 5 ڄڻن

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5



مورو: ڳوٺاڻا زمين تي قبضي خلاف احتجاجي مظاهرو ڪندي

عمرڪوٽ: سردار شاهه ۽ خالد سراج سومرو جا اختلاف ختم، ساجد شاهه ضلعي چيف آفيسر مقرر

فريال ٽالپر ٻنهي اڳواڻن کي ڪراچي طلب ڪري ڳالهيون ٻڌڻ بعد ٻنهي ۾ ٺاهه ڪرائي ڇڏيو

سيد ساجد شاهه چارج سنڀالي ضلعي ڪونسل چيئرمين ۽ عملي سان ملاقاتون، هدايتون جاري

94 ڪروڙ رپين جي ترقياتي اسڪيمن تي جلد ڪم شروع ٿيندو، وڌيڪ 50 ڪروڙ جي منصوبن جي به منظوري جو امڪان

عمرڪوٽ (ڊ ر) عمرڪوٽ ۾ صوبائي وزير سردار شاهه ۽ ميونسپل چيئرمين خالد سراج سومرو وچ ۾ ڪافي وقت کان جاري اختلافن جو نوٽيس پي پي اڳواڻ فريال ٽالپر نوٽيس ورتو جاٿايل ٻنهي اڳواڻن ۽ سندن

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5



لاڙڪاڻو: سخت گرمي ۾ هندو برادري جا ميمبر ذرم شالا ٻاهران ٿڌو شربت تيار ڪري رهيا آهن

باڊهه ۾ سنت ساڌرام جي ورسي تي هندو برادري پاران سوڳ، سمورو ڪاروبار بند

باڊهه: هندن جي روحاني پيشوا انسانيت، محبت، ڀائيچاري ۽ مذهبي رواداري جو درس ڏيندڙ سچو سائين ساڌ رام جي ورسي تي باڊهه ۾ پوج پنچائت پاران شهر ۾ پنهنجا ڪاروبار بند ڪري سنت سوهن داس دربار ۾ ٿڌو وڇايو ويو جتي شيوڪن پاران دعا، ڀڄن ۽ عقيدت پيش ڪئي وئي. ان موقعي تي باڊهه جي مکي تارا چند، سيٺ سوراڄ، ڪڪو مل، مڪيش ڪمار ونتاش ڪمار ڪنهيا لال راڄا

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5



حيدرآباد: عيد الاضحيٰ لاءِ آندل جانور سان هڪ ڇوڪري سيلفي ڪيئي رهي آهي

ڄامشورو ۾ جوابدار پنهنجي ماڻهن کي نشو ڏئي، گهر مان زيور روڪ رقم کڻي فرار

پورهيت منصور چانڊيو جي گهر ڀاتين کي مذاق رشتيدارن نشي واري ٿاڌل پيئاري بيهوش ڪري ڦرلٽ ڪئي

بيهوش ٿيل مرد ۽ عورتون اسپتال منتقل، پوليس حدبندي جي تڪرار سبب ڪيس داخل نه ڪيو

ڄامشورو (ڊ ر) شهر جي دين محمد ڪالوني ۾ رشتيدار ڦورن گهر اندر ٿاڌل ۾ نشو ڏئي گهر ڀاتين مرد عورت کي بيهوش ڪري ڪن مان هڪ سونو والو ۽ 50 هزار روڪ رقم موبائيل فون ڦر ڪري فرار ٿي ويا هوش اچڻ متاثر ٿاڻي تي داننهون ڪرڻ لڳا پوليس حد بندي ڄاڻائي متاثرن واپس ڪري ڇڏيو ڦر متاثرن جو احتجاج بيهوش ٿيل عورت اسپتال منتقل ان حوالي سان ڦر متاثر ڪلفي وڪرو ڪندڙ پورهيت منصور چانڊيو جو چوڻ هو اسان کي پنهنجي ماڻهن طارق چانڊيو الطاف چانڊيو شام جي وقت اسان جي گهر آيا انهن اسان کي ٿاڌل ۾ نشو ملائي نشي آوار ٿاڌل پياري بيهوش ڪري هليا ويا وري رات جو دير اسان جي گهر بيهر اچي ۽ اسان ڪاڻ منهنجي گهر واري ريشما چانڊيو جي جڙ مان سونو والو لاٿو ان ۽ گهر ۾ پيل 50 هزار جي لڳ ڀڳ روڪ رقم ۽ هڪ موبائيل فون ڦر ڪري فرار ٿي ويا آهن اسان کي هوش اچڻ بعد ڏئوسين ته اهي ماڻٽ جوابدار اسان کي نشو ڏئي بيهوش ڪري ڦر ڪرڻ بعد فرار ٿي ويا ان حوالي سان ڦر

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي محمد ڪبير ۾ ڳوٺاڻن جو بدامني خلاف احتجاجي مظاهرو

اشرف راجپوت ڪوٽ واسين خان محمد بروهي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

ڳوٺ مان روز چوري جون وارداتون معمول بڻجي ويون آهن، نوٽيس ورتو وڃي

ڪوٽڙي محمد ڪبير (ن ع) گذريل رات ڪوٽڙي محمد ڪبير پرسان اشرف راجپوت ڪوٽ سان لڳو لڳ ويٺل محمد حسن بروهي جي گهر مان چوري ڪرڻ جي ارادي سان چورن جي ٽولي جي هلان ڀاڳيو سجاڳ ٿي پيو فائرنگ ڪري ڏنائين جواب ۾ چورن پڻ فائرنگ ڪندا فرار ٿي ويا، ان سلسلي ۾ ڳوٺاڻن خان محمد بروهي، اشرف راجپوت، دلمراد جتوئي ۽ ٻين احتجاج ڪندي ٻڌايو ته اسان سان چورن رڻ ٻاري ڏنو آهي هيٺئر تائين وقفي وقفي سان

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

ڪورواهه: چورواهه شاخ جي پڇڙي جي آبادگارن جو احتجاجي مظاهرو

شاخ جي ڪاٽي نه ٿيڻ خلاف آبادگارن ڪورواهه بلوري روڊ تي ڌرڻو هڻي نعريبازي

شاخ جي فوري طور ڪاٽي ڪري آبادگارن کي پاڻي ڏنو وڃي: مظاهرين

ڪورواهه (ن ع) چورواهه شاخ جي پڇڙي وارن آبادگارن پاران شاخ جي ڪاٽي نه ٿيڻ خلاف احتجاج ڪيو ويو. عظيم رند، پير بچايو شاهه مير چانڊيو ۽ وريام جت جي اڳواڻي ۾ آبادگارن ڪورواهه - بلورو روڊ تي ڌرڻو هڻي نعريبازي ڪئي، احتجاج ڪندڙن مطالبو ڪيو ته شاخ جي فوري طور ڪاٽي ڪري آبادگارن کي پاڻي ڏنو وڃي ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو.



اسلام آباد: آمريڪي ناظم الامور نيٽالي اي بيڪر آمريڪي سفارتخاني ۾ فيفا ورلڊ ڪپ 2026 جي ايم لانچ تقريب دوران فٽبال کي ڪڪ هڻندي

ڪوٽڙي سائيٽ ۾ پاڻي کوٽ خلاف رهواسي روڊن تي نڪري آيا، مظاهرو، ڌرڻو

خداجي بستي غازي مسعود ڪالوني وارڊ نمبر 11 ۾ جي رهواسين احتجاج ڪندي ريلي ڪڍي

پ پ جا ووٽر آهيون پر ملڪ اسد سميت ٻن جي هن علائقي تي نظر نه ٿي وڃي: اڳواڻ

ڪوٽڙي سائيٽ (ن ع) ڪوٽڙي سائيٽ جي علائقي خداجي بستي غازي مسعود ڪالوني وارڊ نمبر 11 ۾ پاڻي جي سخت کوٽ خلاف رهواسين امير هالو مجيد ميمڻ منان منير قريشي باادل بروهي نادر برڙو رشيد چنو ۽ عالم جي اڳواڻي ۾ احتجاجي ريلي ڪڍي سخت احتجاج ڪيو ۽ زوردار نعريبازي پڻ ڪئي اڳواڻن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته پاڻي بنيادي ضرورت آهي جنهن جي حاصلات لاءِ اسان اڳتي وڌيا آهيون . اسان بنيادي پيپلز پارٽي جا ووٽر آهيون ملڪ اسد سڪندر جي حڪم تي اسان جي علائقن جا ماڻهو گاڏيون ڀري بنگلي تي پهچندا آهن پر هن علائقي جي ڪنهن ڪنڌ تي به ڪنهن جي نظر نه ٿي وڃي هنن چيو ته اهو ماڻيلي ماءُ وارو سلوڪ آهي هڪڙي پاسي پاڻي ڏنو وڃي ۽ ٻئي پاسي جي عوام کي پاڻي لاءِ ترسايو وڃي . هنن چيو ته ميونسپل ڪميٽي جي انتظاميا جنهن ۾ فقير داد ڪوسو به شامل آهي عوامي مسئلن کان ڪن لاڪار ڪن ٿا ۽ ٻڌڻ لاءِ به تيار نه آهن ڀٽو عرف امان الدين جمالي پراڻي پاڻي

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5



ڪوٽڙي: سنڌ سبا جي سڏ تي ڊي سي آفيس ڄامشورو تائين ريلي ڪڍي احتجاجي مظاهرو ڪيو پيو وڃي

بلوري جي واهن شاخن جي ڪاٽي نه ٿيڻ ۽ گنج بحر نالي ۾ پاڻي کوٽ خلاف احتجاج

آبادگارن بلورو ڪورواهه روڊ تي چورواهه اسٽاپ تي ڌرڻو هڻي سخت نعريبازي ڪئي

ڏهن سالن کان چورواهه جافر واهه جي ڪاٽي فقط ڪاغذن ۾ ڊيڪلريل آهي: مظاهرين

ميرپور بلورو (ن ع) ميرپور بلورو جي واهن شاخن جي ڪاٽي نه ٿيڻ ۽ گنج بحر نالي ۾ پاڻي جي کوٽ خلاف آبادگارن پاران بلورو ڪورواهه روڊ تي چورواهه اسٽاپ وٽ ڌرڻو هڻي نعريبازي ڪئي وئي، ان موقعي تي مير باغو خان چانڊيو محمد خان رند، ممتاز بروهي، محسن چانڊيو ابراهيم چانڊيو وسيم رند ۽ ٻين احتجاج ڪندي ميڊيا کي ٻڌايو ته ڏهن سالن کان چورواهه جافر واهه جي ڪاٽي فقط ڪاغذن ۾ ڊيڪلريل آهي باقي سرزمين تي ڪوبه ڪم ناهي ٿيل جنهن ڪري شاخن ۾ ول ناڙا گاهه ٿي ويا آهن جنهن سان شاخون لٽجي ويون آهن اهڙي صورتحال ۾ پاڻي جو وهڪرو ناممڪن آهي هنن مطالبو ڪيو ته نوٽيس وٺي شاخن جي ڪاٽي ڪرائي پاڻي جي فراهمي کي يقيني بڻايو وڃي، ٻئي صورت ۾ سخت احتجاج ڪيو ويندو.

مورو واسي نوجوان عشق ۾ ناڪامي تي آپگهات ڪري ڇڏيو

گچيرو روڊ واسي بابر ولد علي اصغر سولنگي انتهائي قدم کنيو

نوجوان کي وارث ڪٺائي اسپتال پهتا جتي زخمن جا سور نه سهندي دم ڏئي ڇڏيو

مورو (ن ع) مورو شهر جي گچيرو روڊ جو رهواسي نوجوان بابر عرف راجو ولد علي اصغر سولنگي مٿي ۾ گولي لڳڻ سبب زخمي حالت ۾ سول اسپتال مورو منتقل سول اسپتال اندر اعلاج جون سهولتون نه هجڻ ڪري اسپتال اندر تڙپي تڙپي دم ڏئي ڇڏيو آهي فوتي جي وارثن ٻڌايو ته نوجوان گهر اندر خودڪشي ڪئي آهي پاڙي وارن جو چوڻ آهي ته فوتي نوجوان عشق ۾ ناڪامي سبب خودڪشي ڪئي آهي ٻئي پاسي مورو پوليس اطلاع ملڻ تي اسپتال پهچي وارثن کان واقع جا تفصيل وٺي جانچ شروع ڪندي خودڪشي ۾ استعمال ٿيندڙ پسٽل ۽ فوتي جي پڳل موبائل فون هٿ ڪري ورتي آهي ۽ خودڪشي جو سبب بڻجندڙ ڇوڪري جي گرفتاري لاءِ ڪوششون ڪري رهي آهي اسپتال انتظاميا قانوني ڪارروائي بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو آهي جنهن ڪانپوءِ وارث لاش ڳوٺ حاجي مالڪ ڏنو ماڇي کڻائي ويا لاش گهر پهچڻ تي گهرڀاتين ۾ ڪهرام مچي ويو

خيرپور پوليس پاران 8 جوابدارن کي گرفتار ڪري منشيات هٿ ڪرڻ جي دعويٰ

مختلف هنڌن تي ڪارروايون دوران جوابدار ذوالفقار شيخ، رياض شينو ۽ ٻين کي گرفتار ڪيو

جوابدارن وٽان نشي آور سپارين، ڀنگ، چرس ۽ شراب پڻ هٿ ڪري ڪيس داخل ڪيا ويا آهن

خيرپور(ڊ ر) گمبٽ پوليس گشت دوران حاجي غيب شاهه پرسان ڪارروائي ڪندي منشيات سپلائير جوابدار ذوالفقار شيخ کي گرفتار ڪري ان جي قبضي مان 1300 گرام چرس هٿ ڪري ڪيس داخل ڪيو جڏهن ته سوراهه پوليس سيد اسماعيل شاهه ڪالوني ۾ ڇاپو هڻي منشيات فروش جوابدار روحل شاهه کي گرفتار ڪيس جنهن وٽان 2500 گرام ڀنگ هٿ ڪري ڪيس داخل ڪيو ويو ٻي طرف ميرواهه پوليس گشت دوران مختلف هنڌن تي ڪارروايون ڪندي 2 منشيات فروش جوابدار رياض شينو ۽ زاهد حسين جوڳي کي گرفتار

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

خيرپور ۾ ايس ٽي آر تحت ڀرتي ٿيل استادن جو پگهارون نه ملڻ خلاف احتجاج

مظاهرين علي احمد شر، قمر عباس وساڻ، نسيم عباس وساڻ ۽ ٻين احتجاج ڪيو

پگهارون بند ڪري معاشي قتل عام ڪرڻ جي سازش ڪئي پئي وڃي، نوٽيس ورتو وڃي

خيرپور(ڊ ر) ايس ٽي آر تحت ڀرتي ٿيل ٻي ايس ٽي سوين استادن پاران گذريل ڪيترن ئي مهينن کان پگهارون نه ملڻ خلاف ايس ايس پي هائوس موڙ کان ريلي ڪڍي ڊي سي آفيس مين گيٽ آڏو احتجاجي مظاهرو ۽ ڌرڻو هنيو ويو.ڌرڻي جي اڳواڻي علي احمد شر، قمر عباس وساڻ ، نسيم عباس وساڻ ، عبدالجبار وساڻ ، مختيار سولنگي، خير محمد سومرو۽ ٻيا ڪري رهيا هئا استادن احتجاج کي خطاب ڪندي چيو ته گذريل 11 مهينن کان پگهارون بند آهن پگهارون بند هجڻ ڪري مسلسل پريشان آهيون هنن چيو ته اسين ايس ٽي آر تحت خيرپور ضلعي جا 1300 استاد ڀرتي ٿيا هئاسين پگهارون بند ڪري اسان کي خدڪشي ڪرڻ تي مجبور آهيون هنن چيو ته استادن هر وقت پنهنجي فرض سان نڀائيندي ديوٽي

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

راڌڻ اسسٽنٽ ڪمشنر جو بند اسڪول جو دورو

ڳوٺاڻن پاران استاد نه هجڻ ۽ تعليم کاتي جي بي ڌياني جون شڪايتون

اي سي فاطمه گهلو اگهاماڻي پاران جلد اسڪول کولڻ جو خاطري

راڌڻ (ن ع) عوامي خدمت جي جذبي سان سر شار اسسٽنٽ ڪمشنر فاطمه گهلو اگهاماڻي لڳ ڳوٺ سندو خان جت پهچي بند ڪيل اسڪول جو دورو ڪيو ڳوٺاڻن هڪ سال کان اسڪول بند هجڻ بار تعليم جي زيور کان محروم آهن جرڪو سندن بنيادي حق آهي ۽ استاد نه هجڻ سبب معصوم ٻارن جو مستقبل تباهه ٿيڻ ۽ ڳوٺاڻن جو اولاد هاري ٿيڻ جو خدشو ظاهر ڪندي اهڙيون جون شڪايتون ڪيون جڏهن ته تعليم کاتي جا آفيسر پڻ هن اهم مسئلي تي ڪن لاتار ڪيون ويٺا آهن ان سلسلي ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر فاطمه گهلو چيو ته اهڙو اطلاع ملڻ شرط مان پاڻ هتي پهتي آهيان ۽ هن جلد اسڪول کولرائي ڏيڻ جي خاطري ڪرائي ان موقعي تي قمرالدين سودر سيٺ بخش لاڪير ڊاڪٽر لياقت لاڪير راشد لاڪير حاڪم لاڪير منظور علي چانڊيو حاجي نور حسين فدا حسين علي گوهي محمد مٺل آصف لاڪير ۽ ٻيا پڻ موجود هئا.

خيرپور ويجهو جاگيراڻي برادري جي ڌرين ۾ جهيڙو، فائرنگ، هڪ ڄڻو مارجي ويو

شاهه حسين ٿاڻي جي حد ۾ سگاوتي تڪرار تان فائرنگ ۾ نوجوان سعيد خان جاگيراڻي سخت زخمي ٿي پيو

زخمي نوجوان کي ڳنڀير جوڳي حالت ۾ سول اسپتال منتقل ڪيو ويو، جتي زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي ويو

واقعي بعد علائقي ۾ خوف ۽ ڏهڪاءُ پکڙجي ويو، پوليس صورتحال تي ضابطو آڻڻ لاءِ علائقي ۾ نفري مقرر ڪئي

خيرپور(ڊ ر) خيرپور جي شاهه حسين ٿاڻي جي حد ۾ سگاوتي تڪرار تان جاگيراڻي برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو ٿي پيو جنهن دوران ٻنهي ڌرين وچ ۾ فائرنگ جي ڏي وٺ ۾ نوجوان سعيد خان ولد وريام

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5



مٽياري: ڳوٺ شاهه ڏاهري جي ڀيل برادري سٽي پريس ڪلب مٽياري تي احتجاج ڪندي

ٽنڊومحمدخان ۾ 2 الڳ الڳ حادثن ۾ 5 ڄڻا سخت زخمي، اسپتال داخل

ٽنڊومحمدخان (ڊ ر) ٽنڊومحمدخان ۾ 2 الڳ الڳ حادثن واقعين ۾ 5 ڄڻا سخت زخمي اسپتال داخل خبر موجب ٽنڊومحمدخان جي ڳوٺ ولي محمد خاصخيلي ۾ معمولي ڳالهه تان جهيڙو ٿيڻ ڪري لٺين ۽ ڪهاڙين جي لڳڻ ڪري 3 نوجوان هرهڪ قدير ،الاهي بخش،نياز خاصخيلي سخت زخمي ٿي پيا جن کي فوري طبي امداد لاءِ ڊي ايڇ ڪيو

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5



باڊهه: مسخ برادري جون عورتون مبينا ناجائزين خلاف احتجاج ڪندي

ڀٽ شاهه: فصل جي ڀيل تان سهتا ۽ پٺاڻ برادري ۾ تڪرار برقرار

سهتا برادري تي حملي جو ڪيس 18 ڄڻن خلاف داخل، فائرنگ ۽ زخمي ڪرڻ جا الزام

پٺاڻ برادري پاران به جوابي ايف آءِ آر داخل ڪرائڻ لاءِ ٿاڻي پهتي، جسقم اڳواڻن جو متاثرن سان ملاقات

ڀٽ شاهه (ن ع) ڀٽ شاهه جي نڪري ۾ فصل جي ڀيل تان ٿيل جهيڙي بعد سهتا ۽ پٺاڻ برادري جي ڌرين ۾ تڪرار برقرار آهي ڀٽ شاهه ٿاڻي تي سهتا برادري تي حملي ۽ زخمي ڪرڻ جو ڪيس پٺاڻ برادري جي 18 ماڻهن خلاف داخل ڪيو ويو پٺاڻ برادري جا ماڻهو به سهتا برادري جي ماڻهن مٿان ڪيس داخل ڪرائڻ لاءِ ڀٽ شاهه ٿاڻي تي پهتل آهن سهتا برادري جي لونگ سهتو جي فرياد تي داخل ڪيل ڪيس ۾ پٺاڻ برادري جي 9 ڄڻن جا نالا شامل ڪيا ويا جڏهن ته ايف آءِ آر ۾ 9 نامعلوم ماڻهو به شامل آهن ڪيس ۾ نامزد ڪيلن ۾ شهزاد پٺاڻ ،احمد شاهه حڪمران، باز خان ،عبدالرحمان ،ڪامران ،جلال خان، سعيد شاهه ،عابد شاهه ۽ وڌيڪ 9 نامعلوم به شامل آهن فريادي ڪيس ۾ موقف اختيار ڪيو ته شهر پرسان يونيورسٽي روڊ تي پٺاڻ برادري جي چوپايو مال فصل جو ڀيل ڪيو جتي اسان جا نوجوان زمين ۾ ڪم ڪري رهيا هئا جڏهن چوپايو مال کي هڏي ٻيهاري ڇڏيو جنهن تي ڪيس ۾ نامزد ڪيل جوابدار هٿن ۾

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

ميهڙ ۾ 17 سالن جي نوجوان زهريلي دوا پي خودڪشي ڪري ڇڏي

ميهڙ(ن ع) ميهڙ جي علائقي داڻود مهيسر ۾ افسوسناڪ واقعو پيش آيو آهي، جتي 17 ورهين جي نوجوان اويس ولد سرور سيال زهريلي دوا پي خودڪشي ڪري ڇڏي آهي. ذريعن موجب واقعي ڪانپوءِ علائقي ۾ ڏک ۽ سوڳ جي لهر ڇانيل آهي، جڏهن ته واقعي جا اصل ڪارڻ معلوم ڪرڻ لاءِ ڪوششون جاري آهن.

خيرپور سول اسپتال ۾ گندي پاڻيءَ جي نيڪال واري نظام جي ناڪامي

گندگي سبب مريضن ۽ وارثن کي سخت پريشانين کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي

ايمرجنسي وارڊ مان گندو پاڻي نيڪال ڪرائي مستقل بنيادن تي درست ڪرايو وڃي: رهواسي

خيرپور(ڊ ر)خيرپور جي سول اسپتال ۾ گندي پاڻيءَ جي نيڪال واري نظام جي ناڪامي سبب هڪ ڀيرو ٻيهر مريضن ۽ سندن وارثن کي سخت پريشانين کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي، جتي گندي پاڻيءَ جي نيڪال وارا پائيپ ڦاٽڻ سبب گندو پاڻي اسپتال جي ايمرجنسي وارڊ اندر ڀيهجي ويو آهي گندو پاڻي ڀيهجي وڃڻ ڪري ايمرجنسي وارڊ ۾ ايڊمٽ ٿيندڙ مريضن عورتن ٻارن ۽ سندن وارثن کي سخت تڪليف پيش اچي رهي آهي جڏهن ته بدبوءِ ۽ گندگي سبب اسپتال جو ماحول پڻ خراب ٿي ويو آهي مريضن جي وارثن جو چوڻ آهي ته ايمرجنسي جهڙي اهم شعبي ۾ صفائي سٿرائي جو انتظام نه هجڻ انتظاميا جي نااهلي جو واضح ثبوت آهي شهرين ٻڌايو ته ڪجهه ڏينهن اڳ به گٽر لائين ڦاٽڻ سبب گٽرن جو گندو پاڻي ايمرجنسي وارڊ اڳيان ڀيهجي ويو هو جنهن ڪانپوءِ عارضي طور صفائي ڪرائي وئي، پر مستقل بنيادن تي مسئلو حل نه ٿيڻ ڪري صورتحال ٻيهر خراب ٿي وئي آهي واضح رهي ته سنڌ جي اڳوڻي وڏي وزير سيد قائم علي شاهه

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

خيرپور پوليس ٽريننگ سينٽر ۾ ڪراچي واسي نوجوان گرمي سبب بيهوش، اسپتال داخل

خيرپور(ڊ ر) ڪراچي جو رهواسي نوجوان محسن علي جيڪو پوليس ٽريننگ سينٽر خيرپور ۾ ٽريننگ حاصل ڪرڻ لاءِ آيل هو سخت گرمي ۽ حبس سبب اوچتو بيهوش ٿي ڪري پيو واقعي ڪانپوءِ ٽريننگ سينٽر

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

نوشهروفيروز ويجهو ٽرڪ ۽ موٽرسائيڪل ۾ ٽڪر سبب هڪ ڄڻو ڇيهاڇيهو ٿي فوت، ٻيو زخمي

نيشنل هائي وي تي پيش آيل حادثي ۾ پ پ ايم پي اي ممتاز چانڊيو جو ڊرائيور عبدالرزاق ٿڏي تي دم ڏنو

اطلاع تي پوليس ۽ ريسڪيو ٽيمن زخمي ۽ لاش ڪڻائي اسپتال مان پوسٽ مارٽم بعد لاش وارثن حوالي ڪيو

نوشهروفيروز(رپورٽ:شاهد علي چنه)نيشنل هائي وي تي ٽرڪ جو موٽر سائيڪل کي ٽڪر شڪارپور واسي هڪ ڄڻو ٿڏي تي فوت اطلاع تي ريسڪيو ٽيم پهچي لاش کي سول اسپتال نوشهروفيروز پهچايو جڏهن

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5



بوزدارواڍا: پوليس پاران گشت دوران گرفتار ڪيل منشيات فروش

بوزدار وڍا پوليس پاران جوابدار کي منشيات سميت گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

بوزدارواڍا (ن ع) بوزدارواڍا ٿاڻي جي ايس ايڇ او عبدالشڪور وساڻ سپاهه سميت گشت دوران بوزدارواڍا مٺ لنڪ روڊ درگاهه شادي شهيد پرسان جوابدار ولي محمد عرف ولو ولد علي مراد بوزدار ڪوڪوي کي گرفتار ڪري تلاشي دوران 2400 گرام مارشلا ڀنگ هٿ ڪرڻ جي دعوي ڪئي آهي. پوليس گرفتار جوابدار کي ٿاڻي تي ڪٺي آڻي ۽ سرڪار پاران اي ايس آءِ علي بخش

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

ايس ايس پي خيرپور ٻن اهلڪارن کي شڪايتن تي معطل ڪري ڇڏيو

بي ضابطگي ۽ بسيپلين جي ڀڃڪڙي تي ڪابه سمجهوتو نه ڪيو ويندو: ايس ايس پي خيرپور

خيرپور(ڊ ر) خيرپور: ايس ايس پي ڪئپٽن (ر) امير سعود مگسي سوشل ميڊيا تي وائرل ٿيل وڊيو جو سخت نوٽيس وٺندي 2 پوليس اهلڪارن کي معطل ڪري ڇڏيو آهي.وائرل وڊيو ۾ ڪري ميرواهه ٿاڻي تي مقرر پوليس اهلڪار نزاڪت شر الزام لڳايو ته ڪانٽس WPC رحمت الله شر پئسا گهري رهيو هوايس ايس پي خيرپور ٻنهي اهلڪارن کي معطل ڪري، جاچ ايس پي هيڊڪوارٽر ظهور احمد سومرو حوالي ڪري ڇڏي آهي.جاچ رپورٽ اچڻ کان پوءِ ملوث

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 5

ڄامشورو لڳ ڪرياني اسٽور تي پوليس چڙهائي، دوڪاندار کان روڪ رقم ڦر، متاثر جو احتجاج

ڄامشورو (ڊ ر) ڄامشورو شهر جي ڳوٺ سائين ڏنو ملاح ۾ هڪ ڪرياني جي دوڪان تي چڙهائي ڪرڻ بعد سڄي دوڪان کي سرچ ڪرڻ بعد ڪجهه به نه ملڻ بعد واپس هليا ويا ان حوالي سان دوڪان مالڪ واجد حسين ملاح چيو

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 5

ڄامشورو ۾ بحريه ٽائون فيز ٽو مڪمل زمينن ايراضي سرڪاري تحويل ۾ ورتي وئي

ڊپٽي ڪمشنر غضنفر علي قادري ڦاريسٽ کاتي جي ڪنزرويٽر سان گڏجي ايراضي سيل ڪئي

ديهه ٻپر بند، ديهه هٿل بند، ديهه مول، ديهه سري ۽ ديهه انٻلاڙ جي ايراضي تحويل ۾ ورتي وئي

ڄامشورو(ڊ ر) ڊپٽي ڪمشنر ڄامشورو غضنفر علي قادري ڦاريسٽ کاتي جي ڪنزرويٽر سان گڏجي نيب ڪراچي جي هدايتن تي عمل ڪندي، بحريه ٽائون فيز ٽو جي پروجيڪٽ بحريه گرينس ۽ مختلف پريسنڪس جڏهن ته فيز ٽو جي سموري ايراضي پنهنجي تحويل ۾ وٺي مڪمل پابندي لاڳو ڪري ڇڏي آهي ڊپٽي ڪمشنر موجب بحريه ٽائون فيز ون جي

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 5

ڏگهڙي پوليس جي ڪارروائي، سفينا هٿ، هڪ جوابدار گرفتار

ڏگهڙي(ن ع) ڏگهڙي پوليس منشيات فروشن خلاف ڪارروائي ڪندي مظفر پيٽرول پمپ پرسان ڇاپو هڻي جوابدار ڪاشف راجپوت کي گرفتار ڪري ورتو.

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 5

ماتلي پوليس ۽ سي آءِ اي بدين پوليس جو گودام تي ڇاپو، اڍائي ڪروڙ جو منشيات سامان هٿ

سي آئي اي انچارج ۽ ايس ايڇ او ماتلي جيم خانا ڪالوني ۾ بند پيل گدام تي ڇاپو هنيو

گودام مان نشي آور سفينا سميت مختلف برانڊن جا 115 ڪٽا ۽ مين پڙين ۾ استعمال ٿيندڙ مٽريل برآمد

ڪارروائي دوران ٽن حاضر سروس پوليس اهلڪار قادر جٽ سندس پٽ فهيم جٽ ۽ دڪاندار شاهد ڪشميري فرار ٿي ويا

بدين /ماتلي(نمائندن وٽان) ماتلي شهر جي جيم خانا جي پرسان ڪالوني ۾ ماتلي پوليس ۽ سي آئي اي بدين پوليس گڏيل ڪارروائي ڪندي هڪ گودام تي ڇاپو هڻي اٽڪل اڍائي ڪروڙ کان وڌيڪ ماليت جو مضر صحت پابندي پيل مين پڙيون سفينا گهٽڪو ۽ گهٽڪو ٺاهڻ ۾

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 5



سجاول: مريم مجيدي جي وفات تي سسئي پليجو سندس رهائشگاهه تي تعزيت ڪندي

مورو ۾ ڳوٺاڻن جو مبينا زمين تي قبضي خلاف احتجاج، انصاف ۽ تحفظ جو مطالبو

مورو(ن ع) مورو ويجهو ڳوٺ ڏنگاٽو مري واسي حبيب الله مري ۽ خادم حسين مري جو زرعي زمين تي مبينا قبضو ڪرڻ ۽ ڪوڙا الزام ڏئي ڪوڙا ڪيس داخل ڪرڻ واري عمل خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو احتجاج ڪندڙ ڀائرن جو چوڻ هو ته اسان جي زرعي زمين 52 ايڪڙ آهي جنهن تي سؤٽن ۽ چاچي پاران قبضو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي جيڪي اسان کي

بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 5

مورو ۾ ڳوٺاڻن جو مبينا زمين تي قبضي خلاف احتجاج، انصاف ۽ تحفظ جو مطالبو

مورو(ن ع) مورو ويجهو ڳوٺ ڏنگاٽو مري واسي حبيب الله مري ۽ خادم حسين مري جو زرعي زمين تي مبينا قبضو ڪرڻ ۽ ڪوڙا الزام ڏئي ڪوڙا ڪيس داخل ڪرڻ واري عمل خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو احتجاج ڪندڙ ڀائرن جو چوڻ هو ته اسان جي زرعي زمين 52 ايڪڙ آهي جنهن تي سؤٽن ۽ چاچي پاران قبضو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي جيڪي اسان کي

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي سائيٽ ۾ ڪنفيڪشنري دڪان مان اڍائي لک روڪ ۽ 3 موبائل فون ۽ ٻيو سامان ڦر

هٿيارٻند ڦورن دڪان مالڪ اشفاق احمد چانڊيو ۽ ملازمن کي يرغمال بڻائي ڦرلٽ ڪئي

عيد ويجهي ايندي ئي ڦرلٽ جون وارداتون معمول بڻجي ويون، شهرين ۽ واپارين جو احتجاج

ڪوٽڙي سائيٽ (ن ع) ڪوٽڙي سائيٽ ايريا ڪوٽڙي جي هڪ هول سيل ڪنفيڪشنري شاپ تي هٿيارٻند ڦورن گن پوائنٽ دڪان مالڪ اشفاق احمد چانڊيو ۽ ملازمن کي يرغمال بڻائي اڍائي لک ڪيش رقم ۽ 3 موبائل فون ۽ ٻيو قيمتي سامان ڦر ڪري آساني سان فرار ٿي ويا ٻئي طرف دڪاندار اشفاق حسين چانڊيو پنهنجو مؤقف ڏيندي چيو آهي ته هاڻي ته اسان ڪلي ڪاروبار به نه ٿا سگهون . هتي قانون هوندي لاقانونيت آهي پوليس کي خبر به آهي جڏهن عيد ويجهي ايندي آهي ته عيد کان پهرين عيد ڪمائڻ ڦورو پهچي ويندا آهن آخر ڪنهن در داتهن ڏيون ، هن چيو ته هي پهريون واقعو ڪونهي بار بار ائين ٿيندو آهي واقعي بعد واپاري برادري ۽ علائقي واسين ۾ خوف ۽ بيچيني پکڙيل آهي جڏهن ته مصروف روڊن تي به شهري پاڻ کي غير محفوظ سمجهڻ لڳا آهن متاثرن ڏرين پاران ايس ايڇ او سائيٽ ڪوٽڙي ڊي ايس پي ڪوٽڙي ۽ ايس ايس پي ڄامشورو کان مطالبو ڪيو آهي ته فوري ڪارروائي ڪري جوابدارن کي گرفتار

بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 5

ٺٽو ۽ ڄامشورو جي زمينن تي بااثر ڌرين ناجائز والار ۽ قبضا ڪيا آهن: رياض چانڊيو

سنڌ اندر بک، بدحالي، بيروزگاري، بدامني ۽ وسيلن تي قبضا ڏينهون ڏينهن وڌندا پيا وڃن

سنڌي عوام کي پنهنجي ئي ڌرتي تي بنيادي حقن کان محروم ڪيو پيو وڃي: پريس ڪانفرنس

نوري آباد (ن ع) جيئي سنڌ محاذ جي چيئرمين رياض چانڊيو نوري آباد پريس ڪلب تي اهم پريس ڪانفرنس ڪندي چيو آهي ته سنڌ اندر بک، بدحالي، بيروزگاري، بدامني ۽ وسيلن تي قبضا ڏينهون ڏينهن وڌندا پيا وڃن جڏهن ته سنڌي عوام کي پنهنجي ئي ڌرتي تي بنيادي حقن کان محروم ڪيو پيو وڃي، هن چيو ته ٺٽو ڄامشورو ضلعن جي زمينن تي بااثر ڌرين پاران ناجائز والار ۽ قبضا جاري آهن جڏهن ته ڪوهستان جا جبل پهاڙ ۽ قدرتي وسيلا جيڪي سنڌ جي سونهن ۽ سڃاڻپ آهن تن کي بي رحمي سان ڪٽي تباهه ڪيو پيو وڃي، ڪيترن ئي علائقن جي اجا ڏائين سروي نه ٿيڻ سبب مقامي ماڻهن ۾ سخت بيچيني پکڙيل آهي، رياض چانڊيو الزام هنيو ته منشيات خلاف ڪارروايون صرف ڏيکاءُ بڻيل آهن جڏهن ته بلوچستان جي سرحدي علائقن مان ڪوهستان ۾ سرعام منشيات آندي ۽ وڪرو ڪئي پئي وڃي جنهن سبب نوجوان نسل تباهي، بربادي ۽ ذهني ور ور چڙهي رهيو آهي هن وڌيڪ چيو ته ڪينجهر ڍنڍ جو پاڻي ڪراچي ۽

بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 5



حيدرآباد: حڪومت سنڌ پاران 166 سال پراڻي تاريخي سينٽ ٿامس ڪيٿڊرل چرچ جي مرمتي ڪم جو ڊپٽي آرچ بشپ ڪليم جان معائنو ڪندي



نوري آباد: جسم چيئرمين رياض چانڊيو پريس ڪانفرنس ڪندي

ٽنڊومحمدخان ۾ رمضان ڪلهوڙو جي گرفتاري خلاف جسقم جو احتجاج

ٽنڊو محمد خان(ڊ ر) ٽنڊو محمد خان ۾ قومي ڪارڪن فقير رمضان ڪلهوڙو جي گرفتاري خلاف جئي سنڌ قومي محاذ جي ڪارڪنن پاران پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو احتجاجي مظاهري کي جئي سنڌ محاذ جي ضلعي اڳواڻ عنايت ڪنڀار ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته قومي ڪارڪن فقير رمضان ڪلهوڙو کي فورن آزاد ڪرڻ جو مطالبو

بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 5

باڊهه ٽائون چيئرمين زوار بدرالدين ساريو جي پٽ فهيم علي جي ٻي ورسي، مجلس عزا منعقد

باڊهه (ن ع) باڊهه ٽائون ڪاميٽي چيئرمين زوار بدرالدين ساريو جي پٽ فهيم علي ساريو جي ٻئين ورسي جي موقعي تي سندس روح کي ايصال ثواب پهچائڻ لاءِ مدرسه علي اميرالمؤمنين ۾ مجلس منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ باڊهه ۽ آسپاس جي مختلف علائقن کان مؤمنين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي مجلس ۾ قصيده خوانن شان اهلبيت ۾ قصيده پيش ڪيا جڏهن

بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 5

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي جاري ڪيو.